

# فیضانِ بسم اللہ


شیخِ طریقت، امیرِ اہلسنت، بانیِ دعوتِ اسلامی حضرت علامہ مولانا ابو بلال

محمد الیاس عطار قادری رضوی دامت برکاتہم العالیہ

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ ؕ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ ؕ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# فيضانِ بِسم الله

**الله جي محبوب داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمائن تا، ”جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود موڪلي الله تعاليٰ **ان تي ڏهہ ڀيرا رحمت** نازل فرمائيندو.“

**(صحيح مسلم ج ١ ص١٧٥ رقم الحديث ٤٠٨ )**

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اَڌورو ڪم

**سرڪارِ مڪّهء مڪرّمہ،سردارِ مدينهء منوَّره** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو،”جيڪو بہ **اهم** ڪم بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ سان شروع ناهي ڪيو ويندو اهو اڌورو رهجي ويندو آهي.“

**(الدرالمنثورج١ ص٢٦ )**

## بِسۡمِ اللّٰہِ پڙهندارهو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڪائڻ ڪارائڻ، پيئڻ پيارڻ، رکڻ کڻڻ، ڌوئڻ، پچائڻ، پڙهڻ، پڙهائڻ، هلڻ (گاڏي وغيره) هلائڻ، ويهڻ ويهارڻ، بتي ٻارڻ، پکو هلائڻ، دسترخوان رکڻ کڻڻ،

بسترو وڇائڻ ويڙهڻ، دڪان کولڻ، وڌائڻ، تالوکولڻ بند ڪرڻ، تيل وجهڻ، عطر لڳائڻ، بيان ڪرڻ، نعت شريف پڙهڻ، جُتي پائڻ، عمامو سجائڻ، دروازو کولڻ، بند ڪرڻ، مطلب تہ هر جائز ڪم جي شروع ۾ (جڏهن تہ ڪا شرعي ممانعت نہ هجي) بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهڻ جي عادت بڻائي ڪري ان جون برڪتون حاصل ڪرڻ عين سعادت آهي.

## جنن کان سامان جي حفاظت

حضرتِ سيّدُنا صَفوان بن سُلَيم رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فرمائن ٿا، انسان جي ساز و سامان ۽ ڪپڙن کي جنّ استعمال ڪندا آهن تنهن ڪري توهان مان جڏهن بہ ڪو شخص ڪپڙا (پائڻ جي لاءِ) ڪڍي يا (لاهي) رکي تہ ”بِسۡمِ اللّٰه شريف“ پڙهي وٺندو ڪري ان جي لاءِ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو نالو مُهر آهي. (يعني بِسۡمِ اللّٰه پڙهڻ سان جنّ انهن ڪپڙن کي استعمال نہ ڪندا)

(لقط المرجان في احكام الجان للسيوطي ص 98)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ائين ئي هر شيءِ رکندي کڻندي بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهڻ جي عادت بڻائڻ گهرجي. اِنۡ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! شرير جنّن جي هٿ چُراند کان حفاظت حاصل ٿيندي.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بسم الله صحيح پڙهو

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهڻ ۾ صحيح اچار سان اکرن جي ادائيگي لازمي آهي ۽ گهٽ ۾ گهٽ ايترو آواز بہ ضروري آهي جو رڪاوٽ نہ هجڻ جي صورت ۾ پنهنجن ڪنن سان ٻُڌي سگهجي. جلد بازي ۾ڪجهہ ماڻهو اکر چٻاڙي ويندا آهن. ڄاڻي واڻي ائين پڙهڻ منع آهي ۽ معنيٰ فاسد ٿيڻ (يعني بگڙجڻ) جي صورت ۾ گناهہ. تنهنڪري جلدي جلدي پڙهڻ جي عادت جي سبب جيڪي ماڻهوغلط پڙهندا آهن، سي پنهنجي اصلاح ڪري وٺن ۽ جتي پوري پڙهڻ جو ڪو خاص سبب موجود نہ هجي اتي رُڳو بِسۡمِ اللّٰه چئي ڇڏيندا تہ بہ صحيح آهي.

## هلچل مچي وئي

حضرتِ سيّدُنا جابر بن عبدالله رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا فرمايو، جڏهن بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم نازل ٿي تڏهن ڪڪر اوڀر ڏانهن ڀڄڻ لڳا، هوائون رڪجي ويون، سمنڊ جوش ۾ اچي ويو، چوپاين غور سان ٻُڌڻ لاءِ پنهنجا ڪن لڳايا ۽ شيطانن کي آسمانن مان پٿر هنيا ويا ۽ الله عَزَّوَجَلَّ فرمايو، "مون کي منهنجي عزّت ۽ جلال جو قسم! جنهن شيءِ تي بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي وئي مان ان ۾ بَرَڪت ڏيندس."

(الدرالمنثورج 1 ص 26)

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم 19 هين سيپاري ۾ **سورة النمل** جي 30 هين آيت جو حصو به آهي ۽ قرآن مجيد جي هڪ پوري آيتِ مبارڪ به جيڪا ٻن سورتن جي وچ ۾ وٿي ڪرڻ جي لاءِ لاٿي وئي. (حلبي ڪبيرص 307)

## بِسْمِ اللّٰه جي "ب" جي جامعيت

**اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ ڪجهه نبين سڳورن عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تي صحيفا ۽ ڪتاب نازل فرمايا، جن جو تعداد **104** آهي. انهن مان **50 صحيفا** حضرتِ سيّدُنا شيث عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تي، **30 صحيفا** حضرتِ سيّدُنا ادريس عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تي، **10 صحيفا** حضرتِ سيّدُنا ابراهيم عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تي **10 صحيفا** حضرتِ سيّدُنا موسيٰ ڪليم **اللّٰه** عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تي

توريت شريف نازل ٿيڻ کان پهريان نازل ٿيا ۽ پڻ چار وڏا ڪتاب نازل ٿيا:.

﴿1﴾ **توريت شريف** حضرتِ سيّدُنا موسيٰ ڪليم **اللّٰه** عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تي.

﴿2﴾ **زبور شريف** حضرتِ سيّدُنا داود عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تي.

﴿3﴾ **انجيل مقدس** حضرتِ سيّدُنا عيسيٰ روح **اللّٰه** عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تي. ۽

﴿4﴾ **قرآنِ مُبِين** جناب رَحمة لِّلعٰلَمين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي

(الاحسان بترتيب صحيح ابن حبان ج1 ص 288 حلية الاولياء ج 1 ص 222 ملخصا)

انهن سڀني ڪتابن ۽ ڪل صحيفن جو متن ۽ مضمون قرآن

مجيد ۾ ۽ سڀ قرآن مجيد جو مضمون سورهٔ فاتحه ۾ ۽ سورهٔ فاتحه جو سڄو مضمون بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم ۾ ۽ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم جو سڄو مضمون ان جي اکر ”ب“ ۾ موجود آهي ۽ ان جي معنيٰ هي آهي تہ بِيۡ كَانَ مَا كَانَ وَبِيۡ يَكُوۡنُ مَا يَكُوۡنُ (يعني جيڪو ڪجهہ بہ آهي مون (يعني **الله**) کان ئي آهي ۽ جيڪو ڪجهہ ٿيندو مون (يعني **الله** عَزَّوَجَلَّ) کان ئي ٿيندو.)

(المجالس السنية ص 3)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اِسمِ اعظم

**حضرتِ سيّدُنا عبدالله ابنِ عباس** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُمَا کان روايت آهي تہ **اميرالمؤمنين حضرتِ سيّدُنا عثمان ابن عفَّان** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ نبين جي سلطان، سرورِ ذيشان، سردارِ دو جهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم جي فضيلت جي باري ۾ استفسار ڪيو تہ **الله** جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الۡعُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو تہ هي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي نالن مان هڪ نالو آهي ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي **اسم اعظم** ۽ هن جي وچ ۾ ايتري ويجهڙائپ آهي جيتري اک جي ڪارانڻ (ماڻڪي) ۽ اڇاڻ ۾. (المستدرك للحاكم ج1 ص 738 رقم الحديث 2071)

## اسم اعظم سان دعا قبول ٿيندي آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! **اسم اعظم** جون ڪيتريون ئي برڪتون آهن، **اسم اعظم** سان جيڪا دعا گهري وڃي اها قبول

تي ويندي آهي. سرڪارِ **اعلي حضرت** رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جا والد سڳورا حضرت **رئيس المتڪلمين** مولانا نقي علي خان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا، ”ڪجهه عالمن بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم کي **اسم اعظم** چيو آهي. سرڪارِ بغدادِ حضورِ غوثِ پاڪ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان منقول آهي، بِسۡمِ اللّٰه عارف (يعني **الله** عَزَّوَجَلَّ کي سڃاڻڻ واري) جي زبان مان ائين آهي جيئن خالق عَزَّوَجَلَّ جي ڪلام مان ”ڪُن“. (”ڪُن“ يعني ” ٿي وڃ“) **(احسن الوعاء ص6)**

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پنهنجن نيڪ ۽ جائز ڪمن ۾ برڪت وجهڻ جي لاءِ اسان کي اڳ ۾ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم ضرور پڙهڻ گهرجي جيڪڏهن توهان هر هر ڳالهه تي بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهڻ جي عادت بڻائڻ جا خواهشمند آهيو ته **دعوتِ اسلامي** جي سنّتن جي تربيت جي **مدني قافلن** ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀرئي سفر کي پنهنجو معمول بڻائي ڇڏيو. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي** جي مدني قافلن ۾ دعائون گهرڻ وارن جا مسئلا حل ٿيڻ جا ڪيترائي واقعا ملندا رهندا آهن. جيئن ته:

## نڪ جي هڏيءَ جو سڌو ٿيڻ

**هڪ** اسلامي ڀاءُ جو بيان پنهنجي انداز ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو، منهنجي نڪ جي هڏي ٽيڙي هئي، اکين ۽ مٿي ۾ سور به پيڇو ڪونه ڇڏيندو هو، مون **مدينة الاولياء** ملتان شريف

۾ واقع نشتر ميڊيڪل اسپتال ۾ آپريشن ڪرائڻ جو ارادو ڪيو هو. ان ڪان اڳ عاشقانِ رسول جي سنّتن جي تربيت لاءِ **مدني قافلي** سان گڏ پاڪ پتڻ شريف جي سنّتن ڀرئي سفر جي سعادت حاصل ٿي. پهريان ڪان ئي ٻُڌو هيم تہ **مدني قافلي** ۾ دعائون قبول ٿينديون آهن. تنهنڪري مون خدا عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ دعا ڪئي **يا الله** عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي جي مدني قافلي** جي برڪت سان منهنجي نڪ جي هڏي صحيح فرماءِ. **مدني قافلي** ڪان واپسيءَ جي ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ نڪ جي هڏيءَ ڪي جو غور سان ڏٺم تہ منهنجي خوشيءَ جي انتها نہ رهي ڇو تہ عاشقانِ رسول جي قرب ۾ رهي ڪري **مدني قافلي** جي صدقي گهريل دعا جي قبوليّت ڪليل اکين سان نظر اچي رهي هئي، ۽ اها هيئن تہ منهنجي **نڪ جي ٽيڙي هڏي** بلڪل نيڪ ٿي چُڪي هئي!

سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو | لوٹنے رَحمتیں قافلے میں چلو
لینے کو بَرَکتیں قافلے میں چلو | پاؤگے راحتیں قافلے میں چلو

ٹیڑھی ہوں ہڈّیاں ہوں گی سیدھی میاں
دَرْد سارے مٹیں قافلے میں چلو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيشڪ مسافرن جي دعا قبول آهي ۽ وري راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ جو مسافر هجي ۽ ويتر هي تہ عاشقانِ رسول جي قرب ۾ دعا گهري وڃي تہ اها ڇو نہ قبول ٿيندي.

سرڪارِ اعلىٰ حضرت رَحْمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جا والد ماجد رئيس المتڪلمين حضرت مولانا نقي علي خان رَحْمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ "**احسن الوعاء**" جي ص 57 تي دعا جي قبوليّت جي **آداب** مان 23 هون "**ادب**" بيان ڪندي فرمائن ٿا اولياءِ ڪرام ۽ "عالمن جون مجلسون" (يعني ڪنهن بہ ولي ۽ سُنّي عالم جي محفل ۾ يا انهن جي قرب ۾ رهندي دعا گهرندؤ تہ قبول ٿيندي.) ان "ادب" جي حاشيي ۾ سرڪارِ اعلىٰ حضرت رَحْمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ولين ۽ عالمن جي باري ۾ فرمائن ٿا، رب عَزَّوَجَلَّ صحيح حديث قدسي ۾ فرمائي ٿو، هُمُ الْقَوْمُ لَايَشْقٰى بِهِمْ جَلِيْسُهُم. يعني "هي اهي ماڻهو آهن جو انهن وٽ ويهڻ وارو بدبخت ناهي رهندو." (احسن الوعاء ص57 مطبوعه مڪتبة المدينه ڪراچي)

يَك زَمانہ صُحبَتِ با اَولياء    بِهتَر اَز صَد سالہ طاعَت بے رِيَا

(يعني ولين سڳورن جي هڪ گهڙي جي صحبت)   (سؤ سالن جي خالص عبادت ڪان بهتر آهي)

ولي چاهي ظاهري حياتي ۾ هجي يا مزارشريف ۾ آرامي هجي ان جو قرب دعا جي قبوليت جو سبب آهي. ڪروڙين شافعين جا پيشوا حضرتِ سيّدُنا امام شافعي فرمائن ٿا تہ مون ڪي جڏهن بہ ڪا حاجت پيش ايندي آهي تہ ٻہ رڪعتون نماز پڙهي ڪري امام اعظم ابوحنيفہ رَحْمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي مزارِ پُر انوار تي وڃي دعا گهرندو آهيان ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ منهنجي حاجت پوري ڪري ڇڏيندو آهي. (الخيرات الحسان ص 230 مدينه پبليشنگ ڪراچي)

## اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْه جي ڪرامت

**معلوم** ٿيو تہ ولين جي مزارن تي بہ دعائون قبول ٿينديون آهن، التجائون ٻڌيون وينديون آهن، مُرادون پوريون ٿينديون آهن. جيئن تہ سرڪارِ اعلیٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْه جڏهن **21** سالن جا نوجوان هئا ان وقت جو واقعو پاڻ انهن جي زباني ٻڌو، جيئن تہ فرمائن ٿا،"ماهِ فاخر **ربيع الآخر 1293**هہ سترهين شريف جو جڏهن فقير کي ايڪويهون سال هيو. اعلیٰ حضرت مصنف علامہ سيّدُنا الْوالد قدس سرہُ الْماجد ۽ حضرت مُحِبُّ الرسول جناب مولٰينا مولوي محمد عبدالقادر صاحب بدايوني دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة سان گڏ حضورِ پُرنُور محبوبِ الاهي نظامُ الحقِ وَالدّين سلطانُ الاَولِياء رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ جي بارگاهِ بيڪس پناه ۾ حاضر ٿيس. حجري شريف جي چئني پاسن کان ناچ رنگ ۽ موسيقي جون ناجائز محفلون جاري هيون، گوڙ گهمسان جي ڪري آواز ٻُڌڻ ۾ ئي ڪونہ پيو اچي، اهي ٻئي سڳورا پنهنجي مطمئن دلين سان مواجهہ شريف آڏو حاضر ٿي مشغول ٿي ويا. هن فقير بي توقير بُرائي ۽ گهمسان جي هُجوم جي ڪري دل ۾ پريشاني محسوس ڪئي. دروازي مبارڪ تي بيهي حضرت سلطانُ لاوليا رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْه کي عرض ڪيم تہ سائين! غلام جنهن جي لاءِ حاضر ٿيو آهي، هي آواز ان ۾ رنڊڪ ٿا وجهن (لفظ اهي هئا يا ان جي ويجهو بهرحال عرض ڪرڻ جو مفهوم اهو

ئي هو) اهو عرض ڪري بِسۡمِ اللّٰه چئي ساڄو پير حجري شريف جي دروازي تي رکيم تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي مدد سان اهي سڀ آواز هڪ دم گم ٿي ويا. مون کي گمان ٿيو تہ شايد هي ماڻهو خاموش ٿي ويا آهن. پر پوئتي مُڙي ڏٺم تہ اهو ئي سلسلو جاري هيو. پير جيڪو اندر رکيل هيو ٻاهر هٽايم تہ وري اهو ئي آوازن جو شور ٻُڌڻ ۾ آيو. وري بِسۡمِ اللّٰه پڙهي ساڄو پير اندر رکيم تہ بحمدِاللهِ تَعَاليٰ وري ڪن تڏا هئا. هاڻي معلوم ٿيو تہ هي مولا عَزَّوَجَلَّ جو ڪرم ۽ حضرت سلطان الاولياء رَحۡمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي ڪرامت ۽ هن ناچيز ٻانهي تي رحمت ۽ مَعُونَت آهي. شڪرادا ڪيم ۽ مواجهہ شريف آڏو حاضر ٿي مشغول ٿي ويس. ڪو آواز ٻُڌڻ ۾ نہ پئي آيو. جڏهن ٻاهر آيس تہ وري اهو ئي حال هيو جو خانقاهہ شريف کان ٻاهر گهر تائين پهچڻ ڏکيو ٿي پيو. فقير هي پنهنجي مٿان گذريل واقعو عرض ڪيو. (ان جي بيان ڪرڻ جو پهريون سبب هي آهي) تہ اهو (واقعو) الله عَزَّوَجَلَّ جي نعمتِ هئي ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو:

وَاَمَّا بِنِعۡمَةِ رَبِّكَ فَحَدِّثۡ ﴿۱۱﴾

(پ 30 سورة الضحیٰ آيت 11)

ترجمون ڪنزالايمان: (پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ جون نعمتون ماڻهن سان خوب بيان ڪر.)

ان سان گڏوگڏ (ٻيو سبب هي) تہ هن ۾ ولين سڳورن رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جي غلامن لاءِ خوشخبري ۽ منڪرن لاءِ مصيبت ۽ حسرت آهي. **ياالله** عَزَّوَجَلَّ! پنهنجي پيارن ٻانهن رَضْوَانُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡهِمۡ اَجۡمَعِيۡن جي صدقي اسان

کي دنيا و آخرت ۾ ۽ قبر و حشر ۾ پنهنجن محبوبن (رِضْوَانُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْن) جي اڻ ڳُڻ برڪتن سان مالامال فرماءِ.

(احسن الوعاء لأداب الدعا ص 60 تا61)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هي واقعو "ٻاويهه خواجه جي چائٺ دهلي شريف" جو آهي. هن ۾ تاجدارِ دهلي حضرتِ سيّدُنا خواجه محبوبِ الاهي نظامُ الدين اولياء رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي واضح ڪرامت آهي. جڏهن تہ منهنجي آقا اعلیٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي بہ اها ڪرامت ٿي آهي تہ قبر شريف واري ڪمري ۾ پير رکن پيا تہ ڪين ڳانن ٻاجن جا آواز ٻُڌڻ ۾ نہ پيا اچن. هن واقعي مان هي بہ معلوم ٿيو تہ بالفرض جيڪڏهن ولين سڳورن رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جي مزارن تي جاهل ماڻهو **غير شرعي** ڪم ڪري رهيا هجن ۽ انهن کي روڪڻ جي طاقت نہ هجي، تڏهن بہ ڪو پنهنجو پاڻ کي **الله** وارن رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جي دربارن جي حاضري کان محروم نہ ڪجي. پر هي واجب آهي تہ انهن بيهوده حرڪتن کي دل ۾ بُرو ڄاڻجي ۽ انهن ۾ شامل ٿيڻ کان بچجي. بلڪ انهن ڏانهن ڏسڻ کان بہ پنهنجو پاڻ کي بچائجي.

## پُراسرار پوڙهو ۽ ڪاروجن

**مسجدُ النَبَوِي الشريف** عَلٰي صَاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي پُربهار فضائن ۾ هڪ ڀيري اميرالمؤمنين حضرتِ سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ۽

بين صحابين سڳورن عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَانُ جي وچ ۾ قرآن پاڪ جي فضائل تي مذاڪرو ٿي رهيو هو. انهيءَ وچ ۾ حضرت عَمۡرو بن معديڪرب رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ عرض ڪيو، يا اميرالمؤمنين رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ اوهين سڳورا بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم جي عجائبات کي ڇو وساري رهيا آهيو؟ خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم تمام وڏو عجوبو آهي. اميرالمؤمنين حضرتِ سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰی عَنۡهُ سڌا ٿي ويهي رهيا ۽ فرمائڻ لڳا، اي ابوثَوۡر! (اها حضرت عَمۡرو بن معديڪرب جي ڪنيت هئي) توهان اسان کي ڪا عجيب ڳالهه ٻُڌايو، پوءِ حضرت عَمۡرو بن **معديڪرب** رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمايو جاهليت جو زمانو هو، ڏڪار جي ڏهاڙن ۾ روزيءَ جي ڳولا ۾ هڪ جهنگ مان گذريس ته پري کان هڪ خيمي تي نظر پئي ۽ ان جي پرسان هڪ گهوڙو ۽ ڪجهه ٻيا جانور به نظر آيا جڏهن ويجهو پهتس ته اتي هڪ حسين و جميل عورت به موجود هئي ۽ خيمي جي اڱڻ ۾ هڪ پوڙهو ٽيڪ لڳائي وينو هو" مون ان کي ڌمڪائيندي چيو،"جيڪو ڪجهه تو وٽ آهي اهو منهنجي حوالي ڪر!" ان وراڻيو ته اي شخص! جيڪڏهن تون مهماني چاهين ٿو ته اچ ۽ جيڪڏهن توکي مدد گهرجي ته اسان تنهنجي مدد ڪنداسين." مون چيو، **"بهانا نه بڻاءِ تو وٽ جيڪو ڪجهه آهي منهنجي حوالي ڪر"** ان تي اهو پوڙهو ڪمزورن وانگر وڏي مشڪل سان اٿي بينو ۽ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ

الرَّحِيۡم پڙهي ڪري منهنجي ويجهو آيو ۽ نهايت ئي ڦڙتيءَ سان مون تي حملو ڪيائين ۽ مون کي ڪيرائي منهنجي ڇاتيءَ تي چڙهي وينو ۽ چوڻ لڳو،”هاڻي چئو! مان توکي ذبح ڪيان يا ڇڏي ڏيان؟“، مون گهٻرائجي چيم،”ڇڏي ڏي“. هو منهنجي ڇاتيءَ تان لٿو مون دل ۾ پنهنجو پاڻ کي ملامت ڪئي ۽ چيم اي عَمّرو! تون عرب جو مشهور پهلوان آهين ۽ هن ڪمزور پوڙهي کان هارائي پيو، هن ذلت کان تہ مري وڃڻ ئي بهتر آهي نيٺ مون وري ان کي چيو تہ ”تو وٽ جيڪو ڪجهہ آهي منهنجي حوالي ڪر!“ اهو ٻُڌندي ئي بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي اهو پُراسرار پوڙهو وري مون تي حملي آور ٿيو ۽ اک ڇنڀ ۾ مون کي ڪيرائي ڇاتيءَ تي چڙهي وينو ۽ چوڻ لڳو،” ٻُڌاءِ توکي ذبح ڪيان يا ڇڏي ڏيان؟ “مون چيو،”مون کي مُعاف ڪر.“ ان مون کي ڇڏي ڏنو پر وري مان ان کان سڀ مال جو مطالبو ڪيم ان بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي ڪري وري ڪيرائي قابو ڪيو. مون چيو، مون کي ڇڏي ڏي! ان چيو تہ ”هاڻي ٽيون ڀيرو ائين نہ ڇڏيندس“. اهو چئي هن رڙ ڪري چيو، اي ٻانهي تيز تلوار ڪڍي اچ! هوءَ ڪڍي آئي هن منهنجي مٿي جي وارن جي اڳين حصي جي چوٽي ڪٽي ڇڏي ۽ مون کي ڇڏي ڏنو اسان عربن ۾ رواج آهي تہ جڏهن ڪنهن جي چوٽيءَ جا وار ڪٽيا ويندا آهن تہ اهو بيهر وار اچڻ کان اڳ پنهنجي گهروارن کي

منهن ڏيکاريندي شرمائيندو آهي، (**چو تہ چوٽي ڪنجي وڃڻ شڪست کاڌل جي نشاني آهي**) تنهنڪري مان هڪ سال تائين ان پوڙهي جي خدمت جو پابند ٿي ويس، سال پورو ٿي وڃڻ کان پوءِ هو مون کي ميدان ۾ وٺي ويو. اتي هن وڏي آواز سان بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي تہ سڀ پکي پنهنجن آکيرن مان نڪري اڏامي ويا، پيهر ائين پڙهڻ تي سيئي درندا (خونخوار جانور) پنهنجي جڳهن کان ٻاهر نڪري ويا وري ٽيهر زور سان پڙهڻ تي **اوني لباس ۾ ملبوس ڪجيءَ جي ٽڙ جيڏو ڏگهو خوفناڪ ڪارو جنّ** ظاهر ٿيو انکي ڏسي منهنجا لڱ ڪانڊارجي ويا **پُراسرار پوڙهي** چيو، ”اي عَمّرو! همٿ رک، جيڪڏهن هي مون تي غلبو ماڻي وٺي تڏهن هيئن چئجانءِ هن پيري منهنجو ساٿي بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم جي برڪت سان غالب ٿيندو، پوءِ اهو **پُراسرار پوڙهو** ۽ **ڪارو جن** پاڻ ۾ وڙهڻ لڳا **پُراسرار پوڙهو** هارائي ويو ۽ **ڪارو جن** ان تي غالب اچي ويوانهيءَ تي مون چيو هن پيري منهنجو ساٿي لات ۽ عُزّٰي (**يعني ڪافرن جي انهن ٻنهي بتن**) جي ڪري ڪٽندو. اهو ٻُڌي ڪري ان **پُراسرار پوڙهي** مون کي ايڏي زور سان ٿڦ هنئي جو مون کي ڏينهن ۾ تارا نظر اچڻ لڳا ۽ ائين محسوس ٿيو جو ڄڻ هاڻي منهنجي سِسي ڌڙ کان ڌار ٿي ويندي. مون معذرت ڪئي، ۽ چيم تہ ٻيهر اهڙي حرڪت نہ ڪندس پوءِ وري ٻنهي ۾ مقابلو ٿيو **پُراسرار پوڙهو** ان **ڪاري**

**جِنَ** کي قابُو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو تہ مون چيو منهنجو ساٿي بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ جي برڪت سان غالب اچي ويو.“ اهو چوڻ جي دير هئي تہ پُراسرار پوڙهي نهايت ئي ڦڙتيءَ سان ان کي زمين ۾ ڪانيءَ وانگر ڪوڙي ڇڏيو ۽ پوءِ ان جو پيٽ چيري ان مان بتيءَ وانگر ڪا شيءِ ڪڍيائين ۽ چيائين ”اي عَمرو! هي ان جو دوکو ۽ ڪفر آهي.“ مون ان پُراسرار پوڙهي کان پُڇيو توهان جو ۽ ان ڪاري جنّ جو قصو ڇا آهي؟ چوڻ لڳو، هڪ عيسائي جنّ منهنجو دوست هو، ان جي قوم مان هر سال هڪ جنّ مون سان جنگ ڪندو آهي، ۽ **اللّٰہ** عَزَّوَجَلَّ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ جي برڪت سان مون کي فتح عطا فرمائيندو آهي. پوءِ اسان اڳتي وڌياسين هڪ جڳهہ تي جڏهن اهو **پُراسرار پوڙهو** غافل ٿي سمهي پيو تہ موقعو ڏسي مون ان جي تلوارکسي ڪري وڏي ڦڙتيءَ سان ان جي پِنين تي زوردار وار ڪيو، جنهن سان ان جون ٻئي ڄنگهون ڪٽجي جسم کان ڌار ٿي ويون، هو رڙيون ڪري چوڻ لڳو اي غدار!تون مونکي سخت دوکو ڏنو آهي! “پر مون ان کي سنڀرڻ جو موقعو ئي نہ ڏنو. لاڳيتا وار ڪري ان جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيم پوءِ جڏهن مان خيمي ۾ واپس آيس تہ ان ٻانهيءَ پُڇيو اي عَمرو!جنّ سان مقابلي جو ڇا ٿيو؟ مون چيو پوڙهي کي جنّن قتل ڪري ڇڏيو آهي هوءَ چوڻ لڳي تون ڪوڙ ٿو ڳالهائين اي

بي وفا! ان جا قاتل جنّ نہ پر تون آهين، اهو چئي هن بيقرار
ٿي عربي ۾ پنج شعر پڙهيا جن جو ترجمو هي آهي، ﴿1﴾ اي!
منهنجي اک تون ان بهادر پهلوان تي خوب روءُ ۽ لڳاتار ڳوڙها
ڳاڙِ ﴿2﴾ اي عَمرو! تنهنجي زندگيءَ تي افسوس آهي حالانڪ
تنهنجي دوست کي زندگيءَ موت ڏانهن ڌڪي ڇڏيو آهي. ﴿3﴾
۽ (اي عَمّرو! پنهنجي دوست کي پنهنجن هٿن سان) قتل ڪرڻ
ڪانپوءِ تون (پنهنجي قبيلي) بني زُبَيده ۽ ڪافرن (يعني
ناشڪرن) جي ٽولي سامهون ڪيئن فخر سان هلي سگهين ٿو؟
﴿4﴾ مون کي پنهنجي عمر جو قسم!(اي عَمّرو) جيڪڏهن تون
وڙهڻ ۾ واقعي سچو هجين ها (يعني بغير دوکو ڏيڻ جي مردن
وانگر ان سان مقابلو ڪرين ها) تہ ان جي طرفان تيز ڪٽيندڙ
تلوار ضرور تو تائين پهچي ها (۽ تنهنجو ڪم پورو ڪري
ڇڏي ها) ﴿5﴾ (اي ان پوڙهي کي قتل ڪرڻ وارا) حقيقي
بادشاهہ **الله**عَزَّوَجَلَّ توکي بُرو ۽ ذلت وارو بدلو ڏئي (تنهنجي ڏوهہ
جي بدلي ۾) ۽ توکي بہ ان جي طرفان ذلت ۽ خواري واري
زندگي ملي (جيئن تون پنهنجي دوست سان ذلت ۽ خواري
وارو سلوڪ ڪيو آهي.) مان ڪاوڙ ۾ اچي ان کي قتل ڪرڻ
لاءِ اڳتي وڌيس پر هوءَ حيرت انگيز طور تي منهنجي نظرن
کان غائب ٿي وئي ڄڻ هن کي زمين ڳهي وئي هجي!

(ملخص از لقط المرجان في احكام الجان للسيوطي ص 141 تا 143)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ جون ڪيتري قدر حيرت انگيز برڪتون آهن. انهن برڪتن کي حاصل ڪرڻ جي عادت بڻائڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سفر جي سعادت حاصل ڪريو، ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ توهان جا مسئلا حيرت انگيز طور تي حل ٿي ويندا ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي فضل ۽ ڪرم سان غيبي امدادون ٿينديون.

**نيت صاف منزل آسان**

**عاشقانِ رسول** جو هڪ مدني قافلو ڪَپڙوَنج (گجرات الهند) پهتو، "**علائقائي دورو براءِ نيڪيءَ جي دعوت**" جي دؤران هڪ شرابيءَ سان اوچتو ملاقات ٿي وئي، عاشقانِ رسول ان تي خوب **انفرادي ڪوشش** ڪئي، جڏهن ان سبز عمامي وارن جون شفقتون ۽ پيار ڏٺو ته هٿو هٿ انهن سان گڏ هلي پيو، عاشقانِ رسول جي صحبت جي برڪت سان گناهن کان توبهه ڪيائين، ڏاڙهي مبارڪ وڌايائين، سبز عمامي جو تاج به مٿي تي سينگارجي ويس، مدني لباس جو به ذهن بڻجي ويس، ڇهن ڏينهن تائين مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪري سگهيو، وڌيڪ 92 ڏينهن جي لاءِ **مدني قافلي** ۾ سفر ڪرڻ جي نيّت ڪيائين پر زادِ قافلا يعني سفر لاءِ پئسا ڪانه هُيس. هڪ ڏينهن هڪ

مائٽ سان ان جي ملاقات ٿي وئي ان جڏهن معاشري جي بدنام ۽ شرابي کي ڏاڙهي، سبز سبز عمامي ۽ مدني لباس ۾ ڏٺو تہ ڏسندي ئي حيران ٿي ويو، جڏهن ان کي ٻُڌايائين تہ هي سڀ مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي برڪت آهي ۽ اِنْ شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ اسباب هجڻ جي صورت ۾ وڏيڪ 92 ڏينهن جي سفر جو پختو ارادو آهي. ان تي ان مائٽ چيس، "پيسن جو فڪر نہ ڪريو. 92 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جو خرچ مون کان قبول ڪريو ۽ ان سان گڏ مان 92 ڏينهن تائين توهان جي گهر جو خرچ بہ پنهنجي ذمي کڻان ٿو. اهڙيءَ ريت اهو ديوانو 92 ڏينهن جي **مدني قافلي** جو مسافر بڻجي ويو.

غیبی امداد ہو گھر بھی آباد ہو رزق کے دَر کھلیں بَرَکتیں بھی ملیں
چل کے خود دیکھ لیں قافلے میں چلو لطفِ حق دیکھ لیں قافِلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## پنج مدني گل

**حضرت سيّدُنا عبدالله بن عَمرو بن العاص** رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جو ارشادِ سعادت بنياد آهي، پنج عادتون اهڙيون آهن جيڪو بہ انهن کي اختيار ڪري تہ دنيا ۽ آخرت ۾ سعادت مند بڻجي ويجي. ﴿1﴾ وقت بوقت، لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم چوندو رهي. ﴿2﴾ جڏهن ڪنهن مصيبت ۾ مبتلا ٿي وڃي (مثلاً بيمار ٿي پوي يا نقصان ٿي وڃي يا پريشاني جي

خبر پُڌي) تہ پڙهي. اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّآ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ ۽ لَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْم ﴿3﴾ جڏهن بہ نعمت ملي تہ شڪراني ۾ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْن چوي. ﴿4﴾ جڏهن ڪنهن (جائز) ڪم جو آغاز ڪري تہ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم چوي. ﴿5﴾ جڏهن گناهہ ڪري ويهي تہ هيئن چوي اَسْتَغْفِرُ اللّٰهَ الْعَظِيْمَ وَ اَتُوْبُ اِلَيْهِ (يعني مان عظمت واري **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ کان مغفرت گهرندي ان جي طرف توبهہ ڪريان ٿو.)

(المنبهات للعسقلاني ص 58)

## جهڙو دروازو تهڙي خيرات

مفَسّرِ شهير حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان فرمائن ٿا، **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ۾ پنهنجي ذاتي نالي سان گڏ رحمت جي ٻن صفتن جو بيان فرمايو آهي، چو تہ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي نالي مبارڪ ۾ هَيبَت هئي ۽ رَحْمٰن ۽ رَحِيْم ۾ رحمت. **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جو نالو ٻُڌي نيڪ ٻانهن کي بہ ڪجهہ عرض ڪرڻ جي جرات نہ ٿيندي هئي پر رَحْمٰن ۽ رَحِيْم ٻڌي هر ڏوهاري ۽ گناهگارکي بہ عرض ڪرڻ جي همت ٿي ۽ حقيقت بہ اها ئي آهي تہ هن جي جلال جي سامهون ڪير ٿو بيهي سگهي ۽ جمال جي ظاهر ٿيڻ وقت هر هڪ ناز ڪري سگهي ٿو. ” تفسيرِ ڪبير شريف“ ۾ ان جي تحت هڪ **عجيب حڪايت** لکيل آهي هڪ سُوالي (پِينُون) هڪ تمام وڏي مالدار جي عظيم الشّان دروازي تي آيو ۽ ڪجهہ

گهريائين، گهر مان ڪا معمولي شيءِ آئي فقير اها ورتي ۽ هليو ويو. ٻئي ڏينهن هڪ مضبوط ٽيڪم ڪٽي آيو ۽ دروازو ڪوٽڻ لڳو مالڪ پُڇيس تہ هي ڇا ٿو ڪرين؟ فقير چيو، ”يا تہ عطا (يعني خيرات) کي دروازي جي لائق ڪر يا دروازو عطا جي لائق ڪر“ يعني جڏهن دروازو وڏو نهرايو اٿئي تہ ضروري آهي تہ وڏي دروازي تان وڏي ئي خيرات ملي ڇو تہ عطا دروازي ۽ نالي جي لائق ئي هئڻ گهرجي اسان فقير گناهگار ٻانها بہ عرض ڪيون ٿا، اي مولا عَزَّوَجَلَّ اسان کي اسان جي لائق نہ ڏي بلڪ پنهنجي سخاوت جي لائق ڏي بيشڪ اسان گناهگار آهيون پر تنهنجي غَفّاري اسان جي گناهگاري کان وسيع آهي.

(تفسيرنعيمي پهريون سيپارو ص ٤٠)

گُنہِ گدا کا حساب کیا وہ اگرچہ لاکھ سے ہیں سوا
مگر اے عَفُوّ ترے عَفْو کا نہ حساب ہے نہ شمار ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ يقيناً رَحْمٰن ۽ رَحِيْم آهي جيڪو ان جي رحمت تي نظر رکي ۽ ان سان پنهنجو سنو گمان قائم ڪري اِن شَاءَ الله عَزَّوَجَلَّ ٻنهي جهانن ۾ ان جا ٻيڙا پار آهن، **الله** عَزَّوَجَلَّ جي رحمت کان ان کي ڪڏهن بہ محرومي نٿي ٿي سگهي جيئن تہ **تفسيرِ نعيمي** ۾ پهرين سيپاري جي **38** هين صفحي تي آهي.

## رحمت ڀري حڪايت

ٻہ ڀائر هئا، هڪ پرهيزگار ٻيو گناهگار. جڏهن گناهگار ڀاءُ مرڻ جي ويجهو ٿيو تہ پرهيزگار ڀاءُ چيس، اي ڀاءُ مون توهان کي ڪافي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي پر توهان گناهن کان باز نہ آيؤ، هاڻي ٻُڌايو توهان جو ڇا حال ٿيندو؟ ان وراڻيو جيڪڏهن قيامت جي ڏينهن منهنجو رب عَزَّوَجَلَّ منهنجو فيصلو **منهنجي ماءُ** جي حوالي ڪري ڇڏي تہ ٻُڌاءِ امڙ مون کي ڪيڏانهن موڪليندي دوزخ ۾ يا جنّت ۾؟ پرهيزگار ڀاءُ وراڻيو تہ ماءُ تہ واقعي جنّت ۾ ئي موڪليندي. گناهگار جواب ڏنو تہ "**منهنجو رب** عَزَّوَجَلَّ **منهنجي ماءُ کان بہ وڌيڪ مهربان آهي**." ائين چيائين ۽ سندس انتقال ٿي ويو. وڏي ڀاءُ خواب ۾ ڪيس تمام خوشحال ڏٺو، بخشش جو سبب پُڇيائينس تہ چيائين، مرڻ وقت جي چيل انهيءَ ڳالهہ منهنجا سيئي گناهہ بخشرائي ڇڏيا. **الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

ہم گنہگاروں پہ تیری مہربانی چاہیے
سب گُنہ دُھل جائیں گے رَحمت کا پانی چاہیے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي رحمت تمام وڏي آهي زبان مان نڪتل "**هڪ لفظ**" بخشش جو بہ سبب ٿي

سگهي ٿو تہ تباهيءَ جو بہ. جيئن تہ هاڻي توهان واقعي ۾ ٻُڌو تہ هڪ جملي ان گناهگارجا ٻيڙا پار ڪرائي ڇڏيا. اهڙيءَ ريت تباهي جو مثال هي آهي تہ جيڪڏهن ڪو زبان مان واضح ڪفر بڪي ۽ بنا توبهہ جي مري وڃي تہ هميشہ جي لاءِ جهنَّم ان جو مقدر آهي. تباهيءَ کان پاڻ کي بچائڻ ۽ بخشش حاصل ڪرڻ جو هڪ بهترين ذريعو تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي مدني قافلن ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سنّتن ڀريو سفر پڻ آهي. جيڪڏهن سفر جي سچي نيّت ڪئي وڃي ۽ ڪنهن سبب جي ڪري سفر نصيب نہ ٿئي تڏهن بہ اِنْ شَاءَ اللہ عَزَّوَجَلَّ ٻيڙو پار آهي. مدني قافلي ۾ سفر جي نيّت ڪرڻ واري هڪ خوشنصيب جو ايمان افروز واقعو ٻُڌندا ۽ جهومندا. جيئن تہ

## باغ جو هِندورو

**حيدرآباد** (بابُ الاسلام سنڌ) جي هڪ پاڙي ۾ **علا ئقائي دؤرو براءِ نيڪيءَ** جي دعوت کان متاثر ٿي هڪ ماڊرن نوجوان مسجد ۾ اچي ويو. بيان ۾ مدني قافلن ۾ سفر جي ترغيب ڏياري وئي تہ ان مدني قافلي ۾سفر لاءِ پنهنجو نالو لکرايو، اجان **مدني قافلي** سان سندس روانگي ۾ ڪجهہ ڏينهن باقي هئا تہ قضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ سان ان جو انتقال ٿي ويو. ڪنهن گهرياتيءَ کيس خواب ۾ اهڙي حالت ۾ ڏٺو جو هو هڪ سرسبز باغ ۾ تمام خوش باش هِندوري

(يعني جهولي) ۾ لُڏي رهيو آهي. ڪانئس پُڇيو ويو، تہ هتي ڪيئن اچي وئين؟ جواب ڏنائين، **”دعوتِ اسلامي جي مدني قافلي سان گڏ آيو آهيان الله**عَزَّوَجَلَّ **جو وڏو ڪرم ٿي ويو، منهنجي امڙ ڪي چئجو تہ منهنجو ڏک نہ ڪري هتي آءُ ڏاڍو فرحت سان آهيان.“**

خُلد میں ہوگا ہمارا داخِلہ اِس شان سے
یا رسولَ اللہ کا نعرہ لگاتے جائیں گے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

غير نبي جو خواب شريعت ۾ حجت ناهي، پر اسان کي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي رحمت ۾ اميد رکڻ گهرجي ۽ گڏوگڏ ان جي خفيہ تدبير کان ڊڄڻ بہ گهرجي. هي سڀ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي مَشِيَّت تي آهي جو جيڪڏهن چاهي تہ ڪنهن هڪ گناهہ تي پڪڙ فرمائي ۽ چاهي تہ ڪنهن هڪ نيڪيءَ تي نوازي ڇڏي. يا فقط پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان ائين ئي نوازي ڇڏي. جيئن **24** هين سيپاري سورة الزمر جي **آيت نمبر53** ۾ **خداءِ رحمٰن**عَزَّوَجَلَّ **جو فرمانِ مغفرت نشان آهي.**

قُلْ یٰعِبَادِیَ الَّذِیْنَ اَسْرَفُوْا عَلٰۤى اَنْفُسِهِمْ لَا تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ اللّٰهِؕ اِنَّ اللّٰهَ یَغْفِرُ الذُّنُوْبَ جَمِیْعًاؕ اِنَّهٗ

**ترجمو ڪنزالايمان:** تون فرماءِ اي منهنجا اهي ٻانهؤ جن پنهنجو پاڻ تي زيادتي ڪئي، الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت کان نااميد نہ ٿيو بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ سمورا گناهہ بخشي ڇڏي ٿو.

هُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ﴿۵۳﴾ بيشڪ اهو ئي بخشڻهار مهربان آهي.

بخاري شريف جي حديث ۾ هي مضمون موجود آهي ته

## سو ماڻهن جو قاتل بخشيو ويو

**بني اسرائيل** جو هڪ شخص جنهن 99 قتل ڪيا هئا هڪ راهب (يعني عيسائي عبادت گزار، تارِڪُ الدُّنيا) وٽ پهتو ۽ پُڇيائينس، ڇا مون جهڙي ڏوهاريءَ جي لاءِ ڪا توبهه جي گنجائش آهي؟ راهب ان کي مايوس ڪري ڇڏيو ته ان راهب کي به قتل ڪري ڇڏيو پر وري شرمسار ٿي توبهه جو طريقو ماڻهن کان پُڇندو رهيو. آخرڪار ڪنهن چيس ته فلاڻي ڳوٺ ۾ وڃ (اتي **الله** عَزَّوَجَلَّ جو هڪ ولي آهي اهو تنهنجي رهنمائي ڪندو.) نيت ڪري هو اوڏانهن هلڻ لڳو پر رستي ۾ بيمار ٿي پيو جڏهن **مرڻ جي ويجهو** ٿيو ته ان پنهنجو سينو ان ڳوٺ ڏانهن ڪري ڇڏيو ۽ فوت ٿي ويو. هاڻي ان کي وٺي وڃڻ جي باري ۾ رحمت ۽ عذاب جي فرشتن ۾ اختلاف ٿي پيو، **الله** عَزَّوَجَلَّ ميّت ۽ ڳوٺ جي وچ واري زمين جي حصي کي سوڙهو ٿي ڪري ميّت جي ويجهو ٿيڻ جو حڪم فرمايو ۽ جتان هو هليو هو ۽ جتي پهچي ڪري فوت ٿيو هيو ان زمين جي وچ واري فاصلي کي وڌيڪ ڊگهو ٿيڻ جو حڪم ڏنو. پوءِ ماپ جو حڪم فرمايائين ته هو جنهن ڳوٺ ڏانهن وڃي رهيو هو ان

طرف هڪ گرانٺ وڏيڪ ويجهو ڏٺو ويو ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ ان جي بخشش فرمائي ڇڏي. (صحيح بخاري ج 2 ص 466 رقم الحديث 3470)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** معلوم ٿيو تہ اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جي بارگاھ ۾ حاضري ۽ انهن جي ڳوٺ جي تعظيم ڪندي ان کي پنهنجي روح جو قبلو بڻائڻ تمام پسنديده عمل آهي. بس **الله** عَزَّوَجَلَّ جي رحمت تي جهومندا جو جيڪو پروردگار عَزَّوَجَلَّ 100 ماڻهن جي قاتل کي فقط پنهنجي رحمت سان بخشي ڇڏي تہ اهو جيڪڏهن سنّتن جي تربيت جي لاءِ عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلي ۾ سفر جي نيّت ڪرڻ واري ڪنهن خوشنصيب نوجوان تي مهربان ٿي وڃي تہ هي بہ ان جي رحمت ئي رحمت آهي ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ کي هر شيءِ تي قدرت حاصل آهي. منهنجو مدني مشورو آهي تہ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو. ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ بنهي جهانن ۾ بيڙو پار ٿي ويندو. **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول جي برڪت جي ڇا ڳالهہ ڪجي! يقينًا **عاشقانِ رسول** جي صحبت رنگ لائيندي آهي زندگي تہ پنهنجي جاءِ تي، پر ڪجھ موتَ بہ رِيس جوڳا هوندا آهن اهڙي ئي هڪ قابلِ رشڪ موت جو تذڪرو ٻُڌو ۽ رشڪ ڪيو.

## قابلِ رَشڪ موت

**محمد** وسيم عطاري (باب المدينه نارٿ ڪراچي) سگِ مدينه **عُفِيَ عَنه** وٽ تشريف آڻيندا هئا، ويچاري جي هٿ ۾ ڪينسر ٿي ويو ۽ ڊاڪٽرن سندن هٿ ڪٽي ڇڏيو سندن علائقي جي هڪ اسلامي ڀاءُ ٻڌايو تہ وسيم ڀاءُ تمام گهڻي سور جي ڪري سخت تڪليف ۾ آهن. مان اسپتال ۾ عيادت لاءِ حاضر ٿيس ۽ تسلي ڏيندي چيومانس تہ ديوانا! ڪاٻو هٿ ڪٽجي ويو ان جو غم نہ ڪريو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ساڄو هٿ تہ سلامت آهي ۽ سڀ کان وڏي سعادت هي تہ اِن شاءَالله عَزَّوَجَلَّ ايمان بہ سلامت آهي.

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون ان کي ڪافي صابر ڏٺو فقط مسڪرائيندا رهيا، ايتري تائين جو بستري تان اٿي مون کي ٻاهر تائين ڇڏڻ آيا، آهستي آهستي هٿ جي تڪليف تہ ختم ٿي وئي، پر ويچاري جو پيو امتحان شروع ٿي ويو اهو هي تہ سندن ڇاتيءَ ۾ پاڻي پرجي ويو، سور ۽ تڪليف ۾ ڏينهن گذرڻ لڳا آخر هڪ ڏينهن تڪليف تمام وڌي وئي، هن **الله** عَزَّوَجَلَّ **جو ذڪر ڪرڻ** شروع ڪيو. سڄو ڏينهن **الله الله** جي صدائن سان ڪمرو گونجندو رهيو، سندن طبيعت تمام گهڻي ڳڻتيءَ جوڳي ٿي چڪي هئي، ڊاڪٽر وٽ وني وڃڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر انڪار ڪري ڇڏيائون، سندن ڏاڏيءَ گهڻي شفقت منجهان هنج ۾

ورتو، زبان تي ڪلمهءِ طيّبه لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جاري ٿيو ۽ 22 ورهين جي محمد وسيم عطاري جو روح قفسِ عُنْصُري (يعني جسماني پڃري) مان پرواز ڪري ويو.

اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّآ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ

جڏهن مرحوم کي غُسل ڏيڻ لاءِ کٽي وجهڻ لڳا تہ اوچتو چادر منهن تان هٽي وئي، مرحوم جو چهرو گلاب جي گل جيان ٽڙيل هو، غسل کان پوءِ چهري جي بهار ۾ ويتر نکار اچي ويو. تدفين کان پوءِ عاشقانِ رسول نعتون پڙهي رهيا هئا ۽ قبر مان خوشبوءِ جا اهڙا هُٻڪاءَ اچڻ لڳا جو سنگهڻ جا حواس معطر ٿي ويا پر جنهن خوشبوءِ محسوس ڪئي انهيءَ ئي محسوس ڪئي. گهر جي ڪنهن ڀاتيءَ انتقال کان پوءِ خواب ۾ مرحوم محمد وسيم عطاري کي گلن سان سينگاريل هڪ ڪمري ۾ ڏٺو ۽ پُڇيو تہ ڪٿي رهندو آهين؟ هٿ سان هڪ ڪمري ڏانهن اشارو ڪندي چيائون تہ ”هيءَ منهنجي جاءِ آهي هتي مان ڏاڍو خوش آهيان.“ پوءِ هڪ سينگاريل بستري تي ليٽي پيا. مرحوم جي والد صاحب پنهنجو پاڻ کي خواب ۾ وسيم عطاري جي قبر وٽ ڏٺو، اوچتو قبر کلي وئي ۽ مرحوم سبز سبز عمامو سجائي اَڇو ڪفن پهريل ٻاهر نڪري آيا، ڳالهہ ٻولهہ ڪيائون ۽ وري قبر ۾ داخل ٿي ويا ۽ قبر ٻيهر بند ٿي وئي.

اللهعَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

ياالله عَزَّوَجَلَّ منهنجي، مرحوم جي ۽ محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي امت جي بخشش فرماءِ ۽ اسان سيني کي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ استقامت ڏي ۽ مرڻ مهل ذکر و درود ۽ ڪلمهءِ طيبه نصيب فرماءِ. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

عاصی ہوں، مغفرت کی دعائیں ہزار دو
نعتِ نبی سنا کے لحد میں اُتار دو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## " بِسْمِ الله ڪريو "چوڻ منع آهي

**ڪجهه** ماڻهو هيئن چئي ڇڏيندا آهن، "بِسْمِ اللّٰه ڪريو! **اڇو سائين** بِسْمِ اللّٰه! "مون بِسْمِ اللّٰه ڪري ڇڏي." واپاري ماڻهو جيڪو ڏينهن ۾ پهريون سودو وڪڻندا آهن ان کي عام طور تي"مُهڙي" چيو ويندو آهي پر ڪجهه ماڻهو ان کي بہ بِسْمِ اللّٰه چوندا آهن. مثلاً منهنجي تہ اڄ اڃان بِسْمِ اللّٰه ئي نہ ٿي آهي!" جن جملن جا مثال پيش ڪيا ويا اهي سڀ غلط انداز آهن. اهڙيءَ طرح ماني کائڻ وقت جيڪڏهن ڪو اچي ويندو آهي تہ اڪثر کائڻ وارو ان کي چوندو آهي اچو توهان بہ کائو تہ عام طور تي جواب ملندو آهي، بِسْمِ اللّٰه يا هيئن چوندا آهن، "بِسْمِ اللّٰه

ڪريو!“بهارِ شريعت جي سورهين حصي جي 32 هين صفحي تي آهي تہ” اهڙي موقعي تي بِسۡمِ اللّٰه چوڻ کي عالمن تمام سخت ممنوع قرار ڏنوآهي ها ائين چئي سگهو ٿا بِسۡمِ اللّٰه پڙهي کائي وٺو. بلڪ اهڙي موقعي تي دعا وارا الفاظ چوڻ بهتر آهي، مثلاً بَارَكَ اللّٰهُ لَنَا وَلَكُمۡ يعني **الله** عَزَّوَجَلَّ اسان کي ۽ توهان کي برڪت ڏئي يا پنهنجي مادري بولي ۾ چئي ڇڏيو **الله** عَزَّوَجَلَّ برڪت ڏئي.

## ”بِسۡمِ اللّٰه“ چوڻ ڪڏهن ڪفر آهي؟

“**حرام** ۽ ناجائز ڪم کان اڳ ۾ بِسۡمِ اللّٰه شريف هرگز، هرگز، هرگز نہ پڙهي وڃي جو ”فتاوىٰ عالمگيري“ ۾ آهي، ”شراب پيئڻ وقت، زنا ڪرڻ وقت يا جُوا کيڏڻ وقت بِسۡمِ اللّٰه چوڻ ڪفر آهي.

(فتاويٰ عالمگيري ج 2 ص 273)

## ملائڪ نيڪيون لکندا رهندا آهن

**حضرت** سيّدُنا ابوهريره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان روايت آهي تہ سرڪارِ مدينه، سلطانِ باقرينہ، قرارِ قلب و سينہ، فيض گنجينہ، صاحبِ معطر پسينہ، صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو، ”اي ابوهريره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جڏهن توهين **وضو** ڪريو تہ بِسۡمِ اللّٰهِ وَ الۡحَمۡدُ لِلّٰه چوندا ڪريو، جيسيتائين توهان جو وضو باقي رهندو انهيءَ وقت تائين توهان جا فرشتا يعني (ڪراماً ڪاتبين) توهان جي لاءِ نيڪيون لکندا رهندا.“ (طبراني صغير ج 1 ص 73رقم الحديث 186)

**جيڪو** شخص ڪنهن جانور تي سوار ٿيڻ وقت بِسْمِ اللّٰه ۽ اَلْحَمْدُلِلّٰه پڙهي وٺي تہ ان جانور جي هر قدم تي، سوار جي حق ۾ هڪ نيڪي لکي ويندي . (تفسيرنعيمي ج 1ص 42)

## پيڙيءَ ۾ نيڪيون ئي نيڪيون

**جيڪو** شخص **پيڙيءَ** ۾ سوار ٿيڻ وقت " بِسْمِ اللّٰه ۽ اَلْحَمْدُلِلّٰه " پڙهي وٺي، جيسيتائين هُو اُن ۾ سوار رهندو ان جي لاءِ نيڪيون لکيون وينديون. (تفسيرِ نعيمي ج 1ص 42)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم جا فضائل ايڏا تہ گهڻا آهن جو پڙهي يا ٻُڌي دل چاهيندي آهي تہ هر وقت " بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم " ئي پڙهندا رهون، پر اها سعادت فقط **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي عنايت سان ئي ملي سگهي ٿي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول ۾ رهي ڪري، هڪ ٻئي تي **انفرادي ڪوشش** جي ذريعي بہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي مهرباني ٿي وڃي تہ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهڻ جي عادت بڻجي سگهي ٿي. يقينًا دين جي تبليغ ۽ اشاعت ۾ **انفرادي ڪوشش** جو وڏو عمل دخل آهي. ايتري تائين جو اسان جي مٺي مٺي آقا مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ سمورن نبين سڳورن (عَلَيْهِمُ السَّلَام) **نيڪيءَ جي** دعوت جي ڪم ۾ انفرادي ڪوشش فرمائي آهي اَلْحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جا مبلغ بہ انفرادي ڪوشش ڪرڻ واري سنّت تي

**عمل** ڪري ماڻهن جي دلين ۾ عشقِ رسول جي شمع روشن ڪرڻ ۾ **مشغول** آهن. انهن جي انفرادي ڪوشش جي برڪتن وارا لکيل واقعا ڪڏهن ڪڏهن منهنجي نظر آڏو اچي ويندا آهن. جيئن ته

## ڊرائيور تي انفرادي ڪوشش

هڪ عاشقِ رسول مون کي هڪ لکيل واقعو ڏنو هو، ان جو خلاصو پنهنجي انداز ۾ لفظن ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو."دعوتِ اسلامي جي مدني مرڪز **فيضان مدينه** (باب المدينه ڪراچي) ۾ جمعي جي رات ٿيڻ واري هفتيوار سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ شرڪت جي لاءِ مختلف علائقن کان ايندڙ آيل مخصوص بسيون واپسيءَ جي انتظار ۾ جتي بيهنديون آهن، اتان گذريس ته ڇا ٿو ڏسان جو هڪ خالي بس ۾ گانا وڄي رهيا آهن ۽ ڊرائيور چرس جا سوٽا هڻي رهيو آهي، مون وڃي ڊرائيور سان محبت ڀرئي انداز ۾ ملاقات ڪئي، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ملاقات جون برڪتون فوراً ظاهر ٿيون ۽ هن پنهنجو پاڻ گانا بند ڪري ڇڏيا ۽ چرس وارو سگريٽ به وسائي ڇڏيو مان مُرڪندي سنّتن ڀرئي بيان جي ڪيسيٽ "**قبر ڪي پهلي رات**" ان کي پيش ڪئي، ان انهيءَ وقت ئي ٽيپ ۾ لڳائي ڇڏي. مان به گڏ ويهي ٻڌڻ لڳس جو ٻين کي بيان ٻڌائڻ جو مفيد طريقو اهو ئي آهي ته پاڻ به گڏ ويهي ٻُڌي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ

ان تمام سنو اثر ورتو، ۽ گھبرائجي گناھن کان توبھ ڪيائين ۽ ڳاڙيءَ مان نڪري مون سان گڏ اجتماع ۾ اچي ويھي رھيو.“

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان جي ڪيسٽ تحفي طور ڏيو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوھان! **انفرادي ڪوشش** مان ڪيڏو فائدو ٿئي ٿو، تنھن ڪري ھر مسلمان تي **انفرادي ڪوشش** ڪرڻ ۽ ان کي نمازن جي دعوت ڏيڻ گھرجي، اجتماع وغيره جي لاءِ جيڪڏھن بس يا ويگن ۾ اچو تہ ڊرائيور ۽ ڪنڊيڪٽر کي بہ شريڪ ٿيڻ جي درخواست ڪرڻ گھرجي. جيڪڏھن ڪو اچڻ جي لاءِ بالفرض تيار نہ ٿو ٿئي، تہ ٻُڌڻ جي درخواست ڪري ان کي بيان جي ڪيسيٽ پيش ڪئي وڃي، ۽ اھو ٻُڌي وٺي تہ اھا واپس وٺي ٻئي کي ڏني وڃي، ۽ جيترو ممڪن ھجي بيان جي ڪيسيٽ ڏئي بدلي ۾ انھن کان ڳانن جون ڪيسيٽون وٺي انھن تي بيان ڀرائي ڪري اڳتي وڌائڻ گھرجن، اھڙيءَ طرح ڪجھ نہ ڪجھ گناھن ڀريل ڪيسيٽن جو ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ خاتمو ٿي ويندو. **انفرادي ڪوشش** ۽ سمجھائڻ کي ڇڏي نہ ڏيڻ گھرجي، الله ربُّ العٰلمين جل جلاله 27 ھين سيپاري سورة الذّٰريٰت جي آيت نمبر55 ۾ فرمائي ٿو.

وَ ذَكِّرْ فَاِنَّ الذِّكْرٰى تَنْفَعُ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۵۵﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ سمجھايو جو سمجھائڻ مسلمانن کي فائدو ڏيندو آھي.

## ڪو مڃي يا نہ مڃي، پنھنجو ثواب ڪٿڙو نہ ويندو

**جيڪڏھن** ڪو اسان جي ڳالھ نٿو مڃي پوءِ بہ ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي تہ نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ جو ثواب ملي ويندو. جيئن تہ **حجة الاسلام** حضرتِ سيّدُنا امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي "**مڪاشفة القلوب**"۾ فرمائن ٿا، حضرتِ سيّدُنا موسيٰ ڪليم **الله** عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام عرض ڪيو، اي **الله**عَزَّوَجَلَّ جيڪو پنھنجي ڀاءُ کي سڏي، ان کي نيڪيءَ جو حڪم ڪري ۽ بُرائيءَ کان روڪي، ان جي جزا ڇا آھي؟ فرمايائين، "مان ان جي ھر ڳالھ تي ھڪ سال جي عبادت جو ثواب لکندو آھيان ۽ ان کي جھنم جي سزا ڏيڻ ۾ مون کي حياءُ ايندو آھي." **(مڪاشفة القلوب ص48)**

## روءِ زمين جي سلطنت کان بھتر

**جيڪڏھن** اوھان جي **انفرادي ڪوشش** سان ڪو نمازن ۽ سنّتن جي راھ تي ھلي پيو تہ توھان جو بہ بيڙو پار ٿي ويندو. جيئن تہ رحمتِ عالم، نُورِ مُجَسَّم، شاھِ بني آدم، رسولِ مُحتَشَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ارشادِ معظّم آھي، "**الله تعاليٰ** ھڪ شخص کي تُنھنجي ذريعي سان ھدايت فرمائي تہ اھو تو لاءِ سڄي روءِ زمين جي سلطنت ملڻ کان بھتر آھي."
**(جامع صغيرص 444 رقم الحديث 7219)**

www.dawateislami.net
I.T. Majlis of Dawateislami

## زهرِ قاتل بي اثر ٿي ويو

**هڪ** ڀيري سيّدُنا خالد بن وليد رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کي ڪجھ مجوسين عرض ڪيو تہ اوهان رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ اسان کي ڪا اهڙي نشاني ڏيکاريو، جنهن سان اسان تي اسلام جي **حقانِيَّت** واضح ٿئي تہ حضرت خالد بن وليد رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ **زهرِ قاتل** گهرايـوءِ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي ان کي کائي ڇڏيو. بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم جي برڪت سان زهرِ قاتل پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ تي ڪوبہ اثر نہ ڪيو. اهو منظر ڏسي ڪري مجوسي (باهہ جا پوڄاري) بي اختيار تي چوڻ لڳا **دينِ اسلام حق آهي.**

(تفسيرِ کبير ج اول ص 155)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** معلوم ٿيو تہ کائڻ يا پيئڻ کان اڳ ۾ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي وٺڻ سان جتي آخرت جو عظيم ثواب آهي اتي دنيا ۾ بہ ان جو هي فائدو آهي تہ جيڪڏهن کائڻ پيئڻ جي شيءِ ۾ ڪي نقصان ڏيندڙ جُزا شامل هجن بہ تہ اهي اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ نقصان ڪونہ ڪندا. حضرتِ سيّدُنا خالد بن وليد رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ تي زهر اثر نہ ڪرڻ جو هي واقعو ڪيترن ڪتابن ۾ ڪجھ لفظن جي فرق سان بہ ملي ٿو يا هيئن بہ ٿي سگهي ٿو تہ هڪ کان وڌيڪ ڀيرا اها ڪرامت ظاهر ٿي هجي. جيئن تہ

# خوفناڪ زهر

**حضرتِ** سيّدُنا خالد بن وليد رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ”حيره“ واري جڳهه تي جڏهن پنهنجي لشڪر سان گڏ ترسيا تہ ماڻهن عرض ڪيو، ياسيّدي! اسان کي انديشو آهي تہ ڪٿي هي عجمي ماڻهو توهان کي زهر نہ ڏئي وجهن، تنهن ڪري هوشيار رهجو. پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمايائون، ”ڪٿي اچو مان ڏسان تہ عجمين جو زهر ڪيئن هوندو آهي؟“ ماڻهن آڻي ڏنو تہ پاڻ بِسۡمِ اللّٰه پڙهي ڪائي ڇڏيائون اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ ڪين وار جيترو بہ نقصان نہ پهتو ۽ ”ڪلبي“ جي روايت ۾ آهي تہ هڪ عيسائي پادري جنهن جونالو عبدالمسيح هو. هڪ اهڙو زهر ڪٿي آيو جنهن جي ڪائڻ کان هڪ ڪلاڪ پوءِ موت يقيني هوندو آهي، پاڻ جڏهن ان کان زهر ورتي ان جي سامهون ئي بِسۡمِ اللّٰهِ وَبِاللّٰهِ رَبِّ الۡاَرۡضِ وَالسَّمَآءِ بِسۡمِ اللّٰهِ الَّذِیۡ لَایَضُرُّ مَعَ اسۡمِهٖ دَآءٌ پڙهيو ۽ زهر ڪائي ڇڏيائون. هي منظر ڏسي ڪري عبدالمسيح پنهنجي قوم کي چيو، ”اي منهنجي قوم! انتهائي حيرت واري ڳالهه آهي جو هي ايڏو خطرناڪ زهر ڪائي ڪري بہ زنده آهن، هاڻي بهتر اهو آهي تہ ساڻن ناهہ ڪيو وڃي نہ تہ سندن فتح يقيني آهي. هي واقعو امير المؤمنين حضرتِ سيّدُنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي خلافت واري دؤر ۾ ٿيو.

(ملخص ازحجة الله علي العلمين ج 2ص 617)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺواوهان! سيِّدُنا خالد بن وليد رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ تي **الله** عَزَّوَجَلَّ جو ڪيڏو خاص ڪرم هو ۽ يقيناً هي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي ڪرامت هئي. ڪرامت جا بيشمار قسم آهن. جن مان هڪ قسم”مُهْلِڪات (يعني موتمار شين) جو اثر نہ ڪرڻ“ بہ آهي، اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی تي بہ زهر وغيره اثر نہ ڪرڻ جا واقعا ملن ٿا. جيئن تہ

## باهہ هئي يا باغ؟!

**هڪ** بدعقيده بادشاهہ هڪ **الله** واري بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي ساٿين سميت گرفتار ڪيو ۽ چيائين تہ”ڪرامت ڏيکاريو، نہ تہ توهان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي ساٿين سميت شهيد ڪيو ويندو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه اٺ جي ڦولڙين ڏانهن اشارو ڪندي فرمايائون تہ اهي ڪٺي اچو ۽ ڏسو تہ اهي ڇا آهن؟ جڏهن ماڻهن انهن کي ڪٺي ڏٺو تہ اهي **خالص سون جا ٽڪرا** هئا، پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه هڪ خالي پيالي کي ڪٺي گهمايائون ۽ اونڌو ڪري بادشاهہ کي ڏنائون تہ اهو پاڻيءَ سان ڀريل هو ۽ اونڌو هئڻ جي باوجود ان مان هڪ ڦڙو بہ پاڻيءَ جو نہ ڪِريو هو، هي ٻئي ڪرامتون ڏسي **بدعقيده بادشاهہ** چوڻ لڳو تہ هي سڀ نظربندي ۽ جادو آهي پوءِ بادشاهہ باهہ ٻارڻ جوحڪم ڏنو. جڏهن باهہ

جا شعلا بلند ٿيا تہ اهي بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ۽ سندن ساٿي باهہ ۾ گهڙي پيا ۽ پاڻ سان گڏ بادشاهہ جي ننڍي شهزادي کي بہ ورتيون ويا. بادشاهہ پنهنجي پٽ کي باهہ ۾ ڪِرندو ڏسي ان جي جُدائيءَ ۾ بي چين ٿي ويو، ڪجھ دير کان بعد ننڍڙي شهزادي کي ان حال ۾ بادشاهہ جي هنج ۾ وڌو ويو، جو ان جي هڪ هٿ ۾ **صوف** ۽ ٻئي ۾ ڏاڙهون هيو. بادشاهہ پُڇيو تہ "پٽ! تون ڪيڏانهن هليو ويو هئين؟ " تہ ان چيو مان هڪ **باغ** ۾ هيس. اهو ڏسي ظالم ۽ **بد عقيده بادشاهہ** جا درٻاري چوڻ لڳا، هن ڪم جي ڪا حقيقت ناهي. (هي جادو آهي) بادشاهہ (ان بزرگ کي) چيو، جيڪڏهن تون هي **زهر** پي وجين تہ مان توکي سچو مڃيندس. ان بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه بار بار زهر جو پيالو پيتو هر پيري زهر جي اثر کان ان بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جا فقط ڪپڙا ڦاٽندا رهيا پر سندن ذات تي **زهر** جو ڪو اثر نہ ٿيو.

(ملخص ازحجة الله علي العٰلمين ج2 ص611)

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

فانوس بن کے جس کی حفاظت "ہوا" کرے
وہ شمع کیا بجھے جسے روشن خدا کرے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيشڪ اولياءِ ڪِرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جو تہ وڏو شان آهي ۽ انهن جي ڪرامتن جو بہ ڇا چئجي. اولياءِ ڪِرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جي غلامي، تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي خاص وصف آهي، ان سان تعلق رکندڙن تي بہ ربّ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ جا اهڙا اهڙا انعام ٿيندا آهن جو عقلَ حيران رهجي ويندا آهن. جيئن تہ:

## حيرت انگيز حادثو

**آچر** جي ڏينهن **26 ربيع النور شريف** ١٤٢٠ھ بمطابق **11.07.1999** ٻيپهري جي وقت پنجاب جي مشهور شهر لالہ موسيٰ جي هڪ مصروف ترين روڊ تي ڪنهن ٽرالر **دعوتِ اسلامي** جي هڪ ذميدار مبلغِ دعوتِ اسلامي محمد مُنير حسين عطاري عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡبَارِی (رهندڙ محلہ اسلام پوره لالہ موسيٰ) کي بلڪل چيپاٽي ڇڏيو. ايتري تائين جو سندن پيٽ وٽان مٿيون ۽ هيٺيون حصو الڳ الڳ ٿي ويو، پر حيرت جي ڳالهہ اها هئي تہ هو پوءِ بہ زنده هيا، حيرت بالاءِ حيرت هي جو سندن حواس ايترا تہ بحال هئا جو وڏي آوازسان اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ اللّٰه ۽ لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهي رهيا هئا. لالہ موسيٰ اسپتال ۾ ڊاڪٽرن جي جواب ڏيڻ تي کين **گجرات** شهر جي عزيز ڀٽي اسپتال آندو ويو کين اسپتال ڪٽي وڃڻ واري اسلامي ڀاءُ قسم کڻي ڳالهہ ڪئي تہ اَلۡحَمۡدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ محمد مُنير

حسين عطاري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْبَارِی جي زبان تي پوري رستي سان ائين ئي وڏي آواز سان درود و سلام ۽ ڪلمهءِ طيبه جو ورد جاري هيو. هي مدني منظر ڏسي ڊاڪٽر بہ حيران هئا تہ هي زنده ڪيئن آهن! ۽ حواس ايترا بحال جو وڏي آواز سان درود سلام ۽ ڪلمهءِ طيبه پڙهي رهيا آهن! انهن جو چوڻ هو تہ اسان پنهنجي زندگيءَ ۾ اهڙو حوصلي وارو ۽ ڪمال وارو مرد پهريون ڀيرو ئي ڏٺو آهي، ڪجھ دير کان پوءِ ان خوش نصيب عاشقِ رسول محمد مُنير حسين عطاري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْبَارِی محبوبِ ڪريم رؤفُ رّحيم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهِ اقدس ۾ بيحد بيقرار ٿي ڪري هيئن فرياد ڪئي،

**يا رسول الله** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مهرباني فرمايو!

**يا رسول الله** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي مدد فرمايو!

**يا رسول الله** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي مُعاف فرمايو! ان کان پوءِ وڏي آواز سان لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهندي شهادت جو جام پيتو. جي ها جيڪو مسلمان حادثي ۾ فوت ٿي وڃي اهو شهيد آهي.

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

واسِطہ پيارے کا ايسا ہو کہ جو سُنّی مرے
يوں نہ فرمائيں تِرے شاهد کہ وہ فاجر گيا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## فجر جي نماز لاءِ جاڳائڻ سنت آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هي واقعو انهن ڏينهن ۾ مختلف اخبارن ۾ شايع ٿيو هيو، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ شهيدِ دعوتِ اسلامي محمد مُنير حسين عطاري عَلَيهِ رَحمَةُاللّٰهِ البَارِی دعوتِ اسلامي جا ذميدار مبلغ هئا ۽ حادثي کان هڪ ڏينهن اڳ ئي عاشقانِ رسول جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلي سان سفر تان واپس موٽيا هئا. مرحوم روزانو صداءِ مدينه ٻه لڳائيندا هئا. دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ فجر جي نماز لاءِ مسلمانن کي جاڳائڻ واري عمل کي ”صداءِ مدينه“ چيو ويندو آهي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ! بيشمار اسلامي ڀائر اها سنّت ادا ڪندا آهن. جي ها، فجر جي نماز جي لاءِ مسلمانن کي جاڳائڻ سنّت آهي، جيئن حضرتِ سيّدُنا ابو بَڪرَه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ (جيڪي بني ثقيف جا هڪ صحابي آهن) فرمائن ٿا. ”مان سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان گڏ فجر جي نماز لاءِ نڪتس ته پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جنهن به سُتل شخص وٽان گذرن پيا، ان کي نمازجي لاءِ آواز ڏين پيا يا پنهنجي پير مبارڪ سان لوڏين پيا. (ابوداود ج2ص33 رقم الحديث1264)

## ڪير پير سان لوڏي؟

جيڪي خوش نصيب **”صداءِ مدينه“** لڳائيندا آهن اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اهي سنّت ادا ڪرڻ جو ثواب حاصل ڪندا آهن. ياد رهي ته پير سان

لوڏڻ جي هر ڪنهن کي اجازت ناهي فقط اهي وڏي عمر وارا ماڻهو پير سان لوڏي سگهن ٿا جن سان سُتل جي دل آزاري نہ ٿيندي هجي، ها جيڪڏهن ڪا شرعي رُڪاوٽ نہ هجي تہ پنهنجي هٿن سان سندس پيرن کي زور ڏئي اٿارڻ ۾ ڪو حرج ناهي. يقينًا اسان جا منا منا آقا مديني وارا مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪڏهن پنهنجي ڪنهن غلام کي پير مبارڪ سان لوڏين تہ ان جا سُتل ڀاڳ جاڳائي ڇڏين ۽ ڪنهن خوشنصيب جي مٿي اکين يا ڇاتيءَ تي پنهنجو قدم مبارڪ رکن تہ خدا جو قسم! ٻنهي جهانن جو چين بخشي ڇڏين.

ایک ٹھوکر میں اُحُد کا زَلزلہ جاتا رہا رکھتی ہیں کتنا وقار اللہُ اکبر ایڑیاں
یہ دِل یہ جگر ہے یہ آنکھیں یہ سر ہے جدھر چاہو رکھو قَدم جانِ عالم

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مرڻ مهل ڪلمو پڙهڻ جي فضيلت

اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ائين تو لڳي تہ محمد مُنير حسين عطاري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْبَارِی جي دعوتِ اسلامي لاءِ ڪيل خدمت رنگ لاتو ۽ ڪين آخري وقت ۾ ڪلمو نصيب ٿي ويو ۽ جنهن کي مرڻ مهل ڪلمو نصيب ٿي وڃي تہ ان جو آخرت ۾ ٻيڙو پار آهي. جيئن نبيءِ رحمت، شفيع امت، مالڪِ جنّت، محبوبِ ربُّ العزّت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي تہ ”جنهن جو آخري ڪلام لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

هجي اهو جنّت ۾ داخل ٿيندو.“ (ابوداود شريف ج3 ص132رقم الحديث3116)

فضل وکرم جس پر بھی ہُوا اُس نے مرتے دَم کَلِمَہ
پڑھ لیا اور جنّت میں گیا لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰه

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ٿلهو متارو شيطان

**هڪ** دفعي ٻن شيطانن ۾ ملاقات ٿي. هڪڙو شيطان ٿلهو متارو هو جڏهن ته ٻيو سنهو ۽ ڏٻرو. ٿلهي سنهي کان پُڇيو، ”ياءَ! آخر تون ايڏو ڪمزور ڇو آهين؟ ان جواب ڏنو مان هڪ اهڙي نيڪ ٻانهي سان گڏ آهيان جيڪو گهر ۾ داخل ٿيڻ ۽ کائڻ پيئڻ وقت بِسْمِ اللّٰه شريف پڙهي ڇڏيندو آهي تنهنڪري مون کي ان کان پري ڀڄڻو پوندو آهي. يار! اهو ته ٻُڌاءِ تون پنهنجي ڏاڍي جان ٻڌائي آهي ان ۾ ڪهڙو رازآهي؟ ٿلهي، ”چيو ته مان اهڙي غافل شخص تي مقرر آهيان جيڪو گهر ۾ بغير بِسْمِ اللّٰه پڙهڻ جي داخل ٿي ويندوآهي ۽ کائڻ پيئڻ وقت به بِسْمِ اللّٰه ناهي پڙهندو تنهنڪري مان ان جي سيني ڪمن ۾ شريڪ ٿي ويندو آهيان ۽ ان تي جانور جيان سوار رهندو آهيان (اهوئي راز آهي منهنجي صحتمنديءَ جو)“

(اسرار الفاتحه ص155)

## نوَ شيطانن جا نالا ۽ ڪم

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن واقعي مان هي درس ملي ٿو ته جيڪڏهن اسان پنهنجي ڪمن ۾ شيطان جي شرڪت کان حفاظت ۽ خير و برڪت جا طلبگار آهيون. ته هر نيڪ ڪم جي شروعات ۾ بِسۡمِ اللّٰه پڙهندا رهون ٻي صورت ۾ هر ڪم ۾ شيطان ملعون شريڪ ٿي ويندو. شيطان جي ڪوڙ ساري اولاد آهي ۽ انهن جون مختلف ڪمن تي ڊيوٽيون لڳل آهن، جيئن حضرت علامہ ابن حجر عسقلاني قُدِّسَ سِرُّہُ الرَّبَّانِي نقل ڪن ٿا، ”اميرالمؤمنين حضرتِ سيّدُنا عمرفاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمائن ٿا ته شيطان جا اولاد 9 آهن:

﴿1﴾زَلِيتُون﴿2﴾ وَثِين ﴿3﴾ لَقُوس﴿4﴾اعوان﴿5﴾ هفاف ﴿6﴾ مرة ﴿7﴾ مسوط ﴿8﴾ داسم ۽ ﴿9﴾ ولهان

**زَلِيتون**: بازارن ۾ مقرر آهي، ۽ اتي پنهنجو جهنڊو ڪوڙي وينو هوندو آهي.

**وَثِين**: ماڻهن کي اوچتو اچڻ وارين آفتن ۾ مبتلا ڪرڻ لاءِ مقرر آهي.

**لَقوس**: آتش پرست (يعنيباه جي پوڄارين) تي مقرر آهي.

**اعوان**: حڪمرانن سان گڏ هوندو آهي.

**هفاف**: شرابين سان گڏ هوندو آهي.

**مرة:** گانا باجا وڄائڻ وارن تي مقرر آهي.

**مسوط:** افواهون عام ڪرڻ تي مقرر آهي. هي ماڻهن جي زبانن تي افواهون جاري ڪرائي ڇڏيندوآهي ۽ اصل حقيقتڪان ماڻهو بي خبر رهندا آهن.

**دَاسِم:** گهرن ۾ مقرر آهي، جيڪڏهن گهر ڌڻي گهر ۾ داخل ٿيڻ وقت نہ سلام ڪري ۽ نہ ئي بِسْمِ اللّٰہ پڙهي قدم اندر رکي تہ هي گهر وارن ڪي پاڻ ۾ ويڙهائي ڇڏيندو آهي ايتري تائين جو طلاق، خُلَع يا مارڪٽ تائين نوبت پهچي ويندي آهي.

**ولهان:** وضو، نماز ۽ بين عبادتن ۾ وسوسا وجهڻ لاءِ مقرر آهي. (المنبهات للعسقلاني ص91)

## گهرو جهيڙن جو علاج

**مفتي** احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان فرمائن ٿا، گهر ۾ داخل ٿيڻ وقت بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهي پهريان ساڄو پير دروازي ۾ داخل ڪرڻ گهرجي پوءِ گهر وارن ڪي سلام ڪندي گهر جي اندر اچو، جيڪڏهن گهر ۾ ڪوبہ نہ هجي، تہ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا النَّبِيُّ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهٗ چئجي. ڪجهہ بزرگن ڪي ڏٺو ويو آهي تہ ڏينهن جي شروعات ۾ گهر ۾ داخل ٿيڻ وقت بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ۽ قُل هوالله شريف پڙهي ڇڏيندا آهن جو ان سان گهر ۾ ايڪو بہ رهندو آهي (يعني جهيڙا ناهن ٿيندا) ۽ روزيءَ ۾ برڪت بہ.

(مرأة المناجيح ج6 ص9)

يا الٰہی ہر گھڑی شیطان سے محفوظ رکھ
دے جگہ فردوس میں نیرّان سے محفوظ رکھ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## کاڌي کان اڳ ۾ بِسْمِ اللّٰه ضرور پڙهو

**کاڌي** پيئڻ کان پهريان بِسْمِ اللّٰه پڙهڻ سنّت آهي حضرتِ سيّدُنا حذيفہ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عاليشان آهي تہ جنهن کاڌي تي بِسْمِ اللّٰه نہ پڙهي وڃي اهو کاڌو شيطان جي لاءِ حَلال ٿي ويندو آهي (يعني بِسْمِ اللّٰه نہ پڙهڻ جي صورت ۾ شيطان ان کاڌي ۾ شريڪ ٿي ويندو آهي.) (صحيح مسلم ج2ص172 رقم الحديث 2017)

## کاڌي کي شيطان کان بچايو

**ڪائڻ** کان اڳ ۾ بِسْمِ اللّٰه نہ پڙهڻ سان کاڌي ۾ **بي برڪتي** ٿيندي آهي. حضرتِ سيّدُنا ابو ايوب انصاري رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا، ”اسان تاجدارِرسالت، ماهِ نُبُوَّت، مالڪِ ڪوثر و جنّت، محبوبِ ربُّ العزّت صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر هئاسين تہ ڪاڌو پيش ڪيو ويو، شروع ۾ ايڏي برڪت اسان ڪنهن ڪاڌي ۾ نہ ڏٺي پر آخر ۾ ڏاڍي بي برڪتي ڏٺي سون. اسان عرض ڪيو يا

رسول **الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ائين چو ٿيو؟ ارشاد فرمايائون اسان سيني کائڻ وقت بِسۡمِ اللّٰه پڙهي هئي. پوءِ هڪ شخص بغير بِسۡمِ اللّٰه پڙهڻ جي کائڻ لاءِ ويهي رهيو تہ ان سان گڏ شيطان کاڌو کائي ورتو." (شرح السنه ج6 ص62 رقم الحديث 2818)

اُمُ الۡمؤمنين حضرتِ سيّدتنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا فرمائن ٿيون تہ **سركارِ** مدينه، سلطانِ باقرينہ، قرارِقلب و سينہ، فيض گنجينہ، صاحبِ معطر پسينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ باقرينہ آهي، تہ جڏهن ڪو شخص کاڌو کائي تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ جو نالو وٺي يعني بِسۡمِ اللّٰه پڙهي ۽ جيڪڏهن شروع ۾ پڙهڻ وسري وڃيس تہ هيئن چوي، " بِسۡمِ اللّٰهِ اَوَّلَه وَاٰخِرَه". (ابوداود ج3ص356رقم الحديث 3767)

## شيطان کاڌو باهر ڪڍي ڇڏيو

**حضرت** سيّدُنا اُمَيَّہ بن مَخۡشِي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمائن ٿا، حضور سراپا نور، فيض گنجور، شاهِ غَيُور، محبوبِ ربِّ غَفور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تشريف فرما هئا. هڪ شخص بغير بِسۡمِ اللّٰه پڙهڻ جي کاڌوکائي رهيو هو جڏهن کائي چُڪو ۽ فقط هڪ ئي گرهہ باقي هيو تہ اهو گرهہ کڻي چيائين بِسۡمِ اللّٰهِ اَوَّلَه وَاٰخِرَهٗ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مُرڪندي فرمايائون. شيطان ان سان گڏ کاڌو کائي رهيو هيو جڏهن هن **الله** عَزَّوَجَلَّ جو نالو ورتو تہ جيڪو ڪجهہ ان جي پيٽ ۾ هيو هن اهو الٽي ڪري ڪڍي ڇڏيو." (ابوداود ج3ص356رقم الحديث 3768)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## نگاهِ مصطفيٰ ﷺ کان
## ڪجهه به لڪيل نه آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن به کاڌو کائو ته ياد ڪري بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي ڇڏيندا ڪيو. جيڪو نه ٿو پڙهي ان جو قرين نالي شيطان به کاڌي ۾ شريڪ ٿي ويندو آهي. سيّدُنا اُمَيَّه بن مَخۡشِي رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ واري روايت مان صاف ظاهر آهي، ته اسان جي پياري پياري آقا صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون مقدس نظرون سڀ ڪجهه ڏسي وٺنديون آهن تڏهن ئي ته شيطان کي الٽي ڪندي ملاحظه فرمايائون ۽ شيطان جي بدحواسي ڏسي مُرڪي پيا. جيئن مفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الۡمَنَّان فرمائن ٿا ته رحمتِ عالم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون مقدس نظرون حقيقت ۾ لڪيل مخلوق کي به ڏسنديون آهن ۽ حديث مبارڪ بلڪل پنهنجي ظاهري معنيٰ تي آهي ڪنهن تاويل جي ضرورت ناهي، جيئن اسان جو پيٽ مڪ وارو کاڌو (جڏهن مڪ ان ۾ موجود هجي) قبول ناهي ڪندو ائين ئي شيطان جو معدو بِسۡمِ اللّٰه وارو کاڌو هضم نٿو ڪري سگهي جيتوٽيڪ ان جو الٽي ڪيل کاڌو اسان جي ڪم ناهي ايندو پر مردود بيمار ٿي پوندو آهي ۽ بُکيو به رهجي ويندو آهي ۽ اسان جي کاڌي جي وڃايل برڪت موٽي ايندي آهي. مطلب ته ان ۾ اسان جو فائدو آهي ۽ شيطان جا ٻه نقصان

۽ ممڪن آهي تہ هو مردود اڳتي اسان سان گڏ بنا بِسْمِ اللّٰه وارو
ڪاڌو بہ هن خوف کان نہ ڪائي تہ متان هي وچ ۾ بِسْمِ اللّٰه پڙهي
وٺي ۽ مون کي الٽي ڪرڻي پوي. حديث پاڪ ۾ جنهن ماڻهو
جو ذڪر آهي غالبًا اهو اڪيلو ڪائي رهيو هو، جيڪڏهن
حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ ڪائي ها تہ بِسْمِ اللّٰه نہ
وساري ها چو تہ اتي حاضرين بِسْمِ اللّٰه وڏي آواز سان چوندا
هئا ۽ گڏ وينلن کي بِسْمِ اللّٰه چوڻ جو حڪم فرمائيندا هئا.
(مرآۃ شرح مشکوٰۃ ج 6 ص 30)

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي** جي مدني قافلن ۾ بہ ڪائڻ جي
شروع ۽ آخر ۾ اڪثر وڏي آوازسان بِسْمِ اللّٰه شريف سان گڏ دعائون
پڙهايون وينديون آهن، مدني قافلن جو مسافر دعائون ۽ سنّتون
سکڻ جي سعادت حاصل ڪندو رهندو آهي، توهان بہ دعوتِ
اسلامي جي مدني قافلن ۾ سفر ڪي پنهنجو معمول بڻايو. عاشقانِ
رسول جي مدني قافلن جي تہ چا ڳالهہ ڪجي! ٻڌندا ۽ جهومندا:

## صديق اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ مدني آپريشن فرمايو

**هڪ** عاشقِ رسول جو بيان پنهنجي لفظن ۾ پيش ڪرڻ
جي ڪوشش ڪيان ٿو، اسان جو مدني قافلو **"ناڪہ ڪارڙي"**
(بلوچستان، پاڪستان) ۾ سنّتن جي تربيت جي لاءِ حاضر ٿيو

هيو، مدني قافلي جي هڪ مسافر جي متي ۾ چار ننڍيون ننڍيون ڳوڙهيون هيون، جنهن سبب ڪيس اڌ متي جو سور رهندو هيو. جڏهن سور ٿيندو هُيس ته چهري جي سور وارو پاسو ڪارو ٿي ويندو هُيس ۽ هو تڪليف ۾ اچي ايڏو تڙپندو هيو جو ان جي تڪليف ڏٺي نه ويندي هئي، هڪ رات هو ائين ئي سور جي ڪري تڙپڻ لڳو ته اسان ڪيس دوا ڪارائي سمهاري ڇڏيو، صبح جو اٿيو ته چڱو ڀلو هيو. ان ٻُڌايو ته اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون تي ڪرم ٿي ويو ۽ منهنجي خواب ۾ سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم چار يار عَلَيهِمُ الرِّضوَان سان گڏ ڪرم فرمايو، سرڪارِ دو عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون ڏانهن اشارو ڪندي حضرتِ سيّدُنا صديق اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي فرمايو ته ”**هن جو سور ختم ڪري ڇڏيو.**“ پوءِ يارِ غار و يارِ مزار حضرتِ سيّدُنا صديق اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ منهنجو هيئن **مدني آپريشن** ڪيو جو منهنجو متو کولي ڇڏيائون ۽ منهنجي دماغ مان چار ڪاريون ڳوڙهيون ڪڍي فرمايائون ته ”پٽ! هاڻي توکي ڪجهه نه ٿيندو، واقعي اهو اسلامي ڀاءُ بلڪل صحت مند ٿي چُڪو هيو. سفر کان واپسيءَ تي ان ٻيهر ”**چيڪ اپ ڪرايو**“. ڊاڪٽر حيران ٿي ڪري چيو واهه! ڪمال آهي، توهان جي دماغ جون چار ئي ڳوڙهيون غائب ٿي چُڪيون آهن ان تي هن (خوشيءَ ۾) روئي روئي ڪري مدني قافلي ۾ سفر جي برڪت ۽ خواب جو واقعو ٻُڌايو.

ڊاڪٽر بيحد متاثر ٿيا. ان اسپتال جي ڊاڪٽرن سميت اتي موجود 12 ماڻهن 12 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفرجون نيّتون لکرايون ۽ ڪجھ ڊاڪٽرن پنهنجي چهري تي هٿوهٽ سَروَرِ ڪائنات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت جي نشاني يعني ڏاڙهي مبارڪ سينگارڻ جي نيّت ڪئي.

ہے نبی کی نظر قافلے والوں پر
آؤ سارے چلیں قافلے میں چلو
سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو
لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! خواب ۾ علاج جو هي واقعو نئون ناهي. الله جا حبيب، حبيبِ لَبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان گناهن جي مريضن جا طبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بَعطاءِ ربِ مُجيب عَزَّوَجَلَّ مريضن کي شِفاء ڏيندا آهن. جيئن تہ حضرتِ سيّدنا امام يوسف بن اسمٰعيل نبهاني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي جي مشهور ڪتاب ” حُجَّةُ اللهِ عَلَى الْعٰلَمِيْن فِيْ مُعْجِزَاتِ سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْن “صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ٻئي جلد مان خواب جي ذريعي شِفا جون پنج حڪايتون ٻُڌو ۽ پنهنجو ايمان تازو فرمايو.

## ﴿1﴾ آقا ﷺ اکين کي روشن فرمائي ڇڏيو

**حضرت** سيّدُنا محمد بن مبارڪ حربي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو بيان

آهي تہ علي ابوالڪبير عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَدِيۡر نابينا هئا، خواب ۾ مدني آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ديدارِ فيض آثار سان فيضياب ٿيا، مني مني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجو شفا وارو هٿ مبارڪ سندن اکين تي گهمايو صبح جو اٿيا تہ اکيون روشن ٿي چُڪيون هيون. (ملخص از حجة الله علي العٰلمين ج 2ص526)

آنکھ عطا کیجئے اُس میں ضیاء دیجئے
جلوہ قریب آگیا تم پہ کروڑوں دُرود

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿2﴾ آقا ﷺ ڳوڙهين جو علاج فرمايو

**حضرتِ** سيّدُنا تقِيُّ الدين ابو محمد عبدالسلام عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ رَبِّ الۡاَنَام فرمائن ٿا تہ منهنجي پاءُ جي ڳلي ۾ ڳوڙهيون ٿي پيون، گهڻي سور جي ڪري پريشان هئا، خواب ۾ سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪرم فرمايو تہ عرض ڪيائين، يا رسول **اللّٰه**! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بيماري جي ڪري سخت تڪليف ۾ آهيان. فرمايائون،” توهان جي فرياد ٻُڌي وئي آهي. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! سرڪارِمدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي برڪت سان منهنجي پاءُ کي شفا حاصل ٿي وئي. (ايضاًص526)

سر بالیں اُنہیں رحمت کی ادا لائی ہے
حال بگڑا ہے تو بیمار کی بن آئی ہے

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿3﴾ آقا ﷺ جي ڪرم سان دَمي جي مريض کي شفا ملي

**هڪ** بزرگ رَحۡمَۃُاللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جو بيان آهي تہ مان سخت بيمار هيُس ۽ پنهنجي گهر جي هيٺين منزل تي بستري تي پيل هيُس، منهنجا پيرسن والد صاحب رَحۡمَۃُاللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ **ضِيقُ النَّفس** (يعني دمہ جي بيماري) جي شدت جي ڪري مٿين منزل تي بستري ۾ هئا نہ مان مٿي چڙهي پئي سگهيس ۽ نہ هو ويچارا هيٺ لهي پيا سگهن! اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ خوشقسمتيءَ سان مون هڪ رات سرورِ ڪائنات شاهِ موجودات، سراپا برڪات، مَنبع عنايات صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زيارت جو شرف حاصل ڪيو. مون سرڪارِ مدينه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ وهاڻو پيش ڪيو، سرڪار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٽيڪ لڳائي ويٺا، مون پنهنجي ۽ پنهنجي پيرسن والد صاحب جي بيماريءَ جي باري ۾ فرياد ڪئي. منهنجي فرياد ٻُڌي سرڪارِ مدينه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مٿين منزل تي تشريف وٺي ويا جڏهن فجر جي نماز جو وقت ٿيو تہ منهنجي ڪنن ۾ **آهہ! آهہ!** جو آواز آيو. دراصل منهنجا والد صاحب ڏاڪڻ تان هيٺ لهي رهيا هئا. مون وٽ اچي چوڻ لڳا، پٽ! وڏي مهرباني ٿي وئي، اڄ رات رحمتِ عالم، نورِ مجسم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون تي ڪرم فرمايو. مون عرض ڪيو بابا سائين! سرڪار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون گناهگار وٽان ئي ٿي ڪري توهان کي نوازڻ لاءِ مٿين منزل تي تشريف کڻي ويا هئا، اَلحَمدُ لِلّٰهِ عَلٰی اِحسَانِهٖ ان ڪان

پوءِ محبوبِ ربُّ العزّت، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، منُبع جُود وسَخاوت، سراپا رَحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي برڪت سان اسان ٻئي تندرست ٿي وياسين. (ايضاً ص527)

مريضانِ جہاں کو تم شفاء دیتے ہو دم بھر میں
خدارا دَرد کا ہو میرے دَرماں یارسولَ الله

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿4﴾ آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم ڪوڙهه جو علاج فرمايو

**حضرت** سيّدُنا ابواسحٰق رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، منهنجي ڪلهي تي ڪوڙهه جو داغ پيدا ٿي پيو، اَلحَمدلله عَزَّوَجَلَّ خواب ۾ جناب رسالتِ مآب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي زيارت ٿي مون پنهنجي بيماريءَ جي شڪايت ڪئي، سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شفا وارو هٿ گهمايو، صبح جو جاڳيس ته اَلحَمدلله عَزَّوَجَلَّ ڪوڙهه جو نالو نشان به نه هيو. (ايضاً531)

مرضِ عصیاں کی ترقّی سے ہُوا ہوں جاں بلب
مجھ کو اچّھا کیجئے حالت مری اچھی نہیں

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿5﴾ آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم هٿ جون لقون ختم فرمايون

**هڪ** بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه بيان ڪن ٿا ته حضرت حَمّاد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي هٿن ۾ قَلُوڪِڙا (يعني لِقُون) ٿي ڪري ڦاٽي پيا هئا، طبيبن

متفق ٿي راءِ ڏني تہ هٿ ڪٽيو وڃي. حضرتِ سيّدُنا حَمّاد رَحمَۃُاللهِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا تہ اها رات مون ڏاڍي تڪليف ۾ بيچينيءَ ۾ گذاري ۽ ٻاڏائي (گڙگڙائي ڪري) **الله** عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ شفا جي دعا گھري. جڏھن سمھي پيس ۽ ظاھري اک بند ٿي تہ دل جي اک کلي وئي، اَلحَمدلله عَزَّوَجَلَّ تاجدارِ رسالت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي خواب ۾ زيارت نصيب ٿي، مون عرض ڪيو يا رسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم منهنجي هٿ تي ڪرم جي نظر فرمايو، ارشاد فرمايائون هٿ اڳتي وڌاءِ، مون هٿ اڳتي وڌايو تہ سرڪار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجو هٿ مبارڪ گھمايو ۽ فرمايائون اُٿي ويھو جڏهن اُٿي ويٺس تہ اَلحَمدلله عَزَّوَجَلَّ! مٺي مٺي مصطفٰي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي برڪت سان منهنجي هٿ جي بيماري ختم ٿي چُڪي هئي. (ايضًا ص528)

يہ مريض مر رہا ہے ترے ہاتھ میں شفاء ہے
اے طبيب جلد آنا مَدَنی مدينے والے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**وسوسو:** فقط **الله** عَزَّوَجَلَّ ئي شفا ڏيڻ واروآهي پر هن حڪايت کي ٻُڌي ڪري وسوسا اچن ٿا تہ ڇا **الله** عَزَّوَجَلَّ کان علاوہ بہ ڪوشفا ڏئي سگھي ٿو؟

**وسوسي جو علاج:** بيشڪ ذاتي طور تي **الله** عَزَّوَجَلَّ ئي شفا ڏيڻ وارو آهي، پر **الله** عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان ان جا ٻانها بہ شفا ڏئي سگھن ٿا. ها جيڪڏهن ڪو هي دعوٰي ڪري تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي

ڏنل طاقت جي بغير فلاڻو بئي کي شفا ڏئي سگهي ٿو تہ يقينًا اهو ڪافر آهي، ڇو تہ شفا هجي يا دوا هڪ ذرو بہ ڪو ڪنهن کي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي عطا جي بغير نہ ٿو ڏئي سگهي، هر مسلمان جو اهو ئي عقيدو آهي تہ انبياء ۽ اولياء عَلَيْهِمُ السَّلَام وَ رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى جيڪي ڪجهہ بہ ڏيندا آهن اهي فقط **الله** عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان ڏيندا آهن. معاذ الله عَزَّوَجَلَّ جيڪڏهن ڪو هي عقيدو رکي تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ ڪنهن نبي يا ولي کي بيماري کان شفا ڏيڻ يا ڪجهہ عطا ڪرڻ جو اختيار ئي نہ ڏنو آهي تہ اهڙو شخص قرآني حڪم کي ڪوڙو سمجهي رهيو آهي. ٽئين سيپاري ۾ سورهءِ آل عمران جي 49 هين آيت ۽ ان جو ترجمو پڙهي وٺو انشاءَ الله عَزَّوَجَلَّ وسوسي جي پاڙ پٽجي ويندي ۽ شيطان ناڪام ۽ نامُراد ٿيندو. جيئن تہ حضرتِ سيّدُنا عيسيٰ عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي قول مبارڪ جو بيان ڪندي **الله تعاليٰ** قرآن پاڪ ۾ فرمائي ٿو:

وَ اُبْرِئُ الْاَكْمَهَ وَ الْاَبْرَصَ وَ اُحْیِ الْمَوْتٰى بِاِذْنِ اللّٰهِ ۚ

”ترجمون ڪنزالايمان: ۽ مان شفا ڏيندو آهيان مادرزاد (پيدائشي) انڌن کي ۽ ڪوڙهہ واري کي ۽ مان مئل جياريندو آهيان **الله** عَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان“

ڏنو توهان! حضرتِ سيّدُنا عيسيٰ روح **الله** عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام صاف صاف فرمائي رهيا آهن تہ مان الله عَزَّوَجَلَّ جي ڏنل قوت سان

پيدائشي انڌن کي اکيون ۽ ڪوڙهه وارن کي شفا ڏيندو آهيان ايتري تائين جو مُردن کي به زنده ڪري ڇڏيندو آهيان.

**الله** عَزَّوَجَلَّ جي طرفان انبيا عَلَيۡهِمُ السَّلَام کي مختلف قسمن جا اختيار عطا ڪيا ويا آهن ۽ نبين جي فيض سان ولين کي به عطا ڪيا ويندا آهن تنهنڪري اهي به شفا ڏئي سگهن ٿا ۽ گهٽو ڪجهه عطا فرمائي سگهن ٿا. جڏهن حضرتِ سيّدُنا عيسيٰ روح **الله** عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو اهو شان آهي ته سيّدُنا عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي به آقا، سردارِ انبيآء مٺي مٺي مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مبارڪ شان ڇا هوندو! هي ياد رکو ته سرورِ ڪائنات صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڀني مخلوقات ۽ سڀني نبين ۽ رسولن عَلَيۡهِمُ السَّلَام جي ڪمالات جا جامع آهن. بلڪ جنهن کي جيترو مليو سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي ئي مليو.

معلوم ٿيو ته جڏهن سيّدُنا عيسيٰ عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام مريضن کي شفا، انڌن کي اکيون ۽ مُردن کي زندگي ڏئي سگهن ٿا ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهي سڀ بدرجهءِ اوليٰ (يعني ان کان به وڌيڪ) عطا فرمائي سگهن ٿا.

حُسنِ یوسُف دمِ عیسیٰ پہ نہیں کچھ موقُوف
جس نے جو پایا ہے، پایا ہے بدولت اُن کی

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## 76 هزار نيڪيون

**حضرت** سيّدُنا ابنِ مسعود رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينهء مُنَوره، سردارِمکهءِ مکرمه، سرورِ عالم، محبوبِ کبريا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ فرحت نشان آهي، ”جيڪو بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡم پڙهندو **الله** عَزَّوَجَلَّ هر اکر جي بدلي ان جي نامهءِ اعمال ۾ چار هزار نيڪيون درج فرمائيندو، چار هزار گناهہ بخشيندو ۽ چار هزار درجا بلند فرمائيندو.“

**(فردوس الاخبار ج 4ص 26 رقم الحديث5573)**

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! خوش ٿي وڃو! پنهنجي پياري پياري **الله** عَزَّوَجَلَّ جي رحمت تي قربان ٿي وڃو. ٿورو حساب تہ لڳايو بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡم ۾ **19** اکر آهن. ائين هڪ ڀيرو بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡم پڙهڻ سان ڇاهتر **(76)** هزارنيڪيون ملنديون آهن، ڇاهتر هزار گناهہ بخشيا ويندا آهن ۽ ڇاهتر هزار درجا بلند ٿيندا آهن. وَاللّٰہُ ذُوالۡفَضۡلِ الۡعَظِیۡم. (۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ وڏي فضل وارو آهي)

## ذبح ڪرڻ وقت الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡم نہ پڙهڻ جي حڪمت

**حضرت** مفتي احمد يار خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الْمَنَّان **الله** عَزَّوَجَلَّ جي اڻ ڳُڻ رحمت جو ذڪر ڪندي فرمائن ٿا تہ ”غور تہ ڪريو جو سورهءِ توبه ۾ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡم ناهي لکي وئي، اهڙي طرح

ذبح جي وقت پوري بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم ناهي پڙهي ويندي، بلڪ هيئن چوندا آهن بِسۡمِ اللّٰهِ اَللّٰهُ اَكۡبَر هن ۾ ڇا حڪمت آهي؟ حڪمت اِها آهي تہ سورهءِ توبه ۾ اول کان آخر تائين جِهاد ۽ قِتال جو ذڪر آهي ۽ هي ڪافرن تي قهر آهي، اهڙي طرح ذبح ۾ جانورکي ڪُنو ويندو آهي هي بہ جَبر ۽ قهر جو وقت هوندو آهي ان موقعي تي رحمت جو ذڪر نہ ڪريو. سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ! تہ جيڪو شخص پوري بِسۡمِ الله شريف (يعني بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم) جو ورد ڪندو تہ انشاءَ الله عَزَّوَجَلَّ خدا جي غضب کان محفوظ رهندو. (تفسيرنعيمي ج اول ص43)

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اڻويهہ اکرن جون حڪمتون

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم جا اڻويهہ اکر آهن ۽ دوزخ تي عذاب ڏيڻ وارا فرشتا بہ اڻويهہ، پوءِ اميد آهي تہ ان جي هڪ هڪ اکر جي برڪت سان هڪ هڪ فرشتي جو عذاب دور ٿي ويندو، ٻي خوبي اها بہ آهي تہ ڏينهن رات ۾ چوويهہ ڪلاڪ آهن جن مان پنج ڪلاڪ پنجن نمازن جي لاءِ وقف آهن ۽ (باقي) اڻويهہ 19 ڪلاڪن لاءِ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم جا 19 اکر عطا فرمايا ويا. هاڻي جيڪو بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم جو ورد ڪندو رهندو انشاءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان جو هر هڪ ڪلاڪ عبادت ۾ ڳڻيو ويندو ۽ هر

ڪلاڪ جا گناهہ مُعاف ٿيندا. (تفسيرِ ڪبيرج1 ص156)

## قبر تان عذاب ڪِچي ويو

حضرتِ سيّدُنا عيسٰي روح **الله** عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام هڪ قبر وٽان گذريا تہ ان ۾ عذاب ٿي رهيو هيو. ڪجھ وقت کان پوءِ وري گذريا. ڏٺائون تہ ان قبر ۾ نور ئي نور آهي ۽ اتي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي رحمت جي برسات ٿي رهي آهي، پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام ڏاڍو حيران ٿيا ۽ خدا عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيائون تہ مون کي ان جو راز ٻُڌايو وڃي. ارشاد ٿيو، اي عيسيٰ (عَلَيْهِ السَّلَام) هي شخص سخت گناهگار هئڻ سبب عذاب ۾ گرفتار هيو، پر مرڻ وقت هن جي گهر واري "اميد" سان هئي، ڪيس ڇوڪرو ڄائو ۽ اڄ ان کي مڪتب (يعني مدرسي) موڪليو ويو آهي ۽ استاد ان کي بِسۡمِ اللّٰه پڙهائي آهي، **مون کي حياءُ آيو تہ مان ان شخص کي زمين جي اندر عذاب ڏيان جنهن جو پٽ زمين جي مٿان منهنجو نالو وٺي رهيو آهي.** (تفسيرِ ڪبيرج اول ص155)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

اے خدائے مصطفٰے میں، تری رحمتوں پہ قُرباں
ہو کرم سے میری بخشش، بِطُفیلِ شاہِ جیلاں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

سُبحٰنَ اللهِ عَزَّوَجَلَّ! سُبحٰنَ اللهِ عَزَّوَجَلَّ! سُبحٰنَ اللهِ عَزَّوَجَلَّ! اسان

سيني کي گهرجي تہ پنهنجي ٻارن کي ”ٽاٽا پاپا يا ابا، امان وغيره“ سيکارڻ بدران شروعات ۾ ئي **الله** عَزَّوَجَلَّ جو نالو وٺڻ سيکاريون، ۽ ائين ناهي تہ فقط مري ويل والدين کي ئي ان جون برڪتون حاصل ٿينديون آهن پر پاڻ سکڻ ۽ سيکارڻ واري کي بہ ان جون برڪتون نصيب ٿينديون آهن. تنهنڪري پنهنجي ننڍڙي مدني مُنّي يا مدني مُنّيءَ سان کيڏڻ وقت سيکارڻ جي نيّت سان انهن جي سامهون هر هر **الله الله** ڪندا رهو تہ اهي بہ ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ زبان کوليندي ئي سڀ کان پهريون لفظ **الله** چوندا.

## ٻارڄي مدني تربيت جي حڪايت

**حضرتِ** سيّدُنا سهل بن **عبدالله** تُستري عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡبَارِی فرمائن ٿا تہ مان ٽن سالن جي عمر جو هيُس تہ رات جي وقت اٿي پنهنجي مامي حضرتِ سيّدُنا **محمد بن سوار** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡغَفَّار کي نماز پڙهندي ڏٺم، هڪ ڏينهن پاڻ مون کي فرمايائون، ڇا توهان ان **الله** عَزَّوَجَلَّ کي ياد نہ ٿا ڪريو جنهن توهان کي پيدا ڪيو؟ مون پُڇيو مان ان کي ڪيئن ياد ڪيان؟ فرمايائون، جڏهن رات جو سمهڻ لڳو تہ زبان کي حرڪت ڏيڻ بجاءِ فقط دل ۾ ئي ٽي ڀيرا هي الفاظ چئو: اَللّٰهُ مَعِیَ ، اَللّٰهُ نَاظِرٌ اِلَیَّ ، اَللّٰهُ شَاهِدِی. **يعني الله تعاليٰ مون سان گڏ آهي، الله تعاليٰ مون کي ڏسي ٿو، الله تعاليٰ**

**منهنجو گواهه آهي.**[1] فرمائن ٿا تہ مون ڪجھ راتيون اهي لفظ پڙهيا ۽ پوءِ کين ٻُڌايم، پاڻ فرمايائون هاڻي هر رات **ست پيرا** پڙهو، مون ائين ئي ڪيو ۽ پوءِ کين اطلاع ڏنم، فرمايائون هاڻي هر رات **يارهن پيرا** اهي ئي **لفظ** پڙهو (فرمائن ٿا) مون ائين ئي پڙهيو تہ منهنجي دل ۾ ان جي لذت محسوس ٿي. جڏهن هڪ سال گذري ويو تہ منهنجي مامي سائين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن فرمايو تہ مون جيڪو ڪجھ توهان کي سيکاريو آهي ان کي قبر ۾ وڃڻ تائين هميشہ پڙهندا رهجو. انشاءَ اللہ عَزَّوَجَلَّ هي توهان کي دنيا ۽ آخرت ۾ نفعو پهچائيندو. سيّدُنا **سهل بن عبدالله** تُستري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْبَارِی فرمائن ٿا مون ڪيترائي سال ائين ئي ڪيو ۽ مون پنهنجي اندر ۾ ان جو ڏاڍو سُرور محسوس ڪيو، مان اڪيلائي ۾ اهو ذڪر ڪندو هيس، پوءِ هڪ ڏينهن منهنجي مامي سائين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمايو، **اي سهل! الله** تعاليٰ جنهن شخص سان گڏ هجي ان کي ڏسندو هجي ۽ ان جو گواهه هجي ڇا اهو ان جي نافرماني ڪندو آهي؟ هرگز نہ. تنهنڪري توهان پنهنجو پاڻ کي گناهن کان بچايو پوءِ مامي سائين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه مون کي **مدرسي** موڪلي ڇڏيو. مون سوچيو ڪٿي منهنجي ذڪر ۾ خلل نہ اچي وڃي تنهنڪري استاد صاحب سان هي شرط مقرر

---

[1] ٽي سگهي تہ هي الفاظ لکي ڪري گهر ۽ دڪان وغيره ۾ اهڙي جڳهہ تي ٽنگي ڇڏيو جتي توهان جي نظر پوندي رهي.

ڪيم تہ مان وٽن فقط هڪ ڪلاڪ پڙهندس پوءِ واپس هليو ويندس. اَلحَمدلله عَزَّوَجَلَّ مون مدرسي ۾ **ڇهن ستن سالن** جي عمر ۾ قرآن مجيد **حفظ** ڪري ورتو.

اَلحَمدلله عَزَّوَجَلَّ مان روزانو روزو رکندو هيس ٻارهن سالن جي عمرتائين مان جَوَن جي ماني کائيندو رهيس، تيرهن سالن جي عمر ۾ مونکي هڪ مسئلو پيش آيو، ان جي حل جي لاءِ گهر وارن کان اجازت وٺي مان **بصره** آيس ۽ اتان جي عالمن کان اهو مسئلو پُڇيم، پر انهن مان مون کي ڪنهن بہ مطمئن ڪندڙ جواب ڪونہ ڏنو، پوءِ مان **عَبّادان** جي طرف هليو ويس، اتان جي مشهور عالمِ دين حضرتِ سيِّدُنا **ابو حبيب حمزه بن ابي عبدالله** عباداني قُدِّسَ سِرُّہُ الرَّبَّانِي کان مون مسئلو پُڇيو انهن مون کي مطمئن ڪندڙ جواب ڏنو، مان هڪ عرصي تائين سندن صحبت ۾ رهيس. سندن ڳالهين مان فيض حاصل ڪندو رهيس ۽ ڪائنئن آداب سکندو رهيس، پوءِ مان **تُستَر** ڏانهن موٽي آيس. مون گذاري جو انتظام هيئن ڪيو هو جو مون لاءِ **هڪ درهم** جا جَوَ شريف ورتا ويندا هئا ۽ انهن کي پيهي ماني پچائي ويندي هئي. مان هر رات سَحَري جي وقت **هڪ اوقيہ (يعني تقريبًا 70گرام)** جَوَ جي ماني کائيندو هيس، جنهن ۾ نہ لوڻ هوندو هو نہ ڀاڄي. اهو **هڪ درهم** مون لاءِ سجو سال ڪافي هوندو هو. پوءِ مون ارادو ڪيو تہ **ٽي ڏينهن** لاڳيتو بُک ڪاٽيندس ۽ ان

کان پوءِ ڪائيندس، پوءِ **پنج ڏينهن** وري **ست ڏينهن** ۽ پوءِ **پنجويھ ڏينهن** لاڳيتو بُک ڪاٽيم (يعني پنجويھ ڏينهن کان پوءِ هڪ پيروڪاڏو ڪائيندو هُيس) ويھ سالن تائين اهو ئي طريقو رهيو، پوءِ ڪيترن ئي سالن تائين مون سير سفر ڪيو، واپس **تُستر** آيس تہ جيترو **الله** عَزَّوَجَلَّ چاهيو راتيون جاڳي عبادت ڪندو رهيس. حضرتِ سيّدُنا **امام احمد** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْاَحَد فرمائن ٿا مون مرڻ گهڙيءَ تائين سيدُنا سهل بن **عبدالله** تُستري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْبَارِی کي لوڻ استعمال ڪندي نہ ڏٺو. **(احياءُ العلوم ج3ص91)**

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** خوشنصيب والدين دنيا جي بدران آخرت جي مُعاملي ۾ پنهنجي اولاد جي لاءِ وڌيڪ فڪرمند رهندا آهن جيئن تہ اهڙي ئي سمجهدار ماءُ پنهنجي پٽ تي **انفرادي ڪوشش** ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ ان جي اصلاح ٿي وئي. هي ايمان افروز واقعو پڙهندا ۽ جهومندا.

## دعوتِ اسلامي جي
## تربيتي ڪورس جي بهار

**جهنگ** (پنجاب پاڪستان) جي هڪ عاشقِ رسول جي بيان جو پنهنجي انداز ۾ خلاصو پيش ڪيان ٿو،"امڙ سڳوري

ڪافي عرصي کان بيمار هئي، ان جي شديد خواهش هئي تہ مان گناهن جي ماحول مان نڪران ۽ سُڌري وڃان، امڙ کي **دعوتِ اسلامي** سان ڏاڍو پيار هو. پاڻ پيسا وغيره ڏئي مونکي اصرار ڪري بابُ المدينه ڪراچي موڪليائين تہ عاشقانِ رسول جي عالمي مدني مرڪز **فيضانِ مدينه** ۾ رحمتن واري مدني ماحول ۾ تربيتي ڪورس ڪجانءِ ۽ منهنجي صحت لاءِ بہ دعا گهرجانءِ. اَلحَمدلله عَزَّوَجَلَّ مون باب المدينه ڪراچي اچي "**تربيتي ڪورس**" ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي، **مدني قافلن** ۾ سفر ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيم، امڙ لاءِ گهڻيون دعائون بہ گهريم، فارغ ٿيڻ کان پوءِ جڏهن گهر آيس تہ منهنجي خوشيءَ جي انتها نہ رهي جو تہ **تربيتي ڪورس** جي دوران **فيضانِ مدينه** ۾ گهريل دعائن جي برڪت سان منهنجي امڙ خوش ٿي چُڪي هئي. اَلحَمدلله عَزَّوَجَلَّ تربيتي ڪورس جي برڪت سان مان نمازي بڻجي ويس ۽ مدني ماحول سان وابستگي نصيب ٿي سنّتن جي خدمت ۽ **مدني قافلن** ۾ سفر جو جذبو مليو، منهنجي تمنا آهي تہ اسان جي گهر جو هر ڀاتي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ رنگجي وڃي ۽ اسان جون تمام پريشانيون دور ٿي وڃن.

فيضانِ مدينہ میں اللہ کی رَحمت ہے　　امی کو مُیسّر اب صحّت کی سعادت ہے
فیضانِ مدینہ میں آنے ہی کی بَرَکت ہے　　خوب اور بڑھی مجھ کو سنّت سے محبّت

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**جيڪي** ماڻهو پنهنجي اولاد کي فقط دنيا ناهڻ لاءِ ٿي وقف رکندا آهن ۽ کين سٺي صحبت کان روڪيندا آهن، اهي پنهنجي آخرت کي سخت خطري ۾ وجهي ڇڏيندا آهن ۽ مٿائن ڪڏهن ڪڏهن دنيا ۾ به پڇتائڻ جا ڏينهن ايندا آهن. جيئن ته

### مدني قافلي کان روڪڻ جو نقصان

**مدينة الاولياء** احمد آباد شريف (هند) جي هڪ عاشقِ رسول هڪ نوجوان تي **انفرادي ڪوشش** ڪري ان کي مدني قافلي ۾ سفر لاءِ تيار ڪيو، پر سندس والد صاحب دنياوي تعليم ۾ رڪاوٽ جي خوف کان آخرت جي تعليم جي سفر کان روڪي ڇڏيو. ويچاري کي عاشقانِ رسول جي صحبت ملندي ملندي رهجي وئي. نتيجي طور هو بُرن دوستن جي صحبت ۾ اچي ويو ۽ شرابي بڻجي ويو. هاڻي ان جي والد کي غلطيءَ جو احساس ٿيو، هُن انهيءَ عاشقِ رسول کي گذارش ڪئي ته "هن کي قافلي ۾ وٺي وڃو ته جيئن هن کان شراب جي عادت ڇڏائجي وڃي." ان نوجوان تي ٻيهر انفرادي ڪوشش ڪئي وئي پر جيئن ته معاملو هٿن مان نڪري چُڪو هو يعني ويچارو تمام گهڻو بگڙي چُڪو هو، تنهنڪري ڪنهن به صورت ۾ **مدني قافلي** ۾ سفر لاءِ تيار نه ٿيو.

والدين کي گهرجي ته پنهنجي اولاد کي شروع کان ئي سنو ۽ مدني ماحول فراهم ڪن نه ته بُري صحبت جي ڪري بگڙي وڃڻ جي صورت ۾ موقعو هٿن مان نڪري ويندو آهي.

سگِ مدينه عفي عنه کي ان جي وڏي ڀيڻ ٻُڌايو تہ هڪ اسلامي ڀيڻ روئي روئي ڪري دعا لاءِ چيو آهي تہ منهنجي پٽ جي اصلاح لاءِ دعا ڪيو، هاءِ! هاءِ! مون پاڻ ئي ان کي برباد ڪيو آهي. ان کي **دعوتِ اسلامي** جي مدرسة المدينه ۾ حافظ ٿيڻ لاءِ ويهاريم تہ سهي پر ويچارو جيڪي سنّتون وغيره سکي ڪري گهر ۾ اچي بيان ڪندو هيو تہ مٿس ٺوڪون ڪندا هئاسين. آخرڪار سندس دل ٽُٽي پئي ۽ ان مدرسة المدينه ۾ وڃڻ ڇڏي ڏنو، هاڻي ٻُرن دوستن جي صحبت ۾ رهي رولو ٿي ويو آهي، اتفاق سان مون کي هاڻي **دعوتِ اسلامي** جو مدني ماحول ملي ويو آهي هاڻي مان سخت پڇتائي رهي آهيان تہ افسوس! منهنجو ڇا ٿيندو!

صُحبتِ صالِح تُرا صالِح کُنَند　　صُحبتِ طالِح تُرا طالِح کُنَند

**(يعني چڱن جي صحبت توکي چڱو بڻائيندي)　　(۽ ٻُرن جي صحبت توکي ٻُرو بڻائيندي)**

## دردندن جو گهر

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرت سيّدُنا سهل بن عبدالله تُستري** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْبَارِی **صديق** (يعني اول درجي جي اوليائن مان) هئا. پاڻ ان لاءِ لوڻ استعمال نہ فرمائيندا هئا جو لوڻ جي ڪري کاڌو لذيذ ٿي ويندو آهي ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه لذتن کان پري رهندا هئا. واقعي قورمي برياني وغيره ۾ پيلي هزار مصالحه وجهو پر

جيڪڏهن لوڻ نہ وجهندؤ تہ ڪاڏي جو سڄو مزو خراب ٿي ويندو. هي بہ ياد رهي تہ لوڻ جو هڪ خاص مقدار انساني جسم لاءِ ضروري آهي ۽ هي ان بزرگ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي ڪرامت هئي تہ بغير لوڻ استعمال ڪرڻ جي بہ زنده هئا. تُستر شريف ۾ سندن گهر مبارڪ کي ماڻهو ”بيت السباع“ يعني درندن جو گهر چوندا هئا ڇو تہ وقتن تمام گهڻي مقدار ۾ درندا (شينهن چيتا) وغيره حاضر ٿيندا هئا ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه گوشت جي ذريعي سندن مهماني فرمائيندا هئا. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه آخري عمر ۾ **معذور** ٿي چُڪا هئا پر جڏهن نماز جو وقت ايندو هو تہ سندن هٿ پير صحيح ٿي ويندا هئا ۽ نماز کان فارغ ٿيندا هئا تہ وري معذور ٿي ويندا هئا. **(الرسالة القشيريه ص387)**

**اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بخار جو علاج

**روايت** ۾ آهي تہ هڪ شخص کي بخار ٿي پيو تہ سندس استادِ محترم حضرت شيخ فقيه ولي عمر بن سعيد عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْمُعِيْد عيادت ڪرڻ لاءِ تشريف ڪٺي آيا، وڃڻ وقت ڪيس هڪ **تعويذ** ڏيندي فرمايائون تہ هن کي کولي نہ ڏسجانءِ سندن وڃڻ کان پوءِ ان تعويذ ٻَڌي ڇڏيو، فوراً بخار لهي ويو، ان کان صبر نہ

تي سگھيو، سو تعويذ کولي جو ڏٺائين تہ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم لکيل هيو. دل ۾ وسوسو آيس هي تہ کو بہ لکي سگھي ٿو. عقيدت ۾ گھٽتائي ايندي ئي فوراً بخار موٽي آيو، گھٻرائجي سائين جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي مُعافي گھريائين انهن تعويذ ٻڌائي پنهنجي هٿ مبارڪ سان کيس ٻَڌي ڇڏيو بخار يڪدم لهي ويو. هن ٻيري ڏسڻ کان منع نہ ڪيائون پر هن خوف کان کولي نہ ڏٺو. آخرڪار پوري سال کان پوءِ جڏهن کولي ڏٺائين تہ اهو ئي بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم لکيل هيو.

**اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀا ئرو!** واقعي بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم جون وڏيون برڪتون آهن ۽ هن ۾ بيمارين جو علاج بہ آهي. هن حڪايت مان درس مليو تہ بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِيْن جيڪڏهن ڪنهن جائز ڳالھ کان بہ روڪين تہ سمجھ ۾ نہ اچڻ جي باوجود بہ ان کان بچڻ گهرجي، اهو بہ درس مليو تہ تعويذ کولي نہ ڏسڻ گهرجي جو ان سان يقين ۾ گھٽتائي اچڻ جو انديشو رهندو آهي، ٻيو هي تہ ان کي ويڙهڻ جي خاص طريقي سان ڳَنڍ وڳَنڍ ويڙهڻ جي دوران ڪڏهن ڪڏهن ڪجھ پڙهيل بہ هوندو آهي،

تنهنڪري ڪولي ڏسڻ سان ان جي فائدي ۾ گهڻتائي اچي سگهي ٿي.

## ”يا نبي“ جي پنجن اکرن جي نسبت سان بخار جا 5 مدني علاج

مدينہ 1 لَا يَرَوْنَ فِيْهَا شَمْسًا وَّلَا زَمْهَرِيْرًا ﴿۱۳﴾ (پ29 سورة الدهر آيت 13)

(ترجمو ڪنزالايمان: نہ ان ۾ اس ڏسندا نہ سخت ٿڌ.) هيءَ آيتِ سڳوري ست ڀيرا (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف) پڙهي دم ڪريو، ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ بخار جي شدت ۾ واضح گهڻتائي محسوس ٿيندي ۽ مريض سُڪون محسوس ڪندو. (ترجمو پڙهڻ جي ضرورت ناهي)

مدينہ 2 حضرتِ سيّدُنا امام جعفر صادق رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا ”سورة الفاتحه 40 ڀيرا (اول ۽ آخرهڪ ڀيرو درود شريف) پڙهي پاڻيءَ تي دم ڪري بخار واري جي منهن تي ڇنڊا هڻو ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ بخار لهي ويندو.

مدينہ 3 سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي بخار هيو تہ مٿائن حضرتِ سيّدُنا جبريل امين عَلَيْهِمُ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام هي دعا پڙهي دم ڪيو هيو:

بِسْمِ اللهِ اَرْقِيْكَ مِنْ كُلِّ شَیْءٍ يُّؤْذِيْكَ مِنْ شَرِّ كُلِّ نَفْسٍ اَوْ عَيْنٍ حَاسِدٍ اَللّٰهُ يَشْفِيْكَ بِسْمِ اللهِ اَرْقِيْكَ

(ترجمو: ”ءِ الله عَزَّوَجَلَّ جي نالي سان اوهان تي دم ڪريان ٿو، هر ان بيماريءَ جي لاءِ جيڪا توهان کي تڪليف ڏئي ٿي ۽ ہين جي شر ۽ حسد (ساڙ) ڪرڻ وارن جي بُري نظرڪان. الله عَزَّوَجَلَّ توهان کي شفا عطا فرمائي، مان توهان تي الله عَزَّوَجَلَّ جي نالي سان دم ڪيان ٿو.“)

(صحيح مسلم ص 1202 رقم الحديث 2186)

بخار جي مريض کي فقط عربي ۾ دعا (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف) پڙهي ڪري دم ڪريو.

مدينہ 4 **بخار** وارو ڪثرت سان بِسْمِ اللّٰهِ الْكَبِيْرِ پڙهندو رهي.

مدينہ 5 **حديثِ پاڪ** ۾ آهي تہ جڏهن توهان مان ڪنهن کي بخار اچي وڃي تہ ان کي ٽن ڏينهن تائين صبح جي وقت ٿڌي پاڻي جا ڇنڊا هنيا وڃن.

(المستدرڪ للحاڪم ج4 ص223 رقم الحديث7438)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** سان وابستہ اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن کي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي غلاميءَ تي ناز آهي، سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنّتن جي تربيت جي **مدني قافلن** ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سفر ڪري دعا گهرڻ سان ڪڏهن ڪڏهن ڊاڪٽرن طرفان لاعلاج ڄاڻايل مريضن جون خوشيون بہ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ڀيهر موٽي آيون آهن. جيئن تہ

## اکيون روشن ٿي ويون

**مدينا**

**لياقت** ڪالوني حيدرآباد (باب الاسلام سنڌ پاڪستان) ۾ دعوتِ اسلامي جي مبلغ هڪ نوجوان کي **مدني قافلي** جي دعوت پيش ڪئي، جنهن تي هو ڪاوڙجي چوڻ لڳو توهان ڪنهن جي پريشانيءَ جو خيال بہ فرمائيندا ڪريو، منهنجي والده جي اکين جو آپريشن ڊاڪٽرن غلط ڪري ڇڏيو آهي، جنهن جي ڪري سندن نظر ختم ٿي وئي آهي، اسان جي گھر ۾ ڪهرام متل آهي ۽ توهان چئو ٿا تہ **مدني قافلي** ۾ سفر ڪريو، مبلغ همدرداڻي انداز ۾ دعا ڏيندي چيو، **الله** عَزَّوَجَلَّ توهان جي والده کي شفا عطا فرمائي ڊاڪٽر ڇا ٿا چون؟ ان چيو ڊاڪٽر چون ٿا تہ هاڻي آمريڪا ڪٽي ويندؤ تڏهن بہ علاج ممڪن ناهي، ائين چوندي هو روئڻهارڪو ٿي ويو، مبلغ وڏي محبت سان سندس پُٺي ٺپيندي تسلي ڏيندڙ لهجي ۾ چيو ”ادا! ڊاڪٽرن جواب ڏئي ڇڏيو آهي تہ مايوس ڇو ٿا ٿيو! **الله** عَزَّوَجَلَّ شفا عطا فرمائڻ وارو آهي ۽ مسافر جي دعا **الله** عَزَّوَجَلَّ قبول فرمائيندو آهي توهان عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلي ۾ سفر ڪيو ۽ ان دوران والده جي لاءِ دعا بہ گھرو، ان مبلغ جي آتت واري انفرادي ڪوشش جي نتيجي ۾ ڏکايل نوجوان سنّتن جي تربيت جي **مدني قافلي** ۾ سفر ڪيو ۽ ان قافلي جي دوران والده جي لاءِ خوب دعائون گھريون، **جڏهن گھر موٽيو تہ هي** ڏسي سندس خوشيءَ جي انتها نہ رهي، جو مدني قافلي جي

برڪت سان سندس والده جي اکين جو نور واپس اچي چُڪو هيو. اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰی اِحسَانِهٖ

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو　　سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو
چشمِ بینا ملے سُکھ سے جینا ملے　　پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مديني جي تاجدار صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ خوشگوار آهي، ته ٽن قسمن جون دعائون قبول آهن، انهن جي قبوليت ۾ ڪو شڪ ناهي. ﴿1﴾ مظلوم جي دعا ﴿2﴾ مسافر جي دعا ﴿3﴾ پنهنجي پٽ جي حق ۾ پيءُ جي دعا (جامع ترمذي ج 5 ص280 رقم الحديث 3459) سفر ۾ سو به **مدني قافلي** ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هجي ته پوءِ ڇا چئجي؟ ان ۾ دعائون ڇو نه قبول ٿينديون، هن واقعي مان هي به درس مليو ته انفرادي ڪوشش ۾ نهايت صبر ۽ بُردباري جي ضرورت آهي، سامهون وارو ڏڙڪا ڏي بلڪ ماري تڏهن به مايوس ٿيڻ بدران انفرادي ڪوشش جاري رکو، جيڪڏهن توهان ڪاوڙ ۾ اچي ويؤ يا هلڪڙائپ تي لهي آيؤ ته دين جو تمام گهڻو نقصان ڪري ويهندؤ، سمجهائڻ نه ڇڏيو ڇو ته سمجهائڻ ضرور رنگ لائيندو آهي ۽ ڇو نه رنگ لائي جو **27**هين سيپاري ۾ سورة الذّريٰت جي آيت **55** ۾ اسان جي پياري پياري الله عَزَّوَجَلَّ جو فرمانِ عظمت نشان آهي:

وَ ذَكِّرْ فَاِنَّ الذِّكْرٰى تَنْفَعُ الْمُؤْمِنِيْنَ﴿۵۵﴾

**ترجمو كنزالايمان:** ۽ سمجهايو جو سمجهائڻ مسلمانن کي فائدو ڏئي ٿو.

## مٿي جي سور جو علاج

روم جي قيصر بادشاهه اميرالمؤمنين حضرتِ سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي خط لکيو تہ مون کي دائمي مٿي جو سور رهندو آهي جيڪڏهن توهان وٽ ان جي دوا هجي تہ موڪلي ڏيندا. حضرتِ سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ ان ڏانهن هڪ ٽوپي موڪلي ڏني. روم جو بادشاهه جڏهن ان کي پائيندو هو تہ سندس مٿي جو سور ختم ٿي ويندو هيو ۽ جڏهن لاهيندو هيو تہ وري سور موٽي ايندو هُيس، ان کي ڏاڍي حيرت ٿي. آخرڪار ان ٽوپي کي اڌيڙيو تہ ان مان هڪ ڪاغذ نڪتو جنهن تي بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم لکيل هيو. (اسرار الفاتحه ص163 تفسيرِ ڪبيرج اول ص 155)

## بِسْمِ الله سان علاج جو طريقو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن واقعي مان هي بہ معلوم ٿيو تہ جنهن کي مٿي جو سور هجي اهو هڪ ڪاغذ تي بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم لکي يا لکرائي ان جو تعويذ مٿي تي ٻَڌي ڇڏي. لکڻ جو طريقو هي آهي تہ اهڙي مس جيڪا مٽجي نہ سگهي مثلاً بال پين سان لکو ۽ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم جي ه ۽ ٽنهي " م " جون گولايون

ڪليل رکو، تعويذ لکڻ جو اصول هي آهي تہ آيت يا عبارت لکڻ ۾ هر گولائي واري اکر جي گولائي ڪليل هجي يعني هن ريت مثال طور ط ، ظ، ہ، ھ، ص، ض، و، م، ف، ق وغيره. زير زبر لڳائڻ ضروري ناهن، لکي ڪري موم جامو (يعني ميڻ ۾ پڱل ڪپڙي جو ٽڪرو ويڙهي ڇڏيو) يا پلاسٽڪ ڪوٽنگ ڪري ڇڏيو پوءِ ڪپڙي ريگزين يا چمڙي ۾ تعويذ ٺاهيو ۽ مٿي تي ٻَڌي ڇڏيو، جن کي عمامي شريف جو تاج سجائڻ جو شرف حاصل آهي اهي چاهين تہ عمامي جي ٽوپي ۾ سبي ڇڏين، اهڙي طرح اسلامي ڀينرون رَئي يا بُرقعي جي ان حصي ۾ سبي ڇڏين، جيڪو مٿي تي رهندو آهي. جيڪڏهن يقين ڪامل هوندو تہ انشاءَ الله عَزَّوَجَلَّ مٿي جو سور ختم ٿي ويندو. سون يا چاندي يا ڪنهن بہ ڌاتوءَ جي دٻيءَ ۾ مرد کي تعويذ پائڻ جائز ناهي. اهڙيءَ ريت ڪنهن بہ قسم جي ڌاتوءَ جي زنجير چاهي، ان ۾ تعويذ هجي يا نہ هجي مرد کي پائڻ ناجائز ۽ گناهہ آهي. ساڳيءَ ريت سون چاندي ۽ اسٽيل وغيره ڪنهن بہ ڌاتوءَ جي تختي يا ڪڙو (يعني ڪنگڻ) جنهن تي ڪجهہ لکيل هجي يا نہ هجي چاهي **الله** عَزَّوَجَلَّ جو نالو مبارڪ يا ڪلمهءِ طيبہ وغيره اڪريل هجي اهو پائڻ مرد جي لاءِ ناجائز آهي. **عورت** سون چاندي جي ننڍي دٻليءَ ۾ تعويذ پائي سگهي ٿي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ”يا الله“ جي ڇهن اکرن جي نسبت سان اڌ مٿي جي سور جا 6 علاج

1 **جيڪڏهن** ڪنهن کي اڌ مٿي جوسورهجي تہ هڪ دفعو سُوْرَةُ الْإِخْلَاص (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف) پڙهي دم ڪري ڇڏيو، ضرورت مطابق ٽي ڀيرا، ست ڀيرا يا يارهن ڀيرا اهڙي طرح دم ڪريو، يارهن جو عدد پورو ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي اِن شَاءَ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ اڌ مٿي جو سور ٺيڪ ٿي ويندو.

2 **جڏهن** سور ٿي رهيو هجي ان وقت سُنڍ (يعني سڪل ادرڪ جيڪا پنساري جي دڪان تان ملي سگهي ٿي) کي ٿورو پاڻي ۾ رڳڙي سُنڍ جو رڳڙيل حصو نرڙ تي مَلڻ سان اِن شَاءَ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ **اڌ مٿي** جو سور ختم ٿي ويندو.

3 **سُڪل** ڌاڻن جا ٿورا داڻا ۽ ٿوري ڪشمش مٺ جي ٽڏي يا سادي پاڻي ۾ ڪجھ ڪلاڪ ڀِجائي ڪري پيئڻ سان اِن شَاءَ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ فائدو ٿيندو.

4 **گرم** کير ۾ ديسي گيهہ مِلائي پيئڻ سان بہ فائدو ٿيندو آهي.

5 **ناريل** جو پاڻي پيئڻ سان اڌ مٿي جو سور ۾ پوري مٿي

جي سور ۾ گهٽتائي ايندي آهي.

6 اڌ گرم پاڻي جي وڏي ٿانوَ ۾ لوڻ وجهي ٻئي پير ٻارنهن منٽن جي لاءِ ان ۾ وجهي ڇڏيو، ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ فائدو ٿيندو (ضرورتًا وقت ۾ گهٽ وڌ ائي ڪري سگهو ٿا.)

## ”يا مصطفيٰ“ جي سنت اڪرن جي نسبت سان مٿي جي سور جا 7 علاج

1 لَا يُصَدَّعُوْنَ عَنْهَا وَلَا يُنْزِفُوْنَ ﴿١٩﴾

ترجموڪنزالايمان: نہ انهن کي مٿي ۾ سور پوي ۽ نہ ئي هوش ۾ فرق اچي. (سيپارو 27 الواقعه 19) هي آيتِ ڪريمہ ٽي پيرا (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف) پڙهي دم ڪريو ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ فائدو ٿي ويندو. (ترجمو پڙهڻ جي ضرورت ناهي)

2 سورة الناس ست پيرا (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف) پڙهي مٿي تي دم ڪيو ۽ پُڇو جيڪڏهن اجان سور هجي تہ ٻيو ڀيرو بہ ائين ڪيو. جيڪڏهن اجان بہ سور هجي تہ ٽيون ڀيرو بہ ائين ئي دم ڪيو، سڄي مٿي جو سور هجي يا اڌ مٿي جو، ڪيڏو ئي شديد سُور هجي ٽن ڀيرن ۾ ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ ختم ٿي ويندو.

3 سڄي مٿي جو سور هجي يا شقيقہ (يعني اڌ مٿي جو سور) ٽيپهري جي نماز کان پوءِ سورة التڪاثر هڪ ڀيرو (اول

۾ آخر هڪ ڀيرو درود شريف) پڙهي دم ڪريو ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ سور ۾ فائدو ٿيندو.

4 زبان تي هڪ چپٽي لوڻ رکي 12 منٽن ڪان پوءِ هڪ گلاس پاڻي پي ڇڏيو متي ۾ ڪيترو ئي سور هجي ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ فائدو ٿي ويندو. (هاءِ بلڊ پريشر جي مريضن جي لاءِ لوڻ جو استعمال نقصان ڪار هوندو آهي.)

5 هڪ پاڻي جي ڪوپ ۾ هڪ چمچو هيڊ وجهي اوٻاري پيئڻ يا ٻاڦ وٺڻ سان ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ متي جو سور ختم ٿي ويندو (ڀاڄي وغيره ۾ هيڊ ضرور استعمال ڪريو، روزانو هڪ گرام (يعني چَپٽي جيتري) هيڊ کائڻ وارو ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ ڪينسر ڪان محفوظ رهندو.)

6 ديسي گيهه ۾ تَريل گرم گرم تازيون جِليبيون سج ايرڻ کان اڳ ۾ کائڻ سان ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ متي جي سور ۾ آرام اچي ويندو.

7 ڪڏهن اتفاق سان متي ۾ سور پئجي وڃي ته ڪاڏي کائڻ کان پوءِ ڊسپرين (DISPRIN) جون ٻه ٽڪيون (يعني گوريون) پاڻي ۾وجهي پي ڇڏيو ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ نيڪ ٿي ويندؤ. (هر قسم جي سور واري ٽڪي (گوري) ڪاڏي کائڻ کان پوءِ ئي

استعمال ڪئي وڃي، نہ تہ نقصان ٿيڻ جو انديشو آهي.)

**مدني مشورو:** جيڪڏهن دوائن سان مٿي جو سور نيڪ نہ ٿيندو هجي تہ اکيون ٽيسٽ ڪرايو جيڪڏهن نظر ڪمزور هجي، تہ عينڪ پائڻ سان ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ **مٿي جو سور** نيڪ ٿي ويندو. اجان بہ نيڪ نہ ٿئي تہ دماغ جي خصوصي ڊاڪٽر وٽ وڃڻ ضروري آهي. ان ۾ ڪوتاهي ڪڏهن ڪڏهن سخت نقصان ڏيندڙ ثابت ٿيندي آهي.

**نڪهير اچڻ جو علاج:** جيڪڏهن ڪنهن کي نڪهير اچي ۽ رت وهڻ لڳي تہ شهادت واري آڱر سان پيشاني (يعني نرڙ) ڪان وٺي بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم لکڻ شروع ڪري نک جي آخري حصي تي ختم ڪري ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ رت وهڻ بند ٿي ويندو.

## دوا جي حڪايت

حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الۡمَنَّان فرمائن ٿا، ”جيڪو بيمار بِسۡمِ الله چئي دوا پيئي ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ دوا فائدو ڏيندي. هڪ ڀيري سيّدُنا موسيٰ ڪليم الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي پيٽ ۾ تمام سخت سور پيو، **الله** عَزَّوَجَلَّ جي بارگاه ۾ عرض ڪيائون، ارشاد ٿيو تہ، جهنگ جي فلاڻي ٻوٽي کاءُ.“پوءِ پاڻ اها کاڌائون ۽ ڪين جلدي آرام اچي ويو. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ وري اها تڪليف

ٿي. حضرتِ سيّدُنا موسٰي ڪليم **الله** عَلٰی نَبِیِّنَاوَعَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُوَالسَّلَام وري اها ئي ٻوٽي استعمال ڪئي پر سور ويتر وڌي ويو، **الله** عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيائون، **يا الله** عَزَّوَجَلَّ! هي ڪهڙو راز آهي؟ دوا هڪڙي اثر ٻہ! جو پهريون ڀيرو ان شفا ڏني ۽ هاڻي ويتر بيماري وڌايائين، **الله** عَزَّوَجَلَّ جو ارشاد ٿيو اي موسٰي! پهرئين ڀيري تون منهنجي طرفان ٻوٽي ڏانهن ويو هئين ۽ هن ڀيري پنهنجي طرفان. اي موسٰي! شفا تہ منهنجي نالي ۾ آهي منهنجي نالي جي بغير دنيا جي هر شيءِ **زهرِ قاتل** آهي ۽ منهنجو نالو ئي ان جو ترياق (يعني علاج) آهي.

(تفسيرِ نعيمي ج اول ص42)

**الله** عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي **رحمت هجي** ۽ انهن جي **صدقي** اسان جي **مغفرت** ٿئي.

## دوا تي نہ خدا عَزَّوَجَلَّ تي ڀروسو رکو

**معلوم** ٿيو تہ ڀروسو دوا تي نہ، خدا عَزَّوَجَلَّ تي رکڻ گهرجي جيڪڏهن **الله** عَزَّوَجَلَّ چاهي تہ دوا سان شفا ملندي ۽ اُهو نہ چاهي تہ اها ئي دوا بيماري وڌڻ جو سبب بڻجي ويندي ۽ عام طور ڏٺو ويو آهي تہ هڪ ئي دوا سان هڪ بيمار صحت مند ٿي ويندو آهي ۽ اها ئي دوا جيڪڏهن ٻيو مريض پيئندو آهي تہ ان کي منفي اثر (REACTION) ٿي ويندو آهي ۽ وڌيڪ سخت بيماري جي وَر چڙهي ويندو آهي يا معذور ٿي يا موت جو شڪار ٿي ويندو آهي. جڏهن بہ دوا پيئو تہ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡم پڙهي ڇڏيو

www.dawateislami.net

يا بِسۡمِ اللّٰهِ الشَّافِیۡ بِسۡمِ اللّٰهِ الۡکَافِیۡ چئي ڇڏيو.

## روح جي سيرابي

**الله** عَزَّوَجَلَّ حضرتِ سيّدُنا موسيٰ **كليمُ الله** عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ڏانهن وحي نازل فرمائي تہ ”دنيا مان هر روح اُڃارو ويندو سواءِ ان جي جنهن بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡم پڙهيو هوندو.

(اسرارالفاتحه ص162)

## عُمدگيءَ سان پڙهڻ جي فضيلت

حضرت مولاءِ كائنات، علي المرتضيٰ شيرخدا کَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰی وَجۡهَهُ الۡکَرِیۡم كان روايت آهي ”هڪ شخص بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡم كي خوب عُمدگيءَ سان پڙهيو تہ ان جي بخشش ٿي وئي.

(شعب الايمان ج 2 ص 546 رقم الحديث 2667)

## الله عَزَّوَجَلَّ جي نالي جو ميناج باعثِ نجات آهي

هڪ گناهگار كي مرڻ كان پوءِ كنهن خواب ۾ ڏسي پُڇيو مَا فَعَلَ اللّٰهُ بِکَ ؟ يعني **الله** عَزَّوَجَلَّ اوهان سان كهڙو معاملو فرمايو؟ ان جواب ڏنو هڪ ڀيري مان هڪ مدرسي جي طرف كان گذريس تہ هڪ پڙهڻ واري بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡم پڙهيو اهو ٻُڌي منهنجي دل ۾ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي مني مني نالي جي ميناج اثر كيو ۽ انهيءَ وقت مون هي غيبي آواز ٻُڌو، ” اسان ٻن شين كي گڏ نہ كنداسين، (۱) **الله** عَزَّوَجَلَّ جي نالي جي ميناج (۲) موت

جي ڪوڙاڻ. (انيس الواعظين ص4)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت مان معلوم ٿيو ته الله عَزَّوَجَلَّ جي نالي مبارڪ مان لذت حاصل ڪرڻ وارو رحمتن جي ڇانوَ ۾ دنيا کان رخصت ٿيندو ۽ موت هن جي لاءِ ڇوٽڪاري ۽ بخشش جو پيغام آڻيندو آهي الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت تمام وڏي آهي، هو نڪتي نواز آهي، بظاهر معمولي نظر ايندڙ عملن جي سبب وڏن وڏن گناهگارن کي بخشيو ويندو آهي.

رحمتِ حق "بہا" نہ می جُوید     رحمتِ حق "بہانہ" می جُوید

(الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت ”بها“ (يعني قيمت) ناهي طلب ڪندي بلڪ الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت ته بهانو ڳوليندي آهي.)

## قيامت جي لاءِ نرالي سَنَد

حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان فرمائن ٿا، ”تفسيرِ عزيزي“ ۾ بِسْمِ الله جي فائدن ۾ لکيل آهي ته هڪ الله عَزَّوَجَلَّ جي ولي مرڻ وقت وصيّت ڪئي هئي ته منهنجي ڪفن ۾ بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم لکي رکي ڇڏجو، ماڻهن کانئن ان جو سبب پُڇيو، جواب ڏنائون ته قيامت جي ڏينهن هي منهنجو دستاويز (يعني تحريري ثبوت) هوندو، جنهن جي ذريعي سان رحمتِ الاهي جي درخواست ڪندس.

(تفسيرنعيمي سيپارو پهريون ص42)

اللّٰهعَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

ملیگا دونوں عالم کا خزانہ پڑھ لو بسم اللہ

خدا چاہے تو ہو جنّت ٹھکانہ پڑھ لو بسم اللہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

تُوْبُوْا اِلَى اللّٰه اَسْتَغْفِرُ اللّٰه

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## تون عذاب کان بچي وئين

فِقّه حنفي جي مشهور ۽ معروف ڪتاب "دُرِّمُخْتَار" ۾ آهي هڪ شخص مرڻ کان اڳ ۾ هي وصيّت ڪئي ته مرڻ کان پوءِ منهنجي سيني ۽ پيشانيءَ تي بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم لکي ڇڏجو. آخر ائين ئي ڪيو ويو پوءِ ڪنهن خواب ۾ ان شخص کي ڏسي حال پُڇيو، ان ٻُڌايو ته جڏهن مون کي قبر ۾ رکيو ويو ۽ عذاب جا فرشتا آيا جڏهن پيشاني تي بِسْمِ اللّٰه لکيل ڏٺائون ته چيائون تون عذاب کان بچي وئين! (الدر المختار معه ردالمحتار ج3 ص156)

اللّٰهعَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪفن تي لکڻ جو طريقو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ ڪو مسلمان فوت ٿي وڃي تہ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم وغيره

ضرور لکندا ڪيو. توهان جي ٿوري توجهہ ويچاري مرڻ واري جي بخشش جو ذريعو بڻجي سگهي ٿي. ميّت سان همدرديءَ جي نيڪي توهان جي ڇوٽڪاري جو سبب بہ بڻجي سگهي ٿي. حضرت علامہ شامي رَحۡمَۃُاللّٰہِتَعَالٰی عَلَیۡہِ فرمائن ٿا، ”هيئن بہ ٿي سگهي ٿو تہ ميّت جي پيشانيءَ تي بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم لکو ۽ سيني تي لَآاِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ مُحَمَّدٌرَّسُوۡلُ اللّٰہِ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم لکو، پر غُسل کان پوءِ ۽ ڪفن پارائڻ کان اڳ ۾ شهادت واري آڱر سان لکو، مس (INK) سان نہ. (ردالمحتارج3 ص157) زير زبر لڳائڻ جي ضرورت ناهي ۽ شجرو يا عهدنامو قبر ۾ رکڻ جائز آهي ۽ سنو هيئن آهي تہ ڇهري جي سامهون قبلي ڏانهن پِٽ ۾ ننڍو سوراخ ڪري ان ۾ رکو بلڪ ”دُرِّمختار“ ۾ ڪفن تي عهدنامو لکڻ کي جائز چيو آهي ۽ فرمايو اٿن تہ ان سان بخشش جي اميد آهي. (بهارشريعت حصو4ص108)

## وچ اسان توکي بخشي ڇڏيو

قيامت جي ڏينهن عذاب جا فرشتا هڪ شخص کي پڪڙيندا، حڪم ٿيندو هن جي عضون کي کولي ڏسو تہ انهن ۾ نيڪي آهي يا نہ؟ پوءِ فرشتا ان جي سيني عضون کي کولي ڏسندا، پر نيڪي نہ ملندي پوءِ فرشتا ان کي چوندا، ”هاڻي پنهنجي زبان کڍ، تہ ان ۾ ڏسون ڪا نيڪي آهي يا نہ؟ جڏهن هو زبان ڪڍندو تہ ان ۾ اچي لکت ۾ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم لکيل ڏسندا. انهيءَ وقت حُڪم

تيندو ”وج اسان توکي بخشي ڇڏيو.“

(نزهة المجالس ج اول ص25)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

گنہگارو نہ گھبراؤ نہ گھبراؤ نہ گھبراؤ
نظر رحمت پہ رکھو جنّتُ الفردوس میں جاؤ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله تعاليٰ جي ڪرم جي ڳالهه آهي، جو جنهن کي چاهي بخشي ڇڏي. يقيناً ان شخص اخلاص سان بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم کي پڙهيو هو، جيڪو ڪيس ڪم آيو ڇو ته اخلاص سان ڪيل ظاهري طور تي ننڍو عمل به وڏو درجو رکي ٿو. جيئن ته امامُ الْمُخْلِصِين، سيِّدُ المُرسَلِين، رَحمة للعٰلمين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ قبوليّت نشان آهي: اَخْلِصْ دِيْنَكَ يَكْفِكَ الْعَمَلُ الْقَلِيْلُ ترجمو: ”پنهنجي دين ۾ مخلص ٿي وڃو ٿورو عمل به ڪافي ٿيندو.“

(المستدرڪ للحاڪم ج 5 ص 435 رقم الحديث7914)

حُجَّةُ الاِسلام حضرت سيّدُنا امام محمّد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الوَالِي هڪ بزرگ کان روايت ڪن ٿا، ”هڪ گهڙيءَ جو اخلاص هميشه جي ڇوٽڪاري جو سبب آهي پر اخلاص تمام گهٽ ڏٺو وڃي ٿو.“

(احياءُ العلوم ج4ص399)

# خالص عمل جي سچا ٽپ

حضرتِ سيّدُنا عيسٰي روح **الله** عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي حوارين سندن خدمت ۾ عرض ڪيو، ڪنهن جوعمل **خالص** هوندو آهي؟ فرمايائون،” انهيءَ شخص جو عمل **اخلاص** تي مَبني مڃيو ويندو، جيڪو صرف **الله** عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ عمل ڪري ۽ هن ڳالهه کي ناپسند ڪري ته ماڻهو ان عمل جي سبب سندس تعريف ڪن. (ايضًاص 403)

**الله** عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**يا الله** عَزَّوَجَلَّ توکي تنهنجي مخلص نبي سيّدُنا عيسٰي عَلَيْهِ السَّلَام جو واسطو اسان کي بي سبب بخشي ڇڏ. **آمين**. هاءِ! هاءِ! نفس ۽ شيطان جي هٿان اسان تيزيءَ سان تباهيءَ جي کاهيءَ ۾ ڪِرندا پيا وڃون، آهه! آهه! آهه! ”حوصله افزائي“ جي نالي تي جيستائين اسان جي عملن ۽ ديني ڪمن جي تعريف ۽ واهه واهه نٿي ڪئي وڃي اسان کي سڪون ئي نٿو ملي.

مرا ہر عمل بس ترے واسطے ہو
کر اِخلاص ایسا عطا یا الٰہی

## مصيبتون دور ٿيڻ جو آسان ورد

مولاءِ ڪائنات، حضرت علي المرتضيٰ شيرخدا كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم کان روايت آهي ته سلطان مڪهءِ مڪرمه، تاجدارِ مدينهءِ

منوره، مڪين گنبذِ خَضراء صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو،”اي علي! رَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ مان توهان کي ڪجھ اهڙا جملا نہ ٻُڌايان جيڪي توهان مصيبت جي وقت پڙهو. عرض ڪيم ضرور ارشاد فرمايو، توهان تي منهنجي جان قربان، سيئي چڱايون مون توهان کان ئي تہ سکيون آهن.“ ارشاد فرمايائون،”جڏهن توهان ڪنهن مشڪل ۾ اچي وڃو تہ هيئن پڙهو:

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ وَلَاحَوۡلَ وَلَاقُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ الۡعَلِيِّ الۡعَظِيۡمِ

پوءِ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان جن بلائن کي چاهيندو دور فرمائيندو“.اِنۡ شَاءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ (عمل اليوم والليلة لا بن سنّي ص120)

## مشڪلاتون حل ٿينديون اِنۡ شَاءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ بيماري، قرضداري، مقدمي بازي، دشمن جي طرفان ايذاء پهچڻ، بي روزگاري، يا ڪا بہ اوچتي آفت اچي پوي، ڪا شيءِ گم ٿي وڃي، ڪنهن جي ڳالھ ٻڌي صدمو پهچي، ڪو ماري، دل ڏکي پوي، ڏک لڳي، گاڏي خراب ٿي پوي، ٽريفڪ جام ٿي وڃي، ڪاروبار ۾ نقصان ٿي وڃي، چوري ٿي وڃي، مطلب تہ ننڍي يا وڏي ڪهڙي بہ پريشاني هجي.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ وَلَاحَوۡلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ الۡعَلِيِّ الۡعَظِيۡمِ

پڙهندو رهڻ جي عادت بڻايو نيت صاف هوندي تہ ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ منزل آسان ٿيندي. مشڪل جي آساني لاءِ هڪ عمل هي بہ آهي تہ جمعي جي نماز کان اڳ غسل ڪري پاڪ صاف ڪپڙا پائي اڪيلائي ۾ **يا الله 200** ڀيرا (اول ۽ آخر تي ڀيرا درود شريف) پڙهي ونو ڪهڙي بہ مصيبت هوندي دور ٿي ويندي يا ڪهڙي بہ حاجت هوندي پوري ٿي ويندي ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي** جي سنّتن جي تربيت جي مدني **قافلن** ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سفر ۾ دعائون گهرڻ سان بہ بيشمار اسلامي ڀائرن جون مشڪلاتون حل ٿيڻ جا واقعا آهن جيئن تہ.

## نئين زندگي

**هڪڙي** مزدور جي ٻُڪين ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو، مائٽن ڪيس اسپتال ۾ داخل ڪرايو، سندس آواره (يعني اٺ سٽريل) ڀاڻيجو عيادت جي لاءِ آيو. سندس مامو زندگيءَ جون آخري گهڙيون ڳڻي رهيو هو (تنهن تي نوجوان جي) دل پرجي آئي ۽ اکين مان نِير نڪري پيس، هُن هي ٻُڌو هو تہ **دعوتِ اسلامي** جي مدني قافلن ۾ سفر جي دوران دعا قبول ٿيندي آهي، تنهنڪري هو مدني قافلي ۾ سفر تي نڪتو ۽ خوب ٻاڏائي ڪري مامي جي صحت يابيءَ جي لاءِ دعا ڪيائين، **جڏهن** هو واپس موٽيو تہ سندس مامو صحت مند ٿي گهر بہ اچي چُڪو هو ۽ هاڻي نماز لاءِ

گهر ڪان نڪري آهستي آهستي مسجد ڏانهن وڃي رهيو هو، اهو رحمت ڀريو منظر ڏسي ان نوجوان گناهن ڀري زندگي ڪان توبهه ڪئي ۽ پنهنجو پاڻ کي مدني رنگ ۾ رنگي ڇڏيو.

مرض گمبھیر ہو، گرچہ دِلگیر ہو — ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو
غم کے بادَل چھٹیں اور خوشیاں ملیں — دل کی کلیاں کھلیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

تُوْبُوْا اِلَی اللّٰه — اَسْتَغْفِرُاللّٰه

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

اَلحَمدلله عَزَّوَجَلَّ دل جي گهراين مان نڪتل دعا ڪڏهن به رد نٿي ٿي سگهي، **الله** عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ جيڪا به دعا ڪئي وڃي اها قبول ٿيندي آهي ڇو نه ته اهو پاڻ اسان جي پياري پياري **الله** عَزَّوَجَلَّ جو سچو فرمان آهي:

وَقَالَ رَبُّكُمُ ادْعُوْنِیْۤ اَسْتَجِبْ لَكُمْ ؕ

ترجمو ڪنزالايمان : ۽ توهان جي رب فرمايو مون کان دعا گهرو ته مان قبول ڪندس.

**وسوسو:** خداءِ حميد عَزَّوَجَلَّ ڪلام مجيد ۾ جڏهن پاڻ ارشاد فرمائي ٿو ته مون کان دعا گهرو ته مان قبول ڪندس.“ پر ڪيترائي ڀيرا دعا جي قبوليّت جو اظهار ناهي ٿيندو، مثلاً دعا گهري ويندي آهي ته فلاڻي جڳهه تي نوڪري ملي وڃي پر ملندي ناهي.

**وسوسي جو علاج:** قبول ٿيڻ جي معنيٰ سمجهڻ ۾ خطا کائڻ جي ڪري شيطان وسوسا وجهندو آهي، دعا قبول ٿئي قبول آهي، قبوليّت جون صورتون مختلف آهن دعا جي قبوليّت جون ٽي صورتون ملاحظ فرمائيندا. ﴿1﴾ جيڪو ان گهريو اهو نہ ڏنو ويو ان لاءِ تہ اهو ان جي حق ۾ سٺو نہ هو ۽ هو اَرحَمُ الرّٰاحمين جل جلاله پنهنجي ٻانهن جي حق ۾ بهتر ٿي چاهيندو آهي. جيئن فرمايو اٿس.

وَعَسٰۤى اَنْ تَكْرَهُوْا شَیْــٴًـا وَّ هُوَ خَیْرٌ لَّكُمْ ۚ وَعَسٰۤى اَنْ تُحِبُّوْا شَیْــٴًـا وَّ هُوَ شَرٌّ لَّكُمْ ؕ وَاللّٰهُ یَعْلَمُ وَاَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ۠ ﴿۲۱۶﴾ (پ2 البقره 216)

ترجمو ڪنزالايمان: عين ممڪن آهي جو ڪا ڳالهہ اوهان ناپسند ڪريو ۽ اها اوهان جي حق ۾ ڀلي هجي ۽ عين ممڪن آهي تہ ڪا ڳالهہ اوهان پسند ڪريو ۽ اها اوهان جي حق ۾ بهتر نہ هجي الله ڄاڻي ٿو ۽ اوهان نہ ٿا ڄاڻو.

﴿2﴾ ان دعا گهرڻ واري تي ڪا سخت آفت ۽ مصيبت اچڻ واري هئي. جنهن کي ان جو پروردگار عَزَّوَجَلَّ ان بظاهر قبول نہ ٿيڻ واري دعا جي بدلي ۾ هٽائي ڇڏيندو آهي. مثلاً آچر تي سڄ لٿي واري نمازڪان پوءِ اسڪوٽر جي حادثي ۾ ان جي ٽنگ ڀڄڻ واري هئي ۽ ٽيپهري جي نمازڪان پوءِ ان دعا گهري، ”**يا الله** عَزَّوَجَلَّ فلاڻي تي منهنجو **هزار رپيا** قرض آهي اهو اڄ سڄ لٿي کان پوءِ ملي وڃي، سڄ لٿي جي نماز پڙهي صحيح سلامت قرضدار

وٽ پهچي ويو، پر ان قرض نہ ڏنو هاڻي دعا گهرڻ واري هي سمجهيو، تہ منهنجي دعا قبول نہ ٿي. پر ان بي خبر کي کهڙي خبر تہ قرضدار وٽ پهچڻ کان اڳ حادثي ۾ جيڪا هن جي ٽنگ ڀڄڻي هئي اها هن دعا جي برڪت سان نہ ڀڳي!

﴿3﴾ هي تہ جيڪو گهريائين اهو کيس نٿو ڏنو وڃي بلڪ ان جي بدلي کيس آخرت ۾ ثواب جو ذخيرو عطا ڪيو ويندو. جيئن حديث شريف ۾ اچي ٿو تہ جڏهن بانهو آخرت ۾ پنهنجي انهن دعائن جو ثواب ڏسندو، جيڪي دنيا ۾ قبول نہ ٿيون هيون تہ تمنا ڪندو تہ ڪاش! دنيا ۾ منهنجي ڪا بہ دعا قبول نہ ٿئي ها ۽ سيئي هتي (يعني آخرت) جي لاءِ جمع ٿي وڃن ها. **(احسن الوعاء ص37 حاشيه مع توضيح)** هڪ حديثِ پاڪ ۾ آهي "جنهن کي دعا جي توفيق ڏني وڃي، ان جي لاءِ بهشت جا دروازا کوليا ويندا." **(ايضًا 141)**

## بِسْمِ اللّٰه جي ديواني

**هڪ** مبلغ اجتماع ۾ بِسْمِ اللّٰه جا فضائل بيان ڪري رهيو هو، هڪ يهودي ڇوڪري بِسْمِ اللّٰه جا فضائل ٻُڌي ڪري تمام گهڻي متاثر ٿي ۽ هن اسلام قبول ڪري ورتو. سندس زبان تي بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم جو ورد جاري ٿي ويو، هر وقت اٿندي، ويهندي، سمهندي، جاڳندي گهمندي ڦرندي بِسْمِ اللّٰه پڙهندي

رهندي هئي. ڇوڪريءَ جا ڪافر ماءُ پيءُ ان کان سخت ناراض رهڻ لڳا. ۽ ڪيس هر طرح جون تڪليفون ڏيڻ لڳا اسلام دشمني جي سبب ان ڪوشش ۾ لڳي ويا تہ پنهنجي ڌيءُ تي ڪو الزام هڻي **معاذالله** عَزَّوَجَلَّ ڪيس قتل ڪرائي ڇڏين، نيٺ هڪ ڏينهن سندس پيءُ جيڪو وقت جي بادشاهہ جو وزير هيو. شاهي مُهَر واري **مُندي** ڌيءُ کي رکڻ لاءِ ڏني، بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي اُن ورتي ۽ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي ڪري ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيائين. رات جو جڏهن هوءَ سمهي پئي تہ پيءُ سندس ڪيسي مان **مُندي** ڪڍي درياءَ ۾ وجهي ڇڏي هڪ **مڇيءَ** اها مُندي ڳهي ڇڏي، صبح تي هڪ مهاڻي ڄار اڇلايو تہ اتفاق سان اها ئي مڇي ڄار ۾ ڦاٿي، هن ڪٽي اچي وزير کي تحفي ۾ ڏني، وزير پچائڻ لاءِ ڇوڪريءَ جي حوالي ڪئي، ان بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم چئي مڇي ورتي جڏهن ان جو پيٽ چيريائين تہ ان مان مُندي نڪري پئي، ان بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي ڪيسي ۾ وجهي ڇڏي ۽ مڇي پچائي پيءُ جي آڏو رکيائين ڪاڌو کائڻ بعد جڏهن دربار جو وقت آيو تہ پيءُ ڇوڪريءَ کان منڊي گهري ان بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي ڪيسي مان ڪڍي ڏني، پيءُ هي ڏسي ڪري حيران رهجي ويو ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ بِسۡمِ اللّٰہ **جي ديوانيءَ** کي قتل ٿيڻ کان محفوظ فرمائي ڇڏيو. (لمعان صوفياء)

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي ان تي رحمت هجي ۽ ان جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي .**

## بِسۡمِ اللّٰه لکڻ جي فضيلت

حضرت سيّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ جن کان روايت آهي تہ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الۡعُيُوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو تہ ”جنهن **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي تعظيم جي لاءِ سهڻي صورت ۾ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم لکيو **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ ان کي بخشي ڇڏيندو.“

(الدر المنثور ج۱ص27)

سرڪارِ اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَیۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن جي والد محترم استاد العلماء، رئيس المتڪلمين حضرتِ سيّدُنا شاهہ نقي علي خان قادري رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه ذوالقعدة الحرام ۱۲۹۷ ھ خميس جي ڏينهن ٻيپهريءَ جي وقت لاڏاڻو ڪيو، سندن زندگيءَ جي آخري تحرير بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم هئي، سرڪارِ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه سندن لاڏاڻي تيڻ واري وقت جي رقت انگيز منظرڪشي ڪندي فرمائن ٿا، تہ لاڏاڻي واري ڏينهن فجر جي نماز پڙهي هئائون ۽ اجان ٻيپهري جو وقت باقي هو تہ لاڏاڻو فرمايائون، سڪرات ۾ سيني موجود ماٿهن ڏنو تہ اکيون بند ڪري لڳاتار سلام ڪري رهيا هئا (هي ان طرف اشارو معلوم ٿئي ٿو تہ ولين سڳورن جا مقدس روح استقبال لاءِ جمع ٿي رهيا هئا) جڏهن ڪجهہ ساهہ باقي وڃي رهيا تہ هٿن کي وضو وارن عضون تي ائين ڦيرڻ لڳا جڻ وضو ڪري رهيا آهن، ايتري تائين جو نڪ جي صفائي بہ ڪيائون.

سُبحٰن اللهعَزَّوَجَلَّ! پاڻ پنهنجي طور تي بيهوشيءَ جي حالت ۾ بيپهريءَ جي نماز بہ ادا ڪري ويا، جنهن وقت روح مبارڪ جدائي فرمائي، فقير سيرانديءَ ڪان حاضر هو. وَاللهِ العَظِيمِ (يعني عظمت واري رب جو قسم تہ) هڪ حسين نور اعلانيہ نظر آيو (يعني جيڪو بہ اتي موجود هو اهو ڏسي سگهي پيو) جو چاتيءَ مبارڪ ڪان نڪري چمڪندڙ ڪنوڻ جيان چهري مبارڪ تي چمڪيو جيئن سج جي روشني آئيني ۾ نظر ايندي آهي. ان حالت ڪان پوءِ نور غائب ٿي ويو ان ڪان پوءِ روح بدن ۾ نہ هيو، آخري لفظ زبان مبارڪ مان جيڪو نڪتو اهو لفظ **الله** عَزَّوَجَلَّ هو ۽ بس. ۽ آخري تحرير جيڪا هٿ مبارڪ سان لکي، اها بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم هئي جو لاڏاڻي ڪان بہ ڏينهن اڳ هڪ ڪاغذ تي لکي هئائون، بعد ۾ فقير (يعني سرڪارِ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰی عَلَيۡه) حضور پير و مرشدِ برحق رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کي خواب ۾ ڏٺو تہ والد ماجد جي مزار تي آيا آهن. غلام عرض ڪيو تہ سائين! هتي ڪيئن“؟ فرمايائون اڄ ڪان يا هاڻي ڪان هتي ئي رهنداسين. (حياتِ اعليٰ حضرت ج 1 ص50، 51 مڪتبة المدينة ڪراچي)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

عرش پر دھومیں مچیں وہ مومنِ صالح ملا
فرش سے ماتم اٹھے وہ طیّب و طاہر گیا

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم لکڻ جو عظيم ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ تي سگھي تہ ڪڏھن ڪڏھن وضوءَ سان سنن اکرن سان ڪاغذ وغيره تي بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم لکي ڇڏيندا ڪريو پر بي ادبي واري جڳھ تي ھرگز نہ لکو، ڀتين تي بہ آيتون ۽ مقدس لفظ نہ لکو جو آھستي آھستي لکت جا ذرا زمين تي ڪِري پوندا آھن (تنھنڪري مسجدن ۾ بہ ھن ادب جو خيال رکو) ۽ زمين تي لکڻ جي باري ۾ تہ خود مٺي مٺي آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم واضح طور تي منع فرمايو آھي، جيئن تہ

## زمين تي لکڻ

حضورپُرنُور، شاھِ غيُور، شافع يومُ النُّشُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ھڪ جڳھ کان گذريا جتي زمين تي ڪجھ لکيل ھو. سرڪارِ عالي وقار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پرسان وينل ھڪ نوجوان کان پُڇيو تہ ”ھي ڇا لکيل آھي؟“ ان عرض ڪيو ”بِسْمِ اللّٰه“ تہ فرمايائون ”ائين ڪرڻ واري تي لعنت ھجي، بِسْمِ اللّٰه کي ان جي جڳھ تي ئي رکو.“
(الدر المنثور ج1 ص29)

از خدا خواہیم توفیقِ ادب
بے ادب محروم گشت از فضلِ ربّ

(اسان الله عَزَّوَجَلَّ کان ادب جي توفيق گھرون ٿا ڇو تہ بي ادب الله عَزَّوَجَلَّ جي فضل کان محروم ٿي دربدر ذليل ۽ خوار ٿيندو آھي)

# هر زبان جي اکرن جو ادب ڪريو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! زمين تي ڪنهن به زبان ۾ ڪو لفظ نه لکڻ گهرجي. ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو سمجهندا آهن ته انگريزي زبان جو ادب ڪرڻ جي ضرورت ناهي. اها انهن جي سخت غلط فهمي آهي، غور ته ڪيو، جيڪڏهن انگريزي ۾ **ALLAH** لکيل هوندو ته ڇا توهان ادب نه ڪندؤ؟ ڪندؤ ۽ يقينًا ڪندؤ. ايتري تائين جو جيڪڏهن بي ادبي جي نيّت سان **معاذالله** ڪو ان تي پير رکي يا اڇلائي ته ڪافر ٿي ويندو. بهرحال انگريزي ۽ دنيا جي هر زبان جي اکرن جو ادب ڪرڻ گهرجي **تفسيرِ ڪبير شريف ج اول ص 396** جي مطابق دنيا ۾ **ڳالهايون ويندڙ تمام زبانون الهامي آهن**. ظاهر آهي ته زمين تي ڪنهن به زبان ۾ لکڻ سان ان جي بي ادبي يقيني آهي اڄڪلهه ٽريفڪ وارن جي طرفان رهنمائي لاءِ رستن تي ڪجهه تحريرون هونديون آهن، اهو غلط طريقو آهي. ڪاش! فقط رنگا رنگي (پر سبز ڪان علاوه) پٽّن سان ڪم هلايو وڃي ها، دروازن تي اهڙا پائيدان نه رکيا وڃن جن تي **WELL COME** لکيل هجي. افسوس اڄڪلهه اکرن جو ادب ڪرڻ تقريبًا ناممڪن ٿي ويو آهي. عام طور تي وڇائڻ واري قالين، چادر ۽ فوم جي گدن جي استر ۽ پلنگ جي چادر تي ڪمپني يا ڊيڪوريشن جو نالو

لڪيل هوندوآهي، **WC** تي، چپلن ۽ جوتن جي اندروني حصي بلڪ ٿرن تي ۽ ڪپڙن جي ڪِناريءَ تي ڪارخاني جو نالو وغيره لڪيل هوندو آهي، ڪڏهن ڪڏهن سلائيءَ ۾ پاجامي (شلوار) جي اندر ويهڻ جي جڳهه تي تحرير اچي ويندي آهي تہ لڳاتار بي ادبيءَ جو سلسلو رهندو آهي. بلڪ سڀ کان وڏيڪ ڳڻتيءَ جوڳي ڳالهه هي آهي تہ عام طور تي هر ”ڳاڙهي سر“ تي ۽ ”فلور ٽائل“ جي هيٺان ڪجهه لکيل هوندو آهي، بنهي جي ڳاڙهين سرن ۽ فلور ٽائلن جي لکت کي گرينڊر سان ڊاهي سگهجي ٿو ۽ گهٽي مقدار ۾ خريد ڪرڻ وارا ڪارخاني وارن کان بنا لکت جي بہ نهرائي سگهن ٿا پر ايتري تڪليف ڪي سهڻ وارو با ادب مدني ذهن ڪيئن نهي؟ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي عطا ڪيل توفيق سان سڀ ممڪن آهي. هڪ پيري (باب المدينه) ڪراچي ۾ فرش تي رکيل هڪ ڳاڙهي سر جي لکت ڏسي سگِ مدينه عفي عنه جي دل بيقرار ٿي وئي جو ان تي **عمر** لکيل هو، ڳاڙهيون سِرون غسل خانن، ليٽرين ۽ هر جڳهه جي پيتين ۽ فرش ۾ استعمال ٿينديون آهن. اهي الفاظ لکندي ماضيءَ جي هڪ دل ڏکائيندڙ ياد ذهن تي اچي رهي آهي اها بہ عرض ڪندو هلان.

## مديني شريف جي هڪ دل ڏکائيندڙ ياد

**مسجد النبوي الشريف** عَلٰي صَاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي اوپر طرف باب جبريل جي سامهون قديم گهٽي هئي جيڪا **جنّت البقيع** ڏانهن ويندي

هئي ان مقدس گهٽيءَ ڪي عاشق **بهشتي گهٽي** چوندا هئا. ان ۾ ڪيئي يادگارون مثلاً: اهلِ بيتِ اطهارعَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَانۡ جا گهر مبارڪ وغيره هئا. هاڻي اها پياري ۽ مٺي **حقيقي مدني گهٽي** شهيد ڪئي وئي آهي. سن١٤٠٠ھ جي هڪ وڏنڊڙ شام جو مان **(يعني سگِ مدينه عفي عنه)** انهيءَ **بهشتي گهٽيءَ** ڪان گذري رهيو هيس تہ **گٽر** جي هڪ ڍڪڻ جي عربي تحرير تي نظر پئي غور سان ڏٺم تہ ان تي لوھ سان اپريل اکرن ۾ "**مجاري المدينة** " لکيل هو، مون عقيدت جي جذبي ۾ ان تحرير کي چُمي ورتو ۽ جن بدنصيبن منهنجي مٺي مٺي مديني (زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا) جي نالي کي گٽر جي ڍڪڻ تي لکرايو، انهن لاءِ منهنجي دل ۾ ايتري شديد نفرت پيدا ٿي جو مان بُڌائي نٿو سگهان. چمڻ دوران هڪ يَمني پوڙهي ڏسي مون کي جِهٽڪ ڏني، مان ڪنڌ هيٺ ڪري تيزيءَ سان اڳتي وڌي ويس، اجان ٿورو ئي هليو هوس تہ پٺيان ڪنهن جي سلام ڪرڻ جو آواز آيو، مون ڪنڌ ورائي ڏٺو تہ ڪو پاڪستاني هو، ڏاڍي محبت سان مليو ۽ حيرت جي ڳالھ هي تہ مون سان معذرت ڪندي چوڻ لڳو تہ "ان يمني پوڙهي جي دل ۾ نہ ڪجو." وڌيڪ ان چيو تہ"**مسجد النبوي الشريف** عَلٰي صَاحِبِهَاالصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۾ حاضري جو انداز ڏسي مون کي ڪشش ٿي ۽ مان لڳاتار توهان جي پٺيان لڳو اچان ٿو ۽ توهان جي سڄي اٿڻ ويهڻ جو جائزو وٺي رهيو آهيان، توهان منهنجي گهر اچي قيام ڪيو." مون جواب ڏنو، "اَلۡحَمۡدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مون وٽ قيام جي سهولت موجود آهي." وري چيائين"يلا ڪاڏو ڪائي

وجو.“مون جواب ڏنو،” ان جي في الحال ضرورت ناهي. “وري چيائين منهنجي طرفان ڪجھ رقم ئي قبول ڪيو، مون ٿورا مجيندي ڪيس چيو تہ آءُ حاجتمند ناهيان. اَلحَمدلله عَزَّوَجَلَّ مون وٽ خرچ پڪو موجود آهي. بهرحال هو خوش عقيده شخص هو ۽ ان مون سان تمام گهڻي محبت جو اظهار ڪيو، منهنجي لاءِ هو اڻ واقف هو ان ڪان پوءِ وري ڪڏهن بہ ان سان ملاقات ناهي ٿي. **الله** عَزَّوَجَلَّ اُن ڪي ان جو عظيم اجر عطا فرمائي ۽ هر مسلمان ڪي بي ادبي ۽ بي ادبن جي شر ڪان محفوظ رکي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

محفوظ خدا رکھنا سَدا بے اَدَبوں سے
اور مجھ سے بھی سرزد نہ کبھی بے اَدَبی ہو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سياڻي جو دليل

**عربي** ۾ ”**مدينه**“جي معنيٰ ”**شهر**“ آهي ان لاءِ گٽر جي ڍڪڻ تي **مدينه** لکڻ ۾ حرج ناهي.

### ديواني جو جواب

**عربي** ۾ شهر لاءِ ”بلد“ جو لفظ بہ مشهور آهي، مدينهءِ منوره جي شهري انتظاميہ ڪي بلديہّ ئي چوندا آهن آخر اهڙو پيارو نالو **مدينه** زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا گٽر جي ڍڪڻ تي لکڻ جي ضرورت ڇو پئي؟ عربي زبان ڪان علاوه **سنڌيءَ** سميت دنيا جي ڪنهن بہ زبان ۾ جڏهن **مدينه** چيو ويندو تہ هر ڪو ان مان مُراد **مدينة النبي** عَلٰي صاحِبِهَاالصَّلوٰةُ وَالسَّلَام ئي

وٺندو، بلڪ علماءِ ڪِبار رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْغَفَّار مدينة المنوره جا ڪيترائي نالا مبارڪ لکيا آهن انهن ۾ مُجرّد (يعني اڪيلو) لفظ ”مدينه“ بہ شامل ڪيو آهي ۽ ان کي مدينة المنوره جي تاريخ تي لکيل ڪتابن ۾ ڏسي سگهجي ٿو. مثلاً علامہ نورالدين علي بن احمد السّمهودي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِي **وفاءُ الوفاء ج 1 ص 22** تي مديني شريف جا ڪيترائي نالا مبارڪ لکيا آهن انهن ۾ هڪ نالو **مدينه** بہ لکيو اٿن. بهرحال ڪنهن بہ لحاظ کان گهڻن جي ڏيکڻ تي ”مدينه“ بلڪ ”المدينه“ لکڻ واري عمل کي عاشقن جي دل تسليم ڪري ئي نہ ٿي سگهي. **”المدينه“** ڇا آهي؟ هي تہ عاشقن جي دل ئي ڄاڻي ٿي. عاشقن جي امام، امامِ اهلسنّت، مجدد دين وملت، پروانہءِ شمع رسالت،عاشقِ ماهِ نُبُوَّت، مولانا شاهه احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن وٽ **مدينه** زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا جي اهميت ملاحظہ ڪيو. جيئن تہ پاڻ فرمائن ٿا:

نامِ مدینہ لے دیا چلنے لگی نسیمِ خُلد
سوزشِ غم کو ہم نے بھی کیسی ہوا بتائی کیوں (حدائقِ بخشش شریف)

**اعليٰ حضرت** رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جا ڀاءُ **حضرت مولانا حسن رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان تمنا جو اظهار هيئن ڪن ٿا.

رہیں اُن کے جلوے بسیں اُن کے جلوے
مرا دل بنے یادگارِ مدینہ (ذوقِ نعت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**وسوسو:** گِٽر وري بہ گِٽر هوندو آهي ان جو ڍڪڻ چمڻ بلڪل خراب ڳالھ آهي. **وسوسي جو علاج:** گِٽر جو ڍڪڻ مٿي هوندو آهي ۽ مواد اندر. سُڪل ڍڪڻ جنهن تي ناپاڪي جو ڪو ظاهري اثر نہ هجي ان کي ناپاڪ چوڻ جو ڪو سبب ڪونهي، تنهنڪري **مدينة المنوره** زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا جي المدينه لڪيل سڪل ڍڪڻ کي عشق ۽ مستي ۾ چمڻ کي ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ دنيا جو ڪوبہ مفتيءِ اسلام ناجائز ڪو نہ چوندو. پياري محبوب، مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مقدس شهر جي ڍڪڻ تي لڪيل **المدينه** کي چمڻ ۽ مستي ۾ جهومڻ فقط **عاشقانِ مدينه ڪثرهم الله تعالي** جو حصو آهي، مٺي مٺي مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ديوانؤ، مديني جا مستانؤ، شمع بزمِ رسالت جا پروانؤ جهومي جهومي چئو.

**”المدينه“ سان اسان کي پيار آ**

ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ **پنهنجو بيڙو پار آ**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## شرابيءَ جي بخشش ٿي وئي

**هڪ** نيڪ ماڻهوءَ پنهنجي پاءُ کي نشو ڪرڻ سبب پاڻ وٽ گهرائي سزا ڏني. واپسيءَ ۾ هو پاڻي ۾ ٻُڏي فوت ٿي ويو، جڏهن ان کي دفن ڪري چُڪا تہ انهيءَ رات سندس نيڪ پاءُ خواب ڏٺو تہ

سندس مرحوم پيءُ جنّت ۾ سير ڪري رهيو آهي، ان پُڇيو،”تون تہ شرابي هئين ۽ نشي جي حالت ۾ ئي مري ويو هئين پوءِ توکي جنّت ڪيئن نصيب ٿي؟ هو چوڻ لڳو،”توهان کان مار کائڻ کان پوءِ جڏهن مان واپس ٿيس تہ رستي ۾ هڪ ڪاغذ ڏٺم جنهن تي بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم لکيل هو، مون ان کي کنيو ۽ ڳهي ڇڏيو. پوءِ پاڻي ۾ ڪري پيس ۽ دم نڪري ويو، جڏهن قبر ۾ پهتس تہ منڪر نڪير جي سوالن تي مون عرض ڪيو، ”توهان مون کان سوال ڪري رهيا آهيو، حالانڪ منهنجي پياري **الله** عَزَّوَجَلَّ جو پاڪ نالو منهنجي پيٽ ۾ آهي، ايتري ۾ غيب مان آواز آيو صَدَقَ عَبۡدِیۡ قَدۡ غَفَـرۡتُ لَهٗ يعني منهنجو ٻانهو سچ ٿو چوي بيشڪ مون ان کي بخشي ڇڏيو.

(نزهة المجالس ج1ص27 طبع دارالکتب العلميه بيروت)

**الله** عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

تُوۡبُوۡا اِلَى اللّٰه اَسۡتَغۡفِرُ اللّٰه

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

ڪاش! هر مسلمان تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي سان وابستہ ٿي ڪري سنّتون

سکڻ سيکارڻ وارن عاشقانِ رسول ۾ شامل ٿي وڃي. هر درس ۽ هر سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ اول کان آخر تائين حاضريءَ جي سعادت حاصل ڪري ۽ ان لاءِ سچي دل سان جدوجهد ڪري. جيئن ته

## بخشش جو انعام

**هڪ** اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي ته انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي جڏهن باب المدينه ڪراچي ۾ ٿيڻ واري تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي ٽن ڏينهن واري سنّتن ڀرئي اجتماع جون تياريون زور ۽ شور سان جاري هيون. مدني قافلا آڻڻ لاءِ ڪيترن ئي شهرن مان باب المدينه ڪراچي لاءِ خاص ٽرينن جو سلسلو هو. انهن ڏينهن ۾ اسان جو هڪ مائٽ گذاري ويو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ گهر جي ڪنهن ڀاتيءَ مرحوم کي خواب ۾ ڏسي جڏهن حال پُڇيو ته چوڻ لڳو، مون ڪراچيءَ ۾ ٿيڻ واري **دعوتِ اسلامي** جي سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ شرڪت جي نيّت سان خصوصي ٽرين ۾ سيٽ بُڪ ڪرائي هئي، ۽ **الله**عَزَّوَجَلَّ ان سچي نيّت جي سبب منهنجي بخشش فرمائي ڇڏي.

رَحمتِ حق "بہا" نہ می جوید      رَحمتِ حق "بہانہ" می جوید

(**الله** عَزَّوَجَلَّ جي رحمت"بها" يعني قيمت ناهي طلب ڪندي. **الله**عَزَّوَجَلَّ جي رحمت ته "بهانو" ڳوليندي آهي.)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!      صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سٺي نيت جون برڪتون

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان؟ سٺي نيّت جو ڪيڏو بلند رُتبو آهي جو عمل ڪرڻ جو موقعو نہ ملڻ جي باوجود اجتماع ۾ شرڪت جي نيّت ڪرڻ واري خوشنصيب جي بخشش ٿي وئي. حضرتِ سيّدُنا حسن بصري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا، انسان کي ڪجهه ڏينهن جي عمل سان نہ پر سٺي نيّت سان جنّت حاصل ٿيندي. (ڪيمياءِ سعادت ج2 ص861) ياد رکو! نيّت دل جي ارادي کي چوندا آهن، دل ۾ ارادو نہ هئڻ جي صورت ۾ خالي ها ڪرڻ سان نيّت جو ثواب نہ ملندو مثلاً ڪنهن کي چيو ويو تہ ”سڀاڻي اچجانءِ“. ان ها ڪري ڇڏي ۽ دل ۾ هي ارادو آهي تہ نہ ويندس تہ هي ڪوڙو واعدو ٿيو ۽ ڪوڙو واعدو ڪرڻ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. جڏهن **نبي اڪرم، نُورِ مُجَسَّم، رَحمتِ عالَم، شاهِ بني آدم** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم غزوهء تبوڪ لاءِ تشريف ڪٺي ويا تڏهن فرمايائون، مدينهءِ طيبہ ۾ ڪجهه ماڻهو آهن، جو اسان جيڪا بہ وادي پار ڪيون ٿا يا اهڙي جڳهہ کي پيرن هيٺان لتاڙيون ٿا جنهن سان ڪافرن کي ڪاوڙ اچي ٿي ۽ اسان ڪو مال خرچ ڪيون ٿا يا اسان بُکايل هجون ٿا تہ هو انهن تمام ڳالهين ۾ اسان سان شريڪ ٿين ٿا، حالانڪ اهي مدينهءِ منوره ۾ آهن. صحابين سڳورن عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو، **يا رسول الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهو ڪيئن؟ اهي تہ اسان سان گڏ ناهن. پاڻ صَلَّى الله

تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايائون انهن کي **مجبوريءَ** روڪي رکيو آهي (اهي ان لاءِ ثواب جا حقدار بڻيا جو شرڪت جي پڪي نيّت هئڻ جي باوجود مجبوراً شريڪ نہ ٿي سگهيا هئا.)

**(السنن الکبريٰ للبيهقي ج 9 ص24 وغيره)**

جيڪو شخص **الله** عَزَّوَجَلَّ جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ خوشبو لڳائي تہ اهو قيامت جي ڏينهن ائين ايندو جو ان جي خوشبو ڪستوري کان وڌيڪ مهڪي رهي هوندي. ۽ جيڪو شخص غير خدا جي خاطر خوشبو لڳائي، اهو قيامت جي ڏينهن ائين ايندو جو ان جي بوءِ مُردار کان وڌيڪ بدبودار هوندي.

**(مصنف عبد الرزاق ج4 ص319حديث 7932 احياء العلوم ج4 ص813)**

**حُجَّةُ الْاِسلام حضرت سَيِّدُنا امام محمّد غزالي**عَلَيهِ رَحْمَةُ اللهِ الوَالِی ڪيمياءِ سعادت ۾ حديث پاڪ نقل ڪن ٿا تہ سرڪارِمدينه جو فرمانِ عاليشان آهي،"جيڪو شخص ان نيّت سان قرض وٺي تہ واپس نہ ڪندو تہ اهو چور آهي." **(الترغيب والترهيب ج2 ص602)**

## الله تعاليٰ جي خفيہ تدبير

**خداءِ رحمٰن** عَزَّوَجَلَّ جي رحمت تان قربان! هو بي نياز آهي. ڪهڙي ٻانهي سان ان جي ڪهڙي **خفيه تدبير** آهي، اهو ڪوبہ نٿو ڄاڻي، جڏهن هو نوازڻ تي ايندو آهي تہ ظاهري طور تمام ننڍڙي عمل تي جنّت جي اعليٰ نعمتن سان مالامال فرمائي ڇڏيندو آهي ۽ جيڪڏهن پڪڙڻ تي ايندو آهي تہ ڪنهن هڪڙي

صغيره گناهه تي پڪڙي ونندو آهي، تنهنڪري ٻانهي کي گهرجي تہ ڪنهن بہ نيڪيءَ کي هرگز نہ ڇڏي ۽ گناهہ کان هر صورت ۾ پنهنجو پاڻ کي بچائي ۽ هر حال ۾ پاڪ پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي **بي نيازيءَ** کان ڊڄندو رهي.

حضرت علامہ عبدالرحمٰن ابن جوزي رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيْه نقل ڪن ٿا،

## لڱ ڪانڊاريندڙ واقعو

**حضرتِ سيّدُنا حسن بصري** رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيْه **پنهنجي ساٿين** سميت وينا هئا، تہ ماڻهو هڪ قتل ٿيل مُردي کي کڻيندا اتان گذريا سيّدُنا حسن بصري رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيْه **جڏهن مقتول جي شڪل** ڏٺي تہ هڪدم **بيهوش** ٿي زمين تي ڪِري پيا. جڏهن کين هوش آيو تہ ڪنهن سبب پُڇيو، ان تي پاڻ فرمايائون هي **مقتول** ڪنهن وقت تمام وڏو **عابد** ۽ زاهد هو، ماڻهن جو تجسس وڌيو، عرض ڪيائون، سائين! اسان کي تفصيلي واقعو ٻُڌايو، فرمايائون هي عابد هڪ ڏينهن نماز لاءِ گهر کان نڪتو تہ رستي ۾ هڪ عيسائي ڇوڪريءَ تي سندس نظر پئجي وئي ۽ هڪ دم ان جي دل ۾ عشق جي باهہ ڀڙڪي، ائين ان جي فتني ۾ پئجي ويو، ان سان شاديءَ جو مطالبو ڪيائين. ان شرط رکيو تہ عيسائي ٿي وڃ. ڪجهہ عرصو تہ **عابد** پنهنجو پاڻ کي روڪيو، پر آخرڪار شهوت جي هٿان لاچار ٿي اسلام ڇڏي عيسائي ٿي ويو، جڏهن ان ڇوڪريءَ کي اچي خبر ڏنائين تہ

هوءَ مڇرجي وئي ۽ مٿس ملامت ڪندي چيائين، **اي بدنصيب!** تنهنجي اندر ڪا ڀلائي ڪانهي تو پنهنجي دين سان وفا ناهي ڪئي تہ ڪنهن ٻئي سان ڪهڙي وفا ڪندين! بدبخت تون شهوت ڪان بدمست ٿي سڄي عمر جي عبادت ۽ رياضت بلڪ پنهنجي دين کي بہ داءَ تي لڳائي ڇڏيو آهي. **ٻُڌ! تون اسلام کان ڦري مُرتَد ٿي چُڪو آهين ۽** اَلحَمدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ **مان عيسائيت کي ڇڏي مسلمان ٿي چُڪي آهيان.** اهو چئي ان سُوۡرَۃُ الۡاِخۡلَاص جي تلاوت ڪئي، ڪنهن ٻُڌڻ واري حيرت مان پُڇيو هي توکي ڪيئن ياد ٿي وئي؟ چوڻ لڳي اصل ڳالهہ هي آهي تہ خواب ۾ مان جهنم ۾ داخل ٿيڻ لڳيس، اوچتو هڪ شخص اتي اچي ويو ۽ مون کي تسلي ڏيندي چوڻ لڳو، ”ڊڄ نہ“ تنهنجي بدران انهيءَ شخص کي فديو بڻايو ويو آهي ايتري ۾ هي نامُراد عاشق منهنجي بدران جهنم ۾ وڃڻ لاءِ اچي ويو، پوءِ اهو شخص مون کي جنّت ۾ وٺي ويو اتي مون هي لکيل ڏٺو.

يَمۡحُوا اللّٰہُ مَا یَشَآءُ وَ یُثۡبِتُ ۚۖ وَ عِنۡدَہٗۤ اُمُّ الۡکِتٰبِ ﴿۳۹﴾

**ترجمو ڪنزالايمان: الله** جيڪي چاهي مٽائيندو ۽ ثابت رکندو آهي ۽ اصل لکيل انهيءَ وٽ آهي.

پوءِ ان مون کي سُوۡرَۃُ الۡاِخۡلَاص ياد ڪرائي، جڏهن مان جاڳيس تہ اها مون کي ياد ٿي چُڪي هئي. حضرتِ سيّدُنا حسن بصري

رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمايو اها خوشنصيب چوڪري تہ مسلمان ٿي وئي، پر بدنصيب عابد شهوت جي چنبي ۾ اچي مرتد ٿيڻ کان پوءِ اڄ قتل ڪيو ويو. نَسْأَلُ اللّٰهَ الْعَافِيَةَ اسين **الله** عَزَّوَجَلَّ کان عافيّت جو سوال ڪريون ٿا. (بحر الدموع الفصل السادس عشر ص76)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ جي بي نيازي ۽ ان جي **خفيه تدبير** کان هر هڪ کي هر گهڙي ڊڄندو رهڻ گهرجي، اسان مان ڪنهن کي ناهي معلوم تہ اسان جو خاتمو ايمان تي ٿيندو بہ يا نہ. آھ! آھ! آھ! خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! اسين دنيا ۾ پيدا ٿي ڪري سخت ترين، آزمائش ۾ پئجي وياسين، هن مُعاملي ۾ تہ جانور ۽ ڪيڙا ماڪوڙا سٺا رهيا جو نہ انهن کي ايمان کسجڻ جو خوف، نہ سڪرات ۽ قبر و حشر جي سختين جي وحشت، نہ جهنّم جي عذاب جو خوف.

کاش کہ میں دنیا میں پیدانہ ہُواہوتا قبر و حشر کا سب غم ختم ہوگیا ہوتا
آہ! سَلْبِ ایماں کاخوف کھائے جاتاہے کاش! میری ماں نےہی مجھ کونہ جناہوتا
آہ! کثرتِ عِصْیاں ہائے خوف دوزخ کا
کاش! اِس جہاں کامیں نہ بَشَر بناہوتا

**الله** عَزَّوَجَلَّ بي نياز آهي، اسان کي ان کان هر دم ڊڄندو رهڻ گهرجي، ايمان جي حفاظت جي مُعاملي ۾ ڪڏهن بہ غفلت نہ ڪرڻ گهرجي، بُري صحبت ۾ هلاڪت ئي هلاڪت ۽ سٺي صحبت ۽ چڱن سان مَحَبَّت ۽ نِسبت ۾ هر طرح کان عافيّت

آهي. تبليغِ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول ۾ شامل ٿي ڪري جيڪو سڄي عمر وابسته رهي ٿو ان تي اهي رحمتون وسن ٿيون جو ٻُڌڻ وارا حيرت ۾ پئجي ويندا آهن. جيئن ته

## مدني جو مسافر

**باب المدينه** (ڪراچي) جي علائقي نيا آباد جي هڪ مبلغ **دعوتِ اسلامي** جو بيان پنهنجي انداز ۾ لفظن ۾ پيش ڪريان ٿو، ان جو چوڻ آهي ته منهنجا والد بزرگوار **حاجي عبدالرحيم عطاري** (پٽني) جن جي عمر اٽڪل **70** سال هئي. ابتدائي دؤر، دنيا جي رنگينين جي حوالي رهين پر پوءِ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول جي برڪت سان زندگيءَ ۾ مدني انقلاب برپا ٿي وين. **1995**ع ۾ جڏهن ڪين بئي پيري حج جي خوشخبري ملي ته سندن خوشي ڏسڻ جي قابل هئي. جيئن جيئن روانگيءَ جو وقت قريب اچي رهيو هيو خوشي بيٺي ٿيندي پئي ويئي. آخر سندن خوشين جي معراج جو وقت قريب اچي ويو. رات **4:00 بجي** ايئر پورٽ جي طرف روانگي هئي. پوري رات خوشي خوشي تياريءَ ۾ مشغول رهيا. مهمانن سان گھر پريل هو تقريبًا **3:00** بجي احرام پرسان رکي ڪري پنهنجي ڪمري ۾ ليٽي پيا. مان به ليٽي پيس، اجان مشڪل سان پندرهن منٽ ٿيا هوندا جو منهنجي ڪمري جي دروازي تي

سڏ ٿيو. مون چرڪ ڀري دروازو کوليو تہ سامهون والده پريشانيءَ جي عالم ۾ بيٺيون هيون۽ چئي رهيون هيون تہ تنهنجي والد صاحب جي طبيعت خراب ٿي ويئي آهي. مان جلدي جلدي پريشانيءَ ۾ وٽن پهتس تہ والد صاحب بي قراريءَ سان سينو مَهَٽي رهيا هئا، فورًا اسپتال کڻائي ويس ڊاڪٽرن ٻُڌايو تہ کين هارٽ اٽيڪ ٿيو آهي. گهر ۾ ڪهرام مچي ويو جو ڪجهه ئي دير بعد سفرِ مدينه لاءِ روانگي آهي ۽ والد صاحب کي هي ڇا ٿي ويو! افسوس جهاز والد صاحب کي کڻي وڃڻ جي بغير ئي مديني ڏانهن پرواز ڪري ويو. والد محترم پنج ڏينهن اسپتال ۾ رهيا. انهيءَ دوران کين وڏيڪ چار ڀيرا دل جو دورو پيو. پر اَلحَمدلله عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي برڪت سان هوش جي عالَم ۾ سندن هڪ بہ نماز قضا نہ ٿي. جڏهن بہ نماز جو وقت ايندو هو تہ کَن ۾ کين عرض ڪيو ويندو هو، نماز پڙهي وٺو، پاڻ يڪدم اکيون کولي ڇڏيندا هئا. تَيَمُّم ڪرايو ويندو هيو ۽ ڪمزوريءَ جي سبب اشارن سان نماز پڙهي وٺندا هئا. آخري ”اٽيڪ“ تي وري بيهوش ٿي ويا. عشاء جي اذان تي اکيون ڇنڀيائون تہ مان فورًا عرض ڪيو، بابا سائين نماز لاءِ تَيَمُّم ڪرايان؟ اشاري سان چيائون، ها اَلحَمدلله عَزَّوَجَلَّ مون کين تَيَمُّم ڪرايو ۽ والد صاحب **الله اکبر** چئي ڪري هٿ ٻَڌي ڇڏيا پر وري بيهوش ٿي ويا. اسين گهٻرائجي ٻيجي وجي ڊاڪٽر کي

وٺي آياسين. فورًا I.C.U ۾ پهچايو ويو. ڪجھ منٽن کان پوءِ ڊاڪٽر اچي ٻُڌايو تہ توهان جا والد وڏا خوش نصيب هئا انهن بلند آواز سان لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ مُحَمَّدٌرَّسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پڙهيوءِ سندن انتقال ٿي ويو.

اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّاۤ اِلَیْهِ رٰجِعُوْنَ ﴿۱۵۶﴾

**هڪ** سيّد زادي والد مرحوم کي غسل ڏنو. جيئن تہ والد صاحب کي آڱرين تي ڳڻي ڪري وظيفا پڙهڻ جي عادت هئي تنهنڪري سندن آڱريون انهيءَ انداز ۾ هُيون ڄڻ ڪجھ پڙهي رهيا آهن، هر هر سندن آڱريون سِڌيون ڪيون پيون وڃن. پر بيهر انهيءَ انداز ۾ ٿي وڃن پيون، اَلحَمدلله عَزَّوَجَلَّ ڪيترائي اسلامي ڀائر جنازي ۾ شريڪ ٿيا. اَلحَمدلله عَزَّوَجَلَّ منهنجي ڀاءُ جي بہ والد صاحب سان گڏ حج تي وڃڻ جي ترڪيب هئي. اهي حج جي سعادت کان فيضياب ٿيا. وڏي ڀاءُ جو چوڻ آهي تہ مون **مدينهءِ منوره** ۾ روئي روئي ڪري بارگاهِ رسالت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۾ عرض ڪيو تہ منهنجي مرحوم والد جو حال مون تي منڪشف (يعني ظاهر) ٿئي، جڏهن رات جو سمهيس تہ خواب ۾ ڏٺم تہ والد بزرگوار عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْغَفَّار احرام پائي تشريف ڪٺي آيا آهن ۽ فرمائي رهيا آهن،”مان عمري جي نيّت ڪرڻ (مديني شريف) آيو آهيان، تو ياد ڪيو تہ هليو آيس، اَلحَمدلله عَزَّوَجَلَّ مان

ڏاڍو خوش آهيان.“ ٻئي سال منهنجي ڀائيٽي مسجد الحرام جي اندر ڪعبة **الله** شريف جي سامهون پنهنجي ڏاڏي يعني منهنجي والد مرحوم حاجي عبدالرحيم عطاري کي بلڪل سڄاڳيءَ جي عالَم ۾ پنهنجي پرسان نماز پڙهندي ڏٺو. نماز کان فارغ ٿي ڪري ڪين گهڻو ئي تلاش ڪيو پر نہ ملي سگهيو.

**الله** عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

مدینے کا مسافر سندھ سے پہنچا مدینے میں
قدم رکھنے کی نوبت بھی نہ آئی تھی سفینے میں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**الله** عَزَّوَجَلَّ پنهنجي نالي جي تعظيم ڪرڻ وارن کان تمام گهڻو خوش ٿيندو آهي ۽ انعام و اڪرام جي برسات فرمائيندو آهي. هي بہ ان جي **خفيه تدبير** آهي جو سخت گناهگار ۽ شراب خور جي ظاهر ۾ تمام ننڍي عمل کان خوش ٿي توبهہ جي توفيق ڏيئي ڪري وليءِ ڪامل بڻائي ڇڏي. جيئن تہ

## شرابي ولي بڻجي ويو

**حضرتِ سيّدُنا** بشرحافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْكَافِي توبهہ کان پهريان تمام وڏا شرابي هئا. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه هڪ ڀيري نشي ۾ ڌُت ڪيڏانهن وڃي رهيا هئا، تہ رستي ۾ هڪ ڪاغذ تي سندن نظر پئي جنهن تي بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم لکيل هيو. پاڻ تعظيم خاطر

ڪنيائون ۽ عطر خريد ڪري معطر ڪيائون پوءِ ان ڪي هڪ مٿانهين جاءِ تي ادب سان رکي ڇڏيائون. انهيءَ رات هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه خواب ۾ ٻُڌو ته ڪو چئي رهيو آهي، ”وڃو! بِشر کي چئي ڇڏيو ته تو منهنجي نالي کي معطر ڪيو، ان جي تعظيم ڪئي ۽ ان کي بلند جاءِ تي رکيو، اسان به توکي پاڪ ڪنداسين.“ ان بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه دل ۾ سوچيو ته بِشر ته شرابي آهي. شايد مون کي خواب ۾ غلط فهمي ٿي آهي، پوءِ انهن وضو ڪيو، نفل پڙهيا ۽ وري سمهي پيا. ٻئي ۽ ٽئين پيري به اهو ئي خواب ڏٺو ۽ هي به ٻُڌو ته ” اسان جو هي پيغام بِشر جي ئي طرف آهي، وڃو انهن کي پيغام پهچايو!“ پوءِ اهي بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه حضرت بِشر رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي تلاش ۾ نڪري پيا. انهن کي خبر پئي ته هُو شراب جي محفل ۾ آهن سو اتي پهچي بِشر کي آواز ڏنائون. ماڻهن ٻُڌايو ته هُو نشي ۾ بد مست آهن! انهن چيو، ڪين وڃي ڪهڙي طرح به ٻُڌايو ته هڪ ماڻهو اوهان جي لاءِ ڪو پيغام آندو آهي ۽ اهو ٻاهر بيٺو آهي. ڪنهن وڃي ڪري اندر خبر ڏني. حضرت سيّدُنا بِشرحافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْكَافِي فرمايو، ڪانئن پُڇو ته ڪنهن جو پيغام آندو آهي؟ دريافت ڪرڻ تي اهي بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائڻ لڳا، **الله** عَزَّوَجَلَّ جو پيغام آندو اٿن. جڏهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي هيءَ ڳالهه ٻُڌائي وئي ته جهومي اٿيا ۽ يڪدم پيرين اگهاڙي ٻاهر تشريف کڻي آيا پيغامِ حَق

ٻُڌي ڪري سچيءَ دل سان توبھ ڪيائون ۽ ان بلند مقام تي وڃي پهتا جو مشاهدهءِ حَق عَزَّوَجَلَّ (يعني ديدارِ الاهي) جي غلبي جي شدت کان پيرين اگهاڙي رهڻ لڳا. انهيءَ لاءِ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه حافي (يعني پيرين اگهاڙي رهڻ وارا) جي لقب سان مشهور ٿيا.

**(تذڪرة الاولياء ص 68)**

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## باادب بانصيب بي ادب بي نصيب

مِٺا مِٺا اسلامي ڀائرو! **الله** عَزَّوَجَلَّ جي نالي لکيل ڪاغذ جي ٽڪري جو ادب ڪرڻ سان هڪ سخت گناهگار ۽ شرابي **وليُّ الله** بڻجي ويو ته جن جي دلين ۾ **ربُّ الأنام** عَزَّوَجَلَّ جو نالو اڪريل آهي ۽ جن جون دليون **ذِڪرُ الله** عَزَّوَجَلَّ سان معمور آهن، انهن نُفوسِ قدسيه جي ادب جي سبب اسان گناهگار، **الله** عَزَّوَجَلَّ جي فضل ۽ ڪرم کان ڇوفيض ياب نه ٿينداسين؟ ۽ جيڪي اولياء و انبياء جا به آقا آهن يعني سيّد الانبيآء، احمدِ مُجۡتَبيٰ، محمدِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جو ادب اسان جي رب عَزَّوَجَلَّ کي ڪيتريقدر محبوب هوندو. يقيني طور تي ڪنهن شان واري جي نالي جو ادب ڪرڻ اجر ۽ ثواب جو ذريعو آهي. حضرتِ سيّدُنا بِشر حافي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡكَافِي جن **الله رب العزت** عَزَّوَجَلَّ جي نالي جو ادب ڪيو ته عظمت ماٿيائون، ته اڄ اسان جيڪڏهن

شهنشاهِ عالي نسب، سلطانِ عرب، محبوب ربّ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پاڪ نالي جو ادب ڪريون، جتي بُڏون چُمي ڪري اکين سان لڳايون، تہ چو نہ عزّت ماڻيندا سون؟ حضرتِ سيّدُنا بِشر حافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْكَافِي جتي **الله** عَزَّوَجَلَّ جو نالو ڏٺو، اتي عطر لڳايو تہ پاڪ ٿي ويا، اسان بہ جتي رسالت مآب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذڪر ٿئي اتي عرق گلاب ڇٽيون تہ ڇو پاڪ نہ ٿينداسين؟

کیا مہکتے ہیں مہکنے والے بُو پہ چلتے ہیں بھٹکنے والے
عاصیو! تھام لو دامن اُن کا وہ نہیں ہاتھ جھٹکنے والے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جانور بہ وليءَ جي تعظيم ڪندا آهن

حضرتِ سيّدُنا بِشر حافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْكَافِي هميشہ پيرين اگهاڙي گهمندا هئا ۽ جيستائين **بغداد** شريف ۾ پاڻ حيات رهيا، ڪنهن جانور رستي ۾ ڇيڻو نہ لاٿو ۽ اهو صرف هن حرمت ۽ ادب ڪي سامهون رکي جو حضرتِ سيّدُنا بِشر حافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْكَافِي هتي پيرين اگهاڙي گهمندا آهن. هڪ ڏينهن هڪ جانور رستي ۾ ڇيڻو لاٿو تہ ان جو مالڪ هيءَ ڳالهہ ڏسي گهبرائجي ويو، جو شايد حضرتِ سيّدُنا بِشر حافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْكَافِي جو انتقال ٿي ويو آهي، نہ تہ هي جانور رستي ۾ ڪڏهن بہ ڇيڻو نہ لاهي ها. پوءِ ٿوري دير ڪان بعد ان بُڌي ورتو تہ حضرتِ سيّدُنا بِشر حافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْكَافِي جو وصال ٿي ويو آهي. (ملخص ازاحسن الوعاءص 137)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انھن تي رحمت ھجي ۽ انھن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

جو کہ اِس دَر کا ہوا خَلقِ خُدا اُس کی ہوئی ۔۔۔ جو کہ اِس دَر سے پھرا اللہ اُس سے پھر گیا

ٹھوکریں کھاتے پھروگے اِن کے دَر پر پڑ رہو ۔۔۔ قافِلہ تو اے رضاؔ اوّل گیا آخر گیا

## عقيد تمندن جي بہ بخشش

حضرتِ سيّدُنا بِشر حافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الكَافِي جي انتقال کانپوءِ قاسم بن مُنَبِّہ خواب ۾ ڏسي کري کانئن پُڇيو، مَا فَعَلَ اللّٰهُ بِکَ؟ يعني الله عَزَّوَجَلَّ اوھان سان ڪھڙو معاملو فرمايو؟ جواب ڏنائون، الله عَزَّوَجَلَّ مون کي بخشي ڇڏيو ۽ ارشاد فرمايو، توکي بلڪ تنھنجي جنازي ۾ جيڪي جيڪي شريڪ ٿيا انھن کي بہ مون بخشي ڇڏيو. تہ مون عرض ڪيو، يا الله عَزَّوَجَلَّ مون سان محبت ڪرڻ وارن کي بہ بخشي ڇڏ. تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت وڏيڪ جوش ۾ آئي، ۽ فرمايائون قيامت تائين جيڪي توسان محبت ڪندا انھن سيني کي مون بخشي ڇڏيو. (شرح الصدور ص 289)

اَعمال نہ دیکھے یہ دیکھا، ہے میرے ولی کے دَر کا گدا

خالِق نے مجھے یوں بَخش دیا، سبحٰن اللہ سبحٰن اللہ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم جي تعظيم جي برڪت سان سيّدُنا بِشر حافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الكَافِي جو مرتبو ڪيڏو بلند ٿي ويو جو انھن جي برڪتن مان اسان کي بہ ان جو حصو ملي

رهيو آهي! جي ها! بارگاهِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ عرض ڪرڻ تي انهن کي ساڻن محبت ڪرڻ وارن جي بخشش جي بہ بشارت ملي وئي. ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي بہ بگڙي بڻجي ويندي، ڇو تہ اسان کي تمام **اولياءُ الله** سان محبت ۽ وليءِ ڪامل حضرتِ سيّدُنا بِشر حافي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُاللّٰهِ الۡكَافِي سان پيار آهي.

بشر حافي سان اسان کي پيار آ **ان شآءَ الله** پنهنجو بيڙو پار آ
اوليا سيني سان پنهنجو پيار آ **ان شآءَ الله** پنهنجو بيڙو پار آ

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**هينئر زمين تان مقدس ڪاغذ کڻڻ جي فضيلت ٻُڌو ۽ خوش ٿيو:**

## متبرڪ ڪاغذ کڻڻ جي فضيلت

اميرالمؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات عليُّ الۡمرتضىٰ شيرِ خُدا كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجۡهَهُ الۡكَرِيۡم کان روايت آهي تہ ٻنهي جهانن جي سلطان، سرورِ ذيشان، محبوبِ رحمٰن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ فضيلت نشان آهي، ”جيڪو زمين تان ڪو اهڙو ڪاغذ کڻي جنهن ۾ **الله**عَزَّوَجَلَّ جي نالن مان ڪو بہ نالو هجي تہ **الله**عَزَّوَجَلَّ ان (کڻڻ واري) جو نالو (روحن جي سڀ کان اعلىٰ مقام) عِلِّيِّين ۾ بلند فرمائيندو ۽ ان جي والدين جي عذاب ۾ تَخفِيف (يعني گهٽتائي) ڪندو، جيتوڻيڪ ان جا والدين ڪافر ئي ڇو نہ هجن.“

(مجمع الزوائد ج 4 ص300)

# مفتيءِ اعظم هندءِ ڪاغذن ۽ اکرن جي تعظيم

**عالم** باعمل، فاضل اجل، عاشقِ نبي مرسل، ولي رب لم يزل، آفتاب ولايت، مهتابِ هدايت، تاجدارِ اهلسنّت، شهزادهءِ اعليٰ حضرت سيّدنا و مولانا الحاج محمّد مصطفيٰ رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الۡمَنَّان المعروف "حضور مفتيءِ اعظم هند" **ساڌن ڪاغذن ۽ مفرد اکرن** جي به تعظيم فرمائيندا هئا ڇو ته اهي قرآن و حديث ۽ شريعت جون ڳالهيون لکڻ ۾ ڪم ايندا آهن. **1391** هه ۾ **دارالعلوم ربانيه** باندهه (الهند) جي ساليانِي دستاربندي جي جلسي ۾ **حضور مفتيءِ اعظم هند** رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه تشريف کڻي آيا، سواريءَ کان لهي ڪري ڪجهه ئي قدم هليا هئا ته سندن نظر اردو لکت واري ڪاغذ جي ڪجهه پراڻن ٽڪرن تي پئي پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فورًا انهن کي زمين تان کنيو ۽ فرمايائون " **ڪاغذن ۽ عربي اکرن** (جو اردوءَ جا به ڪجهه کان علاوه سيئي اکر عربي آهن) جو احترام ڪرڻ گهرجي، ان لاءِ جو انهن مان قرآن عظيم و احاديثِ مقدسه ۽ تفسير وغيره ترتيب ڏنا ويندا آهن.

(ملخصًا مفتيءِ اعظم کي استقامت و کرامت ص 124)

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي۔**

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## حضور مفتيءِ اعظم هند رَحْمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیْه ءِ ڏکويلن جي غمخواري

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! **حضور مفتيءِ اعظم هند** رَحْمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیْه جو ادب جو جذبو جيڪو شخص حروف تهجي (Alphabets) بلڪ سادي ڪاغذ جو به احترام ڪندو هجي، اهو **احترام مسلم** جو نه ڄاڻ ڪيڏو خيال رکندو هوندو! جيئن ته **حضور مفتيءِ اعظم** رَحْمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیْه مسلمانن جي غمخواري ۽ دلجوئي ڪرڻ ۾ به پنهنجو مٽ پاڻ هئا، مسلمان جي دل ٽوڙڻ کان هر دم پري رهندا هئا ڪين فائدو پهچائڻ جا تمام گهڻا حريص هئا ۽ حريص ڇو نه هجن جو جنهن **مدني آقا**، **مٺي مٺي مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان والهانه عشق هين، ان ئي آقا جو ارشاد حقيقت بنياد آهي، خَيْرُ النَّاسِ اَنْفَعُهُمْ لِلنَّاسِ يعني ”بهترين شخص اهو آهي جيڪو ماڻهن کي فائدو پهچائي.“ (الجامع الصغير للسيوطي ص 246 حديث 4044 دارالکتب العلميه بيروت) هن حديثِ پاڪ تي عمل جي مدني جهلڪ پيش ڪندي هڪ **نرالي حڪايت** ملاحظه فرمايو، جيئن ته **حضور مفتيءِ اعظم** رَحْمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیْه کي هڪ خاص موقعي تي مدرسي فيض العلوم (ڏتڪي ڊيهه جمشيد پور جهارکنڊ الهند) ۾ دعوت ڏني وئي، واپسيءَ تي ريلوي اسٽيشن وڃڻ جي لاءِ **حضور مفتيءِ اعظم هند** رَحْمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیْه رڪشي ۾ تشريف فرما ئي ٿيا هئا ته ايتري ۾ هڪ شخص حاضر ٿي ڪري

عرض ڪيو، حضور! فلاڻي پريشاني ۾ مبتلا آهيان، تعويذ عطا فرمايو، مدرسي جي مهتمم رئيس القلم حضرت علامہ ارشد القادري صاحب ان شخص کي فرمايو. گاڏيءَ جو ٽائيم ٿي چُڪو آهي ۽ توهان اجان تعويذ جي لاءِ چئي رهيا آهيو!

**حضورِ مفتيءِ اعظم** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم علامہ زِيْدَ مَجْدُهٗ[1] کي کيس روڪڻ کان منع فرمايو، علامہ صاحب عرض ڪيو حضور! گاڏي نڪري ويندي، ان تي **حضور مفتيءِ اعظم هند** قدس سره خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ سان سرشار ۽ ڏکويل امت جي دلجوئي ۾ بيقرار ٿي ڪري جيڪو جواب ڏنو اهو سونهري اکرن سان لکڻ جي قابل آهي، جيئن تہ فرمايائون، ” نڪري وڃڻ ڏي، ٻي ٽرين ۾ هليو ويندس، سڀاڻي قيامت جي ڏينهن جيڪڏهن خداوند ڪريم جل جلاله پُڇي ورتو تہ تو منهنجي فلاڻي ٻانهي جي پريشانيءَ ۾ ڇو مدد نہ ڪئي؟ تہ مان ڪهڙو جواب ڏيندس!“ اهو فرمائي ڪري رکشي مان سڄو سامان لهرايائون. (مفتيءِ اعظم کي استقامت و ڪرامت ص 120،121)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

خيال خاطر احباب چاہیے ہر دم
انیس ٹھیس نہ لگ جائے آبگینے[2] کو

---

[1] هي مضمون غالبًا حضرت علامہ ارشد القادري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي زندگيءَ ۾ لکيو ويو آهي جو تہ ”زيد مجده“ زنده ماڻهن لاءِ لکڻ جو عرف (يعني رواج ) آهي.

[2] آبگينہ يعني دل

## مقدس ڪاغذ جي برڪت

**حضرتِ سيّدُنا منصور بن عَمّار** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْغَفَّار جي توبهہ جو سبب هي ٿيو تہ هڪ ڀيري انهن کي رستي ۾ ڪاغذ جو ٽڪرو مليو. جنهن تي بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم **لکيل** هيو. انهن ادب سان رکڻ جي ڪا مناسب جاءِ نہ ڏٺي تہ ڳهي ڇڏيائون. رات خواب ڏٺائون تہ ڪو چئي رهيو آهي، هن مقدس ڪاغذ جي احترام جي برڪت سان **الله ربُّ العزت جل جلالہ** تو تي حڪمت جا دروازا کولي ڇڏيا. (الرسالة القشيريه ص48)

**الله** عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي **رحمت هجي ۽** انهن جي صدقي اسان جي **بخشش ٿئي**.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان! بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم لکيل ڪاغذ کي کڻي ان جي تعظيم ڪرڻ واري کي **الله** عَزَّوَجَلَّ توبهہ جي توفيق ڏئي ڪري ولايت جو رتبو عنايت فرمائي **اوتاد** جي عظيم منصب سان سرفراز فرمائي ڇڏيو. جيئن تہ "بهجة الاسرار شريف" ۾ آهي، حضرتِ سيّدُنا شيخ ابو بڪر بن هوار عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْجَبَّار فرمائن ٿا، عراق جا **اوتاد** ست (7) آهن: ﴿1﴾ حضرت سيّدُنا شيخ معروف ڪرخي ﴿2﴾ حضرتِ سيّدُنا شيخ امام **احمد** بن حنبل ﴿3﴾ حضرتِ سيّدُنا شيخ **بِشر** حافي ﴿4﴾ حضرتِ سيّدُنا شيخ منصور بن عَمّار ﴿5﴾ حضرتِ سيّدُنا شيخ جُنيد ﴿6﴾

حضرتِ سيّدُنا شيخ **سهل** بن عبدالله تُستري ﴿7﴾ حضرت سيّدُنا شيخ **عبدالقادر جيلاني** رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی (اسان جي غوث اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ جي اجان ولادت بہ نہ ٿي هئي ان لاءِ هي غيب جي خبر ٻڌي ڪري) عرض ڪيو ويو، عبدالقادر جيلاني ڪير؟ حضرت سيّدُنا شيخ هوار عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْجَبَّار جواب ۾ ارشاد فرمايو، ”هڪ عجمي ”شريف“ هوندا. (عربن وٽ ساداتِ ڪرام کي ”شريف“ ۽ ”حبيب“ چوندا آهن جڏهن تہ جناب جي جاءِ تي لفظ ”سيّد“ استعمال ڪيو ويندو آهي، مطلب هي آهي تہ هڪ غير عربي سيّد صاحب) جيڪي بغداد شريف ۾ قيام فرمائيندا، انهن جو ظهور **پنجين صدي هجري** ۾ ٿيندو ۽ اهي صديقين (يعني اولياءِ ڪرام جي سڀ کان اعليٰ قسم) مان هوندا.“

**اوتاد** اهي ماڻهو آهن جيڪي دنيا جا سردار ۽ زمين جا قطب آهن.

(بهجة الاسرار مترجم 385 پروگريسو بُڪس)

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

**زمين** جي ڪنهن حصي يعني شهر وغيره جو انتظام جنهن وليُّ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي سِپُرد (حوالي) هجي ان کي **قطب** چوندا آهن.

## چار دعائن جي حڪايت

بِسْمِ اللّٰه شريف جي تحرير واري ڪاغذ جي تعظيم جي برڪت سان حضرتِ سيّدُنا منصور بن عَمّار عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْجَبَّار جو شمار اولياءِ ڪِبار ۾ ٿيڻ لڳو، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه نيڪيءَ جي دعوت جون

ڏومون مچائيندا هئا، لاتعداد ماڻهو عقيدت سان پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو بيان ٻُڌندا هئا. هڪ ڀيري سندن اجتماع ۾ ڪنهن حقدار (يعني مسڪين) چار درهمن جو سوال ڪيو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه اعلان فرمايو، جيڪو هن کي چار درهم ڏيندو ان جي لاءِ چار دعائون ڪندس. ان وقت اتان هڪ غلام گذري رهيو هيو هڪ وليءِ ڪامل جو رحمت ڀريو آواز ٻُڌي ان جا قدم بيهجي ويا ۽ ان وٽ جيڪي چار درهم هئا هن اهي ان سائل کي پيش ڪري ڇڏيا. حضرتِ سيِّدُنا منصور رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمايو، ٻُڌاءِ ڪهڙيون ڪهڙيون چار دعائون ڪرائڻ ٿو چاهين؟ عرض ڪيائين، ﴿1﴾ مان غلاميءَ مان آزاد ڪيو وڃان ﴿2﴾ مون کي انهن درهمن جو بدلو ملي وڃي ﴿3﴾ مون کي ۽ منهنجي آقا کي توبهه نصيب ٿئي. ﴿4﴾ منهنجي، منهنجي آقا جي، اوهان جي ۽ تمام حاضرين جي بخشش ٿي وڃي. حضرتِ سيِّدُنا منصور بن عَمّار عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْغَفَّار هٿ کڻي دعا فرمائي. غلام پنهنجي آقا وٽ دير سان پهتو. آقا دير سان اچڻ جو سبب پُڇيو ته ان ڪيس پورو واقعو ٻُڌايو، آقا پُڇيو، **پهرين دعا** ڪهڙي هئي؟ غلام چيو، مون عرض ڪيو، دعا ڪريو، مان غلاميءَ مان آزاد ڪيو وڃان. اهو ٻُڌي ڪري آقا جي زبان مان بي اختيار نڪتو، ”وڃ تون غلاميءَ مان آزاد آهين.“ پُڇيائين، **ٻي دعا** ڪهڙي ڪرائي؟ چيائين، جيڪي چار درهم مون ڏئي ڇڏيا آهن انهن جو بدلو

ملي وجي. آقا چوڻ لڳو، مون توکي چار درهم جي بدلي چار هزار درهم ڏنا. پُڇيائين، **ٽين دعا** کهڙي هئي؟ چيائين، مون کي ۽ منهنجي آقا کي گناهن کان توبه جي توفيق نصيب ٿي وڃي. هي ٻُڌندي ئي آقا جي زبان تي اِسۡتِغفار جاري ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو، مان **الله** عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ پنهنجي تمام گناهن کان توبه کريان ٿو. **چوٿين دعا** بہ ٻُڌاءِ، چيائين، مون التجا ڪئي تہ منهنجي، منهنجي آقا جي، اوهان جي ۽ اجتماع ۾ شامل تمام حاضرين جي مغفرت ٿي وڃي. هي ٻُڌي ڪري آقا چيو، ٿي ڳالهيون جيڪي منهنجي اختيار ۾ هيون اهي ڪيون آهن، چوٿين سيني جي مغفرت واري ڳالهہ منهنجي اختيارڪان ٻاهر آهي. انهيءَ رات آقا خواب ۾ ڪنهن چوڻ واري کي چوندي ٻُڌو، **جيڪو تنهنجي اختيار ۾ هيو اهو تو ڪري ڇڏيو، ۽ مان اَرحَمُ الرَّاحِمِين آهيان مون توکي، تنهنجي غلام کي، منصور کي ۽ تمام حاضرين کي بخشي ڇڏيو.** روض الرياحين ص222، 223)

**الله** عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

دعائے ولی میں وہ تاثیر دیکھی بدلتی ہزاروں کی تقدیر دیکھی

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٽيءَ جو پيگل پيالو**

**سلسلهءِ** عاليہ نقشبنديه جي عظيم پيشوا حضرتِ سيّدُنا مجدد الف ثاني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي هڪ ڏينهن عام بيت الخلاءَ ۾ پنگيءَ جو صفائي جي لاءِ رکيل گندگيءَ

سان گدلو ۽ ڪناري ڀڳل متيءَ جو وڏو پيالو ملاحظہ فرمايو،
غور سان ڏٺائون تہ بيتاب ٿي ويا ڇو تہ ان پيالي تي لفظ **الله**
اُڪريل هيو! جلدي پيالو ڪنيائون ۽ خادم کان پاڻيءَ جو جڳ
نما لوٽو گهرائي پنهنجي هٿ مبارڪ سان خوب مهٽي ڪري
ڇڳيءَ طرح ڌوئي ان کي پاڪ ڪيائون، پوءِ هڪ اڇي ڪپڙي ۾
ويڙهي ڪري ادب سان مٿانهين جڳهہ تي رکي ڇڏيائون. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ
تَعَالٰی عَلَيْه انهيءَ پيالي ۾ پاڻي پيئندا هئا. هڪ ڏينهن **الله** عَزَّوَجَلَّ جي
طرف کان کين الهام فرمايو ويو، ”جهڙي طرح تو منهنجي نالي
جي تعظيم ڪئي، مان بہ دنيا ۽ آخرت ۾ تنهنجو نالو مٿانهون
ڪريان ٿو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائيندا هئا، **الله** عَزَّوَجَلَّ جي نالي مبارڪ
جو ادب ڪرڻ سان مون کي اهو مقام حاصل ٿيو، جيڪو سؤ
سالن جي عبادت ۽ رياضت سان بہ حاصل نہ ٿي سگهي ها!“

(ملخص ازحضرات القدس، دفتر دوم ص113 مڪاشفہ نمبر35)

## سادي ڪاغذ جو بہ ادب

**سلسلهءِ عاليه نقشبنديه جا عظيم پيشوا حضرت سيّدُنا شيخ احمد سرهندي المعروف مجدد الف ثاني** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّبَّانِي سادي ڪاغذ جو بہ احترام فرمائيندا هئا جيئن تہ هڪ ڏينهن پنهنجي بستري تي تشريف فرما هئا تہ اوچتو بيقرار ٿي هيٺ لهي آيا ۽ فرمائڻ لڳا، معلوم ٿئي ٿو، هن بستري جي هيٺان ڪو ڪاغذ آهي. (زبدة المقامات ص192)

# رستي تي هلندي ڪاغذن ڪي لت نہ هڻو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو، سادي ڪاغذ جو بہ ادب آهي ۽ ڇو نہ هجي جو هن تي قرآن و حديث ۽ اسلامي ڳالهيون لکيون وينديون آهن. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ بيان ڪيل حڪايت ۾ حضرتِ سيِّدُنا مجدد الف ثاني عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّبَّانِي جي ڪليل ڪرامت آهي جو بستري جي هيٺان واري ڪاغذ جي ظاهري طور تي بنا ڏسڻ جي خبر پئجي وئي ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هيٺ لهي آيا تہ جيئن غلامن کي بہ ڪاغذن جي ادب جي ترغيب ملي. ”بهارِ شريعت“ ۾ آهي، ڪاغذ سان استنجا ڪرڻ جي منع آهي، جيتوڻيڪ ان تي ڪجهہ بہ نہ لکيل هجي يا ابوجهل جهڙي ڪافر جو نالو لکيل هجي. (حصہ 2 ص114مطبوعه مدينةالمرشد، بريلي شريف) جيئن تہ لفظ ”ابوجهل“ جا سيئي حروف تهجي (ا ب و ج هہ ل) قرآني آهن. ان لکيل لفظ ”ابوجهل“جي (نہ شخص ابوجهل جي) انهيءَ سبب ڪان تعظيم آهي جو ان کي ناپاڪ يا گندين جڳهن تي وجهڻ ۽ جوتا هڻڻ وغيره جي اجازت ناهي. هن مان اهي ماڻهو عبرت حاصل ڪن جيڪي اخبارن کي پُڙيءَ جي طور تي استعمال ڪندا آهن ۽ پوءِ مَعاذالله عَزَّوَجَلَّ اهي اخبارون بي اَدبين جي مختلف مرحلن مثال طور مَعاذالله عَزَّوَجَلَّ گهر جي گند اچلائڻ جي دٻي، گهٽين ۾ پيرن جي هيٺان اچڻ، گندگين ۾ مختلف قسم جي گدلاڻ ڪان گذرڻ بعد آخرڪار ڪچري جي ڍير تي پهچنديون آهن، ۽ ڪجهہ

ماڻهن جي هي نامعقول عادت هوندي آهي جو گُهمندي گُهمندي رستي ۾ پيل لڪائي تيل خالي دٻن، اخبارن ۽ ڪاغذن وغيره کي مَعاذاللهعَزَّوَجَلَّ لتون هڻندا آهن. حالانڪ ثواب تہ هن ۾ آهي جو تحريرن وارا ڪاغذ ۽ پانا ڪٽي ادب جي جاءِ تي رکيا وڃن يا ٿڌا ڪيا وڃن. بهرحال لتون هڻڻ ۽ هيڏي هوڏي اڇلائڻ، اخبارن يا لکيل ڪاغذن سان ميز يا ٿانوَ وغيره صاف ڪرڻ، هٿ اگهڻ، انهن تي پير رکڻ يا اخبارون وغيره وڇائي ڪري انهن جي مٿان ويهڻ وغيره کان بچڻ تمام ضروري آهي.

**قلم جي چلَ ۽ مدينا**

”بهارِ شريعت“ ۾ آهي، نئين قلم جي چِل هيڏي هوڏي اڇلائي سگهو ٿا پر **مُستَعمل** (يعني استعمال ٿيل) قلم جي چِل اهڙي جڳهہ تي نہ اڇلائي وڃي جو احترام جي خلاف ٿئي. (جڏهن چِلَ جو احترام آهي تہ خود مستعمل قلم جو ڪيڏو احترام هوندو. هي هر سمجهہ وارو سمجهي سگهي ٿو.) ۽ جنهن ڪاغذ تي **الله** عَزَّوَجَلَّ جو نالو لکيل هجي ان ۾ ڪا شيءِ رکڻ مڪروه آهي ۽ ٿيلهيءَ تي اسماءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ لکيل هجن ان ۾ رپيا پيسا رکڻ مڪروه ناهي. ڪائڻ کان بعد آڱرين کي ڪاغذ سان اُگهڻ مڪروه آهي. (بهارشريعت حصو16ص119، مدينة المرشد بريلي شريف، عالمگيري) ٽِشو پيپر سان هٿ اگهڻ ۽ جتي مفت پتر وغيره دستياب نہ هجن اتي ٽائليٽ پيپر سان استنجي واري جاءِ خشڪ ڪرڻ جي علماء اجازت ڏين ٿا ڇو تہ

هي انهيءَ ڪم جي لاءِ آهي ان تي ڪجهه لکيو ناهي ويندو، جڏهن تہ ڪاغذ لکڻ جي لاءِ ٺاهيا ويندا آهن.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مس (INK) جي نقطي جو ادب

حضرتِ سيّدُنا محمد هاشم ڪشمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا، مان سلسلهءِ عاليه نقشبنديه جي عظيم پيشوا حضرتِ سيّدُنا مجدد الف ثاني عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّبَّانِي جي خدمت ۾ حاضر ٿيس. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه تحريري ڪم ڪري رهيا هئا، حاجت جي خيال سان بيت الخلا ويا پر يڪدم واپس اچي پاڻيءَ جو لوٽو گهرائي کابي هٿ جي آڱوٺي جو ننهن مبارڪ ڌوئي ڇڏيائون، پوءِ بيت الخلا تشريف وٺي ويا. فراغت کان بعد جڏهن تشريف کڻي آيا تہ فرمايائون، بيت الخلا ۾ جيئن ئي وينس تہ منهنجي نظر کابي هٿ جي آڱوٺي جي ننهن جي پنيءَ تي پئي جنهن تي قلم کي آزمائڻ وقت جو (يعني قلم کي چيڪ ڪرڻ جي لاءِ تہ، ڪم ڪري رهيو آهي يا نہ ان وقت جو) مس (INK) جو نقطو لڳل هيو. جيئن تہ هي انهيءَ قلم مان هيو جنهن سان قُرآني حرف (عربي زبان جا سڀ جڏهن تہ فارسي ۽ سنڌيءَ جا اڪثر حرف قرآني آهن) لکيا ويندا آهن ان لاءِ کابي هٿ جي آڱوٺي تي لڳل ان نقطي سان گڏ اتي ويهڻ ادب جي خلاف هيو، حالانڪ تمام گهڻي شدت سان پيشاب جي حاجت هئي پر ان تڪليف جي مقابلي ۾ هن بي

ادبيءَ جي تڪليف تمام گهٽجي هئي تنهن ڪري يڪدم ٻاهر اچي مس جي نقطي کي ڌوئي ڪري پوءِ ويس. (زبده المقامات ص 180)

## پتين تي اشتهار نہ لڳايو

الله! الله! سلسلهءِ عاليه نقشبنديه جي عظيم پيشوا حضرت مجدد الف ثاني عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّبَّانِي قلم جي مس جي نقطي جو بہ ايڏو ادب فرمائيندا هئا جڏهن تہ اسان وٽ حالت اها آهي جو لکڻ جي دوران لڳل مس جا نشان ڌوئي ڪري عام طور تي گٽر ۾ وهايا ويندا آهن ۽ ناقابلِ استعمال ٿي وڃڻ تي قلم ۽ ان جي ٽُڪرن کي پهريان گند جي ڏبي ۾ وجهندا آهن. ۽ بعد ۾ گند جي وڏي ڍير جي حوالي ڪري ڇڏيندا آهن. بليڪ بورڊ تي چاڪ جي عام لکت تہ نهيو اڪثر احاديثِ مبارڪہ لکڻ وارا بہ بنا خيال ڪرڻ جي ڊَسٽر سان اگهي ڪري چاڪ جي ذرڙن جي ادب جو بلڪل خيال ناهن ڪندا. حقوق العباد کان بلڪل بي پرواهہ ٿي ديوارن تي ”چاڪنگ“ ڪئي ويندي آهي ۽ دنياوي يا ديني لکت وارا اشتهار ٻين جي سائن بورڊن ۽ ماڻهن جي گهرن يا دڪانن وغيره جي پٽين تي مالڪن جي اجازت جي بغير لڳايا ويندا آهن جيڪي مالڪ کي ناپسند هجڻ جي صورت ۾ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارا ڪم آهن ۽ ٻار ٻار ڇاٽي ٿو تہ ديوار تي چنبڙيل مذهبي اشتهار آخرڪار پراڻا ٿيڻ بعد پُرزا پُرزا ٿي ڪري زمين تي اچي ڪِرندا آهن ۽ جيڪا ڪجهہ بي ادبي

ٺيندي آهي، ان جو تصور ئي دل ڏڪائيندڙ آهي. ڪاش! اشتهار چنبڙائڻ جي بجاءِ پانن تي لڳائي ڪري مناسب جاين تي ٽنگڻ جي ترڪيب رائج ٿي وڃي. پر ضرورت پوري ٿي وڃڻ کان پوءِ پانن کي به لاهي ڇڏڻ گهرجي. اهڙيءَ طرح ضرورت پوري ٿي وڃڻ کان بعد بينرز به لاٿا وڃن نه ته ڦاٽي پوڻ بعد پُرزا پُرزا ٿي ڇڙوڇڙ ٿي ويندا آهن.

**اخبارون رديءَ ۾ نه وڪڻيو** مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄڪلهه عام طور تي اخبارن ۾ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم آياتِ ڪريمه، احاديثِ مبارڪه ۽ اسلامي مضمون هوندا آهن ۽ ماڻهو صرف ڪجهه سڪن جي خاطر انهن کي رديءَ ۾ فروخت ڪندا آهن. افسوس! صد افسوس! اهڙي قسم جون اخبارون گندين نالين ۾ نظر اينديون آهن. ڪاش مقدس ورقن جو اسان کي ادب نصيب ٿي وڃي. منهنجا زنده دل اسلامي ڀائرو! براءِ ڪرم! ٿوري رقم حاصل ڪرڻ جي لاءِ ردي ۾ وڪڻڻ بدران اخبارون وچ سمند (يا درياءَ) ۾ پاڻيءَ جي حوالي ڪندا ڪريو، ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ بنهي جهانن ۾ ٻيڙا پار ٿيندا. **منهنجا دڪاندار اسلامي ڀائرو!** اوهان به ربُّ العزّت عَزَّوَجَلَّ ۽ تاجدارِ رسالت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت ۽ عظمت جي خاطر اخبارن کي پُڙي ٻَڌڻ جي لاءِ استعمال ڪرڻ کان پاسو ڪيو، ڪجهه ماڻهو مذهبي مضمون

جدا ڪري بقايا اخبارن ڪي بندل وغيره ٻڌائڻ ۾ استعمال ڪري دل ڪي ائين مجرائيندا آهن تہ اسان ڪا بي ادبي ناهي ڪئي. اهڙن جي خدمت ۾ عرض آهي تہ مڪمل اخبار ئي پاڻي حوالي ڪري ڇڏيو، ڇو تہ خبرون هجن يا فلمي اشتهار هر جڳهہ تي اسلامي نالا هوندا آهن ۽ انهن ۾ عام طور تي **”الله“** ۽ **”مُحمّد“** جا الفاظ بہ شامل هوندا آهن. مثال طور **عبدالله**، عبدالرحمٰن، غلام محمد وغيره. اردو هجي يا سنڌي، انگريزي هجي يا هِندي دنيا جي هر زبان ۾ شايع ٿيڻ واري هر اخبار ۾ مقدس نالن جو امڪان موجود آهي. بلڪ دنيا جي هر ٻوليءَ جي حروف تهجي (ALPHABETS) جو ادب ڪرڻ گهرجي ڇو جو **صاحبِ تفسير صاوي شريف جي قول جي مطابق دنيا ۾ ڳالهايون ويندڙ سيئي ٻوليون الهامي آهن.** (تفسير صاوي ج 1 ص 30) تنهنڪري انهن کي ٽڏو ڪري ڇڏڻ (يعني پاڻيءَ ۾ وهائي ڇڏڻ) ۾ ئي عافيّت آهي. **الله**عَزَّوَجَلَّ هن ادب جو اوهان کي ضرور اجر عطا فرمائيندو.

## منهنجو والد صاحب ذهني مريض آهي

**هڪ** پيري سگِ مدينہ (**راقم الحروف**) وٽ هڪ نوجوان آيو ۽ چوڻ لڳو تہ مون کي پنهنجي والد صاحب جي لاءِ دعا ڪرائڻي آهي تہ جيئن ان جو ذهن نيڪ ٿي وڃي، هو ذهني مريض آهي. ان تي هڪ ڌُن سوار رهندي آهي ۽ هو **اخبارون**، لڪيل **ڪاغذ** روڊن تان چونڊيندو ۽ گڏ ڪري ٽڏو ڪندو آهي، منهنجا پيسا بہ استعمال

ناهي ڪندو. مان معاملو سمجهي ويس. مون ان نوجوان کان پُڇيو ڇا توهان سرڪاري ملازم آهيو؟ ان چيو، ها، تہ مان ان کي چيو، والد صاحب کي منهنجو سلام عرض ڪري، منهنجي لاءِ مغفرت جي دعا ڪرايو، اوهان بہ ان جي خدمت ڪريو هو اخبارون وغيره ان لاءِ ميڙيندو آهي جو انهن ۾ مقدس تحريرون هونديون آهن ۽ توهان جا پيسا ان لاءِ استعمال نہ ٿو ڪري جو توهان سرڪاري ملازم آهيو ۽ اڪثر سرڪاري ملازم پوري ڊيوٽي نہ ڪري ناجائز پگهارون وٺندا آهن. هيءَ ڳالهہ ٻُڌي ان تسليم ڪيو تہ واقعي مان ڊيوٽيءَ ۾ ڪوتاهي ڪندو آهيان.

**اسلامي ڀائرو!** جيڪڏهن ان نوجوان جي والد صاحب **كَثَّرَ اللّٰهُ تعالىٰ امثالهم** (يعني **الله** عَزَّوَجَلَّ اهڙن جي ڪثرت ڪري) جيان هر مسلمان ذهني **مدني مريض** ٿي وڃي تہ يقيني طور تي هر طرف انوار و تجليات جي برسات ۽ برڪتن جو وسڪارو ٿي وڃي ۽ اسان جو سڄو مُعاشرو **”مدني مُعاشرو“** بڻجي وڃي.

اے ہمنشیں اَذِیّتِ فرزانگی نہ پوچھ
جس میں ذرا سی عقل تھی دیوانہ ہو گیا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ”مدني سوچ“** پيدا ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلن ۾ سفر فرمائيندا رهو،

دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن تي سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لطف ۽ ڪرم جو ايمان افروز واقعو ٻُڌو ۽ خوش ٿيو:

## مدني قافلي تي سرڪار ﷺ جي ڪرم نوازي

**هڪ** عاشقِ رسول جي بيان جو پنهنجي انداز ۽ الفاظ ۾ خلاصو پيشِ خدمت آهي، اسان جو **مدني قافلو** سنّتن جي تربيت وٺڻ جي لاءِ حيدرآباد (باب الاسلام سنڌ) کان سرحد صوبي پهتو. هڪ مسجد ۾ ٽي ڏينهن گذاري ٻئي علائقي جي طرف ويندي رستو ڀُلجي اسان جهنگ ۾ وڃي نڪتاسين رات جي اونداهي هر طرف ڦهلجي چُڪي هئي، پري پري تائين آباديءَ جو ڪو نالو نشان نه هيو، جيئن پوءِ تيئن پريشاني وڌندي پئي وئي ايتري ۾ اميد جو هڪ ڪرڻو نظر آيو ۽ ڪافي پري کان هڪ بتي ٽمڪندي نظر آئي. خوشيءَ ۾ پرجي اسان اوڏانهن ڊوڙ پاتي پر افسوس! ڪجهه ئي گهڙين کان پوءِ اها روشني غائب ٿي وئي، اسين اتي ئي بيٺا رهجي وياسين، اسان جي گهٻراهٽ ۾ هڪدم اضافو ٿي ويو! ته ڇا ڪريون، ڇا نه ڪريون ۽ ڪيڏانهن وڃون؟ ڪجهه به سمجهه ۾ نه اچي رهيو هيو. **آهه ! آهه! آهه!**

سُونا جنگل رات اندھیری چھائی بدلی کالی ہے　　سونے والو! جاگتے رہیو چوروں کی رکھوالی ہے

جُگنُو چمکے پتّا کھڑکے مجھ تنہا کا دِل دھڑکے　　ڈر سمجھائے کوئی پَوَن ہے یا اَگیا بیتالی ہے

بادَل گرجے بجلی تڑپے دَھک سے کلیجا ہو جائے　　بَن میں گھٹا کی بھیانک صورت کیسی کالی کالی ہے

پاؤں اٹھا اور ٹھوکر کھائی کچھ سنبھلا پھر اَوندھے مُنہ　　مینہ نے پھسلن کر دی ہے اور دُھر تک کھائی نالی ہے

ساتھی سَاتھی کہہ کے پکاروں ساتھی ہو تو جواب آئے　　پھر جُھنجُھلا کر سر دے پٹکوں چل رے مولیٰ والی ہے

پھر پھر کر ہر جانب دیکھوں کوئی آس نہ پاس کہیں　　ہاں اِک ٹوٹی آس نے ہارے جی سے رفاقت پالی ہے

تم تو چاند عَرب کے ہو پیارے تم تو عجم کے سُورج ہو
دیکھو مجھ بے کس پر شب نے کیسی آفت ڈالی ہے

ان پريشانيءَ ۾ خبر ناهي ڪيترو وقت گذري ويو، اوچتو انهيءَ طرف وري روشني ظاهر ٿي، اسان **الله** عَزَّوَجَلَّ جو نالو وٺي ڪري همٿ ڪئي ۽ هڪ ڀيرو ٻيهر آباديءَ جي اميد تي روشنيءَ ڏانهن تڪڙا تڪڙا قدم کڻي هلڻ لڳاسين. جڏهن ويجهو پهتاسين ته هڪ شخص روشني ڪنيو بيٺو هيو، ان ڏاڍي محبت ۽ خوش اخلاقي سان اسان جي آجيان ڪئي ۽ اسان کي پنهنجي گهر وٺي ويو، عاشقانِ رسول جي مدني قافلي جي ٻارهن مسافرن جي تعداد مطابق **12 ڪوپ** موجود هئا ۽ چانهه به تيار هئي ان گرم گرم چانهه جي ذريعي اسان جي **”خير خواهي“** ڪئي. اسان ان غيبي امداد ۽ پورا ٻارهن ڪوپ چانهه جا ڀريان ڪان تيار ڏسي تي حيران هئاسين. پُڇڻ تي اسان جي اڻجاتل ميزبان انڪشاف ڪيو ته مان سُتو پيو هيس ته قسمت جاڳي پئي، **جناب رسالتِ مآب** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **منهنجي خواب ۾** تشريف فرما ٿيا ۽ ڪجهه هن طرح ارشاد فرمايائون، ”دعوتِ

اسلامي جي مدني قافلي جا مسافر رستو ڀُلجي ويا آهن. انهن جي رهنمائيءَ جي لاءِ توهان روشني ڪٽي ٻاهر ٻيهي رهو.“ منهنجي اک کلي وئي بتي ڪٽي ٻاهر نڪري پيس ڪجهه دير تائين ٻيٺو رهيس پر نظر ڪجهه ڪو نہ آيو، وسوسو آيو تہ شايد غلط فهمي ٿي آهي، اکين ۾ ننڊ ڀريل هئي، گهر ۾ داخل ٿي وري سمهي پيس، ظاهري اک بند ٿيندي ئي دل جي اک وري کلي وئي ۽ هڪ ڀيرو وري مديني جي تاجدار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو نُور بار چهرو نظر آيو، چپ مبارڪ چُريا، رحمت جا گل ڇڻڻ لڳا ۽ لفظن ڪجهه هيئن ترتيب ماٽي.

”ديوانا! مدني قافلي ۾ ٻارهن مسافر آهن، انهن جي لاءِ چانهه جو انتظام ڪري يڪدم روشني ڪٽي ٻاهر ٻيهي رهو.“مون يڪدم ”خير خواهي“ جي ترڪيب ڪئي ۽ روشني ڪٽي ٻاهر نڪري آيس تہ ايتري ۾ عاشقانِ رسول جو مدني قافلو بہ اچي پهتو.

آتا ہے فقیروں پہ انہیں پیار کچھ ایسا | خود بھیک دیں اور خود کہیں منگتا کا بھلا ہو
تُم کو تو غلاموں سے ہے کچھ ایسی محبّت | ہے ترکِ اَدب ورنہ کہیں ھم پہ فدا ہو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**سرڪار صلی اللہ علیہ وسلم ڪاڏو ڪارايو**

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن واقعي مان جتي پياري مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو علمِ غيب معلوم ٿيو، اتي دعوتِ اسلامي جي حقانيّت ۽

بارگاهِ رسالت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ مقبوليت جي بہ خبر پئي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اسان جا منا منا مدني آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجن غلامن کي هر وقت پنهنجي نظر ۾ رکندا آهن. مصيبت ۾ اٽڪي پوڻ جي صورت ۾ امداد فرمائيندا آهن ۽ بُکايلن کي کاڌو کارائيندا آهن، جيئن تہ حضرت امام يوسف بن اسماعيل نبهاني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي نقل ڪن ٿا، حضرتِ شيخ ابو العباس احمد بن نفيس تُونِسي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، مان هڪ ڀيري مدينهءِ منوره ۾ سخت بُک جي عالم ۾ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مزار پُرانوار تي حاضر ٿي عرض گذار ٿيس، يا رسول الله! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مان بُکايل آهيان، اوچتو اک لڳي وئي، انهيءَ دوران ڪنهن اچي جاڳايو، ۽ مون کي ساڻ هلڻ جي دعوت ڏني، اهڙيءَ طرح مان ان سان گڏ ان جي گهر آيس، ميزبان ڪارڪون، گيهہ ۽ ڪٽڪ جي ماني پيش ڪري چيو، پيٽ ڀري کائي وٺو، چو تہ مون کي منهنجي جَدِّ امجد، مني مڪي مدني محمَّد صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اوهان جي ميزبانيءَ جو حڪم ڏنو آهي. آئنده بہ جڏهن بُک محسوس ٿئي اسان وٽ تشريف کڻي ايندا ڪريو. (حجة الله علي العٰلمين ج 2 ص 573)

پیتے ہیں ترے در کا کھاتے ہیں ترے در کا
پانی ہے ترا پانی دانہ ہے ترِ ادانہ (سامانِ بخشش)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## هر ٻوليءَ جي اکرن جو ادب ڪريو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم ۽ ٻين اسماءِ مقدسہ کي اهڙي جڳهہ تي نہ اڇلايو جتي انهن جي بي ادبي ٿيڻ جو انديشو هجي. بلڪ ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ زمين تي ڪجهہ نہ لکيو وڃي هر ٻوليءَ جي حروف تهجي (يعنيALPHABETS) جي تعظيم ڪئي وڃي. لکت ڪهڙي بہ زبان ۾ هجي ان تي پير نہ رکيا وڃن. مثلاً: اهڙا پائيدان (DOOR MATE) دروازي جي ٻاهر نہ رکيا وڃن، جن تي (WELLCOME) لکيل هوندو آهي. چپل وغيره تي توڙي انگلش ٻوليءَ ۾ ئي ڪمپني جو نالو لکيل هجي تہ پائڻ کان پهريان ان کي ڊاهي ڇڏڻ گهرجي. اڪثر مصلن تي چِٽ (CHIT) لڳل هوندي آهي جنهن تي عربي، اردو يا انگلش ۾ فيڪٽري وغيره جو نالو لکيل هوندو آهي ۽ اهو بہ اڪثر پيرن جي جاءِ تي. ۽ پڻ پلاسٽڪ جي ٿيلهين، ڪمبل ۽ ٽوال وغيره تي بہ اڪثر لکيل چِٽ هوندي آهي، تنهن ڪري اهڙي چِٽ کي جدا ڪري ٽڪرا ڪري ڇڏڻ گهرجي. پلنگ تي وڇايل فوم جي گاديلن جي استر تي عام طور تي MOLTY FOAM وغيره لکيل هوندو آهي. ڪاش! ڪمپنين وارا اسان کي امتحان ۾ نہ وجهن، هي فقهي مسئلو غور سان ملاحظ فرمايو، جيئن تہ **"بهارِ شريعت" حصو 16 صفحو 237** تي ردالمحتار جي حوالي سان لکيل آهي. "بستري يا مصلي تي ڪجهہ لکيل هجي تہ ان کي استعمال

ڪرڻ ناجائز آهي هيءَ عبارت ان جي بناوت ۾ هجي يا پرٽ سان پريل هجي يا مس سان لکيل هجي جيتوڻيڪ جو حروف مفرده (ALPHABETS) لکيل هجن ڇو تہ حروفِ مفرده (يعني جدا جدا لکيل حرفن) جو بہ احترام آهي.“ **بهارِ شريعت** جا مصنف وڌيڪ فرمائن ٿا، اڪثر دسترخوان تي عبارت لکيل هوندي آهي اهڙي (ڪمپني جي نالي يا شعر لکيل) دسترخوان کي استعمال ۾ آڻڻ ۽ ان تي کاڌو نہ کائڻ گهرجي. ڪجھ ماڻهن جي وهاڻن تي اشعار لکيل هوندا آهن انهن کي بہ استعمال نہ ڪيو وڃي.“ بهرحال مصلا هجن يا چادرون، قالين هجن يا ڊيڪوريشن جا غاليچا، وهاڻو هجي يا گاديلو. جنهن شيءِ تي بہ ويهڻ يا پير رکڻ جي ضرورت پوندي هجي ان تي ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ ڪجھ بہ نہ لکيو وڃي، نہ ئي ڇپيل ڇِٽ سِلائي ڪئي وڃي. خوبصورت مڪمل قالين (ONE PIECE CARPET) جي پويان عام طور تي ڪمپنيءَ جو نالو ۽ ائڊريس لکيل اسٽيڪر چنبڙيل هوندو آهي، ان اسٽيڪر تي پاڻي لڳايو پوءِ ڪجھ منٽن کان بعد لاهي ڇڏيو. عربي لکڻين جو تہ خاص طور تي ادب ڪرڻ گهرجي جو مٺي مٺي عربي آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ زبان عربي آهي. قرآن پاڪ جي زبان عربي، جنّت ۾ جنّت وارن جي زبان بہ عربي آهي. **عربي لکڻيون** توڙي ڪائڻ پيئڻ جي پيڪيٽ تي ئي ڇو نہ هجن انهن کي اڇلائي ڇڏڻ يا مَعاذَالله عَزَّوَجَلَّ

ڳنڍ جي ڍير ۾ اڇلائڻ سخت بي ادبي ۽ بدنصيبي آهي.

**نمبرن جون نسبتون** مدينہ

**ڪڏهن ڪڏهن** چپل تي جيڪڏهن ڪجهہ نہ بہ لکيل هوندو آهي تہ نمبر ضرور نقش هوندو آهي ان تي پير رکڻ ۾ بہ اهلِ محبت جي دل ناهي چوندي، ڇو جو هر نمبر ۾ ڪا نہ ڪا نسبت هوندي آهي. مثال طور **اِڪي عدد** (SINGULAR) جي باري ۾ "**احسن الوعاء**" ص 22 تي دعا جي دهرائڻ جي باري ۾ آهي، "**الله** وِتر (يعني اڪيلو) آهي ۽ وتر (يعني هڪ، ٽي، پنج ۽ ست وغيره کي) پسند رکندو آهي، **پنج** بهتر آهن ۽ **ستن** جو عدد **الله** عَزَّوَجَلَّ کي گهڻو محبوب ۽ اقل (يعني گهٽ ۾ گهٽ) **ٽن** جو عدد آهي." (مطلب هي تہ جڏهن بہ دعا گهرو تہ ان کي ست ڀيرا دهرايو نہ تہ پنج ڀيرا يا گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا ئي دهرائي ونو.) **ٻڌي عدد** (PLURAL) ۾ بہ نسبتون ئي نسبتون آهن. **2 جي نسبت:** مثلاً 2 محرم الحرام جو حضرتِ سيِّدُنا معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ۽ **2** ذيقعدة الحرام تي صدر الشريعة حضرت مولانا امجد علي اعظمي بهارِ شريعت واري جو عرس آهي. **4 جي نسبت:** چار يار عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان سان جنهن کي پيار آهي، اِنْ شَاءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان جو بيڙو پار آهي. **6 جي نسبت : 6** رجب المرجب تي غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي ڇٺي شريف. 8 **جي نسبت:** جنّتون اٺ آهن ۽ **8** محرم الحرام شيرِ بيشهءِ اهلسنّت حضرت مولانا حشمت علي خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو عرس مبارڪ. **10 جي**

**نسبت:** عاشوري جو ڏينهن، امامِ عالي مقام سيّد الشهداء، سلطانِ ڪربلا، امام حسين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو يومِ شهادت، قربانيءَ واري عيد ۽ 12،11 جي نسبتن جي ته عاشقن ۾ هر طرف ڌوم ڌام آهي.

کیا غور جب گیارھویں بارھویں میں مُعَمّہ یہ ہم پر کھلا غوثِ اعظم
تمہیں وصل بے فصل ہے شاہ دیں سے دیا حق نے یہ مرتبہ غوثِ اعظم

## مقدس ورق ٽڏا ڪرڻ جو طريقو

**جيڪي** خوش نصيب مسلمان تحريرن جو ادب ڪندي اخبارن ۽ مقدس ڪاغذن ۽ پانن وغيره کي زمين تي پيل ڏسي ڪٽندا آهن ۽ انهن کي وچ سمنڊ ۾ يا اونهي درياءَ ۾ ٽڏو ڪندا آهن، اهي قابلِ فخر آهن. گهڻ اونهي سمنڊ (يا درياءِ) ۾ **مقدس ورق** نه اڇلايا وڃن جو عام طور تي وهي ڪري ڪناري تي ايندا آهن، **ٽڏو ڪرڻ جو طريقو** هي آهي ته مقدس ورق ڪنهن ٿيلهي يا خالي بوريءَ ۾ پري ان ۾ وزني پٿر وڌو وڃي ۽ ٿيلهي يا بوريءَ جي ڪجهه حصن تي چير ضرور لڳايا وڃن ته جيئن ان ۾ يڪدم پاڻي پرجي وڃي ۽ اهو تَري ۾ هليو وڃي. جو پاڻي اندر نه وڃڻ جي صورت ۾ ڪڏهن ڪڏهن بوري ميلن تائين ترندي ترندي اچي ڪناري تي پوندي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن جاهل يا ڪافر بوري حاصل ڪرڻ جي لالچ ۾ **مقدس ورق** ڪناري تي ئي ڊير ڪري ڇڏيندا آهن ۽ پوءِ ايتريون سخت بي ادبيون ٿينديون آهن جو ٻُڌي ڪري **عاشقن** جي دل ڏڪندي آهي! **مقدس ورقن** جي بوري اونهي پاڻيءَ تائين پهچائڻ جي لاءِ مسلمان ٻيڙي واري کان به تعاون حاصل ڪري

سگهجي ٿو پر ٻوريءَ کي چير هر حال ۾ ڏيڻا پوندا.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مقدس ورق دفن ڪرڻ جو طريقو**

**مقدس ورقن** کي **دفن** نہ ڪري سگهو تا هن جو طريقو ملاحظ فرمايو، جيئن تہ **بهارِ شريعت** حصي 16 صفحي نمبر 121 تي عالمگيري جي حوالي سان لکيل آهي، "جيڪڏهن قرآن شريف جو نسخو پراڻو ٿي ويو، ۽ ان قابل نہ رهيو جو ان مان تلاوت ڪئي وڃي ۽ هي انديشو آهي تہ هن جا ورق ڇڙوڇڙ ٿي ڪري ضايع ٿيندا تہ کنهن پاڪ ڪپڙي ۾ ويڙهي ڪري احتياط واري جاءِ تي دفن ڪيو وڃي ۽ دفن ڪرڻ ۾ ان جي لاءِ (کڏو کوٽي ڪري قبلي جي طرف واري ديوار کي ايترو کوٽيو جو سيئي مقدس ورق اچي وڃن اهڙي) **لحد** (يعني سامي) ٺاهي وڃي تہ جيئن ان ۾ مٽي نہ پوي يا (کڏي ۾ رکي) ان تي تختو لڳائي ڇت ٺاهي ڪري مٽي وجهو جو ان تي مٽي نہ پوي، قرآن شريف جو نسخو پراڻو ٿي وڃي تہ، ان کي ساڙيو نہ وڃي."

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## "ماڻيو فيضانِ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ" جي اٺتيهہ حرفن جي نسبت سان 29 مدني گل

**(ابتدائي ڏهہ مدني گل تفسير نعيمي پاره اول صفحي نمبر 44 تان ورتا ويا آهن)**

1 بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم قرآن شريف جي پوري آيت آهي پر ڪنهن سورت جو حصو ناهي بلڪ سورتن ۾ فاصلو ڪرڻ جي لاءِ نازل ڪئي وئي آهي، انهيءَ لاءِ نماز ۾ هن ڪي آهستي ئي پڙهندا آهن، ها جيڪو حافظ تراويح ۾ پورو قرآن پاڪ ختم ڪري اهو ضرور ڪنهن نه ڪنهن سورت سان گڏ هڪ ڀيرو بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡـمٰنِ الرَّحِيۡم زور سان پڙهي.

2 سورهءِ توبه کان علاوه باقي هر سورة بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم سان شروع ڪريو. جيڪڏهن **سورهءِ توبه** کان ئي تلاوت شروع ڪريو ته تلاوت جي لاءِ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي ڇڏيو.

3 **شامي** ۾ آهي ته حُقو پيئڻ وقت ۽ بدبودار شيون (ڪچو بصر ۽ ٿوم وغيره) کائڻ وقت بِسۡمِ اللّٰه نه پڙهڻ بهتر آهي.

4 **استنجا خاني** ۾ پهچي ڪري بِسۡمِ اللّٰه پڙهڻ منع آهي.

5 **نمازي** نماز ۾ جڏهن ڪا سورت پڙهي ته پهريان آهستي بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهڻ مستحب آهي.

6 **جيڪو** چڱو ڪم بغير بِسۡمِ اللّٰه جي شروع ڪيو ويندو ان ۾ برڪت نه ٿيندي.

7 **جڏهن** مردي کي قبر ۾ لاٿو وڃي ته لاهڻ وارا هي پڙهندا رهن بِسۡمِ اللّٰهِ وَعَلٰى مِلَّةِ رَسُوۡلِ اللّٰهِ (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)

**مدينه 8** **جمعه**، عيدن ۽ نڪاح وغيره جو خطبو اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ سان شروع ڪيو وڃي يعني (شروع ۾) بِسْمِ الله آهستي پڙهي وڃي پوءِ جڏهن قرآن پاڪ جي آيت اچي تڏهن خطيب بلند آواز سان بِسْمِ الله پڙهي.

**مدينه 9** **جانورکي ذبح ڪرڻ** وقت بِسْمِ اللّٰه پڙهڻ (يعني **الله** عَزَّوَجَلَّ جو نالو وٺڻ) واجب آهي، جو جيڪڏهن جاڻي واڻي ڇڏي ڏنو (يعني **الله** عَزَّوَجَلَّ جو نالو نه ورتو) ته جانور مردار ٿيندو، جيڪڏهن ڀُل ۾ رهجي ويو ته جانور حلال آهي.

**مدينه 10** (**اضطراري ذبح** مثلاً) شڪاري تير يا ڀالي وغيره تيز ڪپيندڙ شيءِ سان شڪار ڪري ۽ هي شيون اڇلڻ وقت بِسْمِ الله پڙهي وٺي ته جيڪڏهن جانور ان تائين پهچندي پهچندي مري به ويو تڏهن به حلال ٿيندو. ائين ئي جيڪڏهن پالتو جانور قبضي مان نڪري ويو مثلاً ڳئون کوهه ۾ ڪري پئي يا اٺ ڀڄي ويو ته بِسْمِ الله چئي ڪري تير يا ڀالو يا تلوار هنئي وئي ته جانور حلال آهي (بِسْمِ الله پڙهي ڪري ڏنڊو يا پٿر هڻڻ يا بندوق سان گولي يا ڇرو لڳڻ سان وحشي جانور يا پکي مري ويو ته حرام آهي ڇو ته هي رت وهڻ جي سبب نه بلڪ ڌڪ لڳڻ سان مئو آهي. ها جيڪڏهن زخمي حالت ۾ هٿ اچي ويو ته شرعي طور تي ذبح ڪرڻ سان حلال ٿي ويندو. جيڪو وحشي جانور يا

پڪي قبضي ۾ آهي ان جي حلال هئڻ جي لاءِ اختياري ذبح ضروري آهي. يعني **الله** عَزَّوَجَلَّ جو نالو وٺي ان کي قاعدي جي مطابق ذبح ڪرڻو پوندو.

**11** حضرتِ سيّدُنا شيخ ابو العباس احمد بن علي بوني رَحۡمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا، جيڪو لاڳيتا ست ڏينهن بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم **786** پيرا (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف) پڙهي ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ ان جي هر حاجت پوري ٿيندي. پوءِ اها حاجت توڙي ڪنهن ڀلائيءَ کي حاصل ڪرڻ جي هجي يا بُرائي دور ٿيڻ جي يا ڪاروبار هلڻ جي.
(شمس المعارف مترجم 73)

**12** **جيڪو** سمهڻ وقت بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم 21 پيرا (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف) پڙهي وٺي ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان رات شيطان، چوريءَ، اوچتي موت ۽ هر طرح جي آفت ۽ مصيبت کان محفوظ رهندو. (ايضاً ص 73)

**13** **جيڪو** ڪنهن ظالم جي سامهون بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم **50** پيرا (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف) پڙهي تہ ان ظالم جي دل ۾ پڙهڻ واري جي هيبت پيدا ٿيندي ۽ ان جي شر کان بچيل رهندو. (ايضاً ص 73)

**14** **جيڪو** شخص سج اڀرڻ جي وقت سج جي طرف منهن ڪري بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم 300 پيرا ۽ درود شريف 300 پيرا

www.dawateislami.net
I.T. Majlis of Dawateislami

پڙهي. **الله** عَزَّوَجَلَّ ان کي اهڙي جڳهه کان رزق عطا فرمائيندو جتي ان جو گمان به نه هوندو ۽ (روزانو پڙهڻ سان) ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ هڪ سال جي اندر اندر امير ۽ ڪبير ٿي ويندو. (ايضاً ص 73)

**ذهن جو ڪمزور جيڪڏهن** بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم **786** پيرا (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف) پڙهي پاڻيءَ تي دم ڪري پي ڇڏي ته ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان جو حافظو مضبوط ٿي ويندو ۽ جيڪا ڳالهه ٻُڌندو ڪيس ياد رهندي. (ايضاً ص 73)

مدينه 16 **جيڪڏهن ڏڪار هجي ته** بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم **61** پيرا (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف) پڙهو (پوءِ دعا گهرو) ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ برسات ٿيندي. (ايضًا ص 73)

مدينه 17 بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم ڪاغذ تي **35** پيرا (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف) لکي ڪري گهر ۾ لٽڪائي ڇڏيو ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ شيطان جو گذر نه ٿيندو ۽ خوب برڪت ٿيندي جيڪڏهن دڪان تي لٽڪايو ته ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ ڪاروبار خوب چمڪندو. (ايضًا ص 74)

مدينه 18 **هرين محرم الحرام جو** بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم 130 پيرا لکي ڪري (يا لکرائي ڪري) جيڪو به پاڻ وٽ رکي (يا پلاسٽڪ ڪوٽنگ ڪرائي ڪپڙي، ريگزين يا چمڙي ۾ سبرائي پائي ڇڏي، ڌاتوءَ جي دٻليءَ ۾ ڪنهن قسم جو تعويذ نه پايو

هن جو مسئلو ص 69 تي گذري چُڪو آهي) ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ سڄي عمر ان کي يا ان جي گهر ۾ ڪنهن کي ڪا بُرائي نہ پهچندي.

(ايضًا ص 74)

**مدينه 19** **جنهن عورت جا ٻار زنده نہ رهندا هجن اها** بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم 61 ڀيرا لکي ڪري يا (لکرائي ڪري) پاڻ وٽ رکي (چاهي تہ ميڻ لڳل ڪپڙي يا پلاسٽڪ ڪوٽنگ ڪري ڪپڙي، ريگزين يا چمڙي ۾ سبي ڳلي ۾ پائي ڇڏي يا ٻانهن ۾ ٻڌي.) ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ ٻار زنده رهندا. (ايضًا ص74)

**مدينه 20** بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم 70 ڀيرا لکي ڪري ميّت جي ڪفن ۾ رکي ڇڏيو. ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ منڪر نڪير جو معاملو آسان ٿي ويندو. (بهتر هي آهي جو ميّت جي چهري جي سامهون قبلي جي ديوار ۾ محراب جهڙو جارو ٺاهي ان ۾ رکو ان سان گڏوگڏ عهد نامو ۽ ميّت جي پير صاحب جو شجرو وغيره بہ رکي ڇڏيو)

(ايضاً ص84)

**مدينه 21** بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم ڪنهن قاري يا عالم کي پڙهي ڪري ٻُڌايو جيڪڏهن حرف صحيح اُچار سان ادا نہ ٿيندا هجن تہ سکي وٺو نہ تہ فائدي جي بدران نقصان جو انديشو آهي.

**مدينه 22** **لکڻ** ۾ اعراب (زير ۽ زبر) لڳائڻ جي ضرورت ناهي.

جڏهن ٻـ پائڻ، پيئڻ يا لڙڪائڻ جي لاءِ تعويذ جي طور تي ڪا آيت يا عبارت لکو تہ گولائي وارن حرفن جون گولايون کليل رکڻيون پونديون مثال طور ”**الله**“ ۾ ”ہ “ جي ۽ **رحمٰن** ۽ **رحيم** ٻنهي ۾ ” م“ جي گولائي کُليل هجي.

**23 مدينہ** **ڪپڙا** لاهڻ وقت بِسۡمِ اللّٰہ پڙهي وٺڻ سان جنّات اوگهڙ نہ ڏسي سگهندا. (عمل اليوم والليلة لابن سنّي ص 8) ڪمري جو دروازو، دريون، الماڙيءَ جا خانا جيترا پيرا کوليو بند ڪريو ۽ پڻ ڪپڙا، ٿانوَ وغيره هر شيءِ رکڻ ڪڍڻ وقت هر ڀيري بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهڻ جي عادت بڻايو ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ سرڪش جنّات توهان جي گهر ۾ داخل ٿيڻ، چوري ڪرڻ ۽ توهان جون شيون استعمال ڪرڻ کان پري رهندا.

**24 مدينہ** **سواري** (گاڏي) سِلپ ٿي وڃي، يا ان کي جهٽڪو لڳي تہ بِسۡمِ اللّٰہ چئو.

**25 مدينہ** **مٽي** ۾ تيل وجهڻ کان پهريان بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي ڇڏيو نہ تہ **70** شيطان مٽي ۾ تيل وجهڻ ۾ شريڪ ٿي ويندا آهن.

**26 مدينہ** **گهر** جو دروازو بند ڪرڻ وقت ياد ڪري بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي ڇڏيو ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ شيطان ۽ سرڪش جنّات گهر ۾ داخل نہ ٿي سگهندا. (صحيح بخاري ج6 ص 312)

www.dawateislami.net
I.T. Majlis of Dawateislami

مدينہ 27 رات جو ڪاڌي پيتي جا ٿانوَ بِسۡمِ اللّٰه شريف پڙهي ڪري ڍڪي ڇڏيو، جيڪڏهن ڍڪڻ جي لاءِ ڪا شيءِ نہ هجي تہ بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم چئي ٿانوَن جي منهن تي ڪک وغيره رکي ڇڏيو. (ايضًا) **مسلم شريف** جي هڪ روايت ۾ آهي، سال ۾ هڪ رات اهڙي ايندي آهي جو ان ۾ وبا (يعني بيماري) لهندي آهي جيڪو ٿانءُ ڍڪيل ناهي يا مشڪ (يعني ڪليءَ) جو منهن بَڌل ناهي جيڪڏهن اتان ڪان اها وبا گذرندي آهي تہ ان ۾ داخل ٿي ويندي آهي. (مسلم شريف ص 1115رقم الحديث 2114)

مدينہ 28 سمهڻ ڪان پهريان بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي ڪري ٿي پيرا بستري کي ڇنڊي ونو اِن شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ موذيات (يعني ايذاءُ ڏيڻ وارين شين) ڪان پناهہ حاصل ٿيندي.

مدينہ 29 **ڪاروبار** ۾ جائز ڏيتي ليتيءَ جي وقت يعني جڏهن بہ ڪنهن ڪان ونو تہ بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهو ۽ جڏهن ڪنهن کي ڏيو تہ بہ بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهو، اِن شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ خوب برڪت ٿيندي.

**يا ربّ مصطفيٰ** عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم جي برڪتن سان مالا مال فرماءِ ۽ هر نيڪ ۽ جائز ڪم جي شروع ۾ بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهڻ جي توفيق عطا فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

تُوْبُوْا اِلَى اللّٰه اَسْتَغْفِرُاللّٰه

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بِسْمِ الله جي ستن اکرن جي نسبت سان 7 حڪايتون

### ﴿1﴾ ڪانير ڪيئن مالدار بڻيو؟

هڪ ڪانير روزانو درياءَ جي ٻئي ڪناري تي وڃي ڪاٺيون ڪري ايندو هو ۽ وڪڻي پنهنجن ٻارن ٻچن جو پيٽ پاليندو هيو. پُل جيئن ته ان جي گهر کان گهڻو پري هئي، ان لاءِ اچڻ وڃڻ ۾ ڪافي وقت صرف ٿيندو هيس ۽ اهڙيءَ ريت مالي طور اهو مضبوط نه ٿي سگهيو. هڪ ڏينهن ان مسجد جي اندر مبلغ جي بيان ۾ بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم جا عظيم الشّان فضائل ٻُڌا. **مبلغ جي** هيءَ ڳالهه ان جي ذهن ۾ ويهجي ويئي ته بِسْمِ الله شريف جي برڪت سان وڏي ۾ وڏو مسئلو حل ٿي سگهي ٿو. اهڙيءَ طرح جڏهن جهنگ ۾ وڃڻ جو وقت ٿيو ته پُل تي وڃڻ جي بدران بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهي ڪري هو

درياءَ ۾ ڪِھڙيو ۽ هلندو ويو ۽ جلد ئي آسانيءَ سان ٻئي ڪناري تي پهچي ويو، ڪانيون ڪرڻ ڪان پوءِ ان وري ائين ئي ڪيو، بِسْمِ الله جي برڪتن جو ظهور ٿيڻ لڳو ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ هو مالدار ٿي ويو. (ملخص از شمس الواعظين)

ہے پاک رُتبہ فکر سے اُس بے نیاز کا
کچھ دخل عقل کا ہے نہ کام امتیاز کا (ذوقِ نعت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هي سڀ پُختي يقين جون بهارون آهن، جيڪڏهن يقين ڪمزور هجي ته هن طرح جا نتيجا نه ٿا نڪري سگهن. ”پُختي يقين“ جي متعلق **حجة الاسلام** حضرتِ سيّدُنا امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه سورهءِ يوسف جي تفسير ۾ هڪ انتهائي **نصيحت ڀري حڪايت** نقل ڪئي آهي. جيئن ته هڪ ڀيري بغدادِ مُعليٰ ۾ هڪ شخص بيهي ڪري ماڻهن ڪان هڪ درهم جو سوال ڪيو، مشهور محدث حضرتِ **سيّدُنا ابن سماڪ** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمايو، توکي ڪهڙي سورت چڱي طرح ياد آهي؟ ان وراڻيو، **سورةُ الْفا تحه** فرمايائون، هڪ ڀيرو پڙهي ان جو ثواب منهنجي هٿ تي وڪِڻ، مان انهيءَ جي عيوض پنهنجي سڄي دولت تنهنجي حوالي ڪري ڇڏيندس! سائل چوڻ لڳو، حضرت مان مجبور ٿي ڪري هڪ درهم جو سوال ڪرڻ آيو آهيان

قرآن وڪڻڻ ناهيان آيو. هي چئي ڪري اهو سائل قبرستان جي طرف هليو ويو، ايتري ۾ **برسات** شروع ٿي وئي، ايتري تائين جو ڳڙو پوڻ لڳو، هن هڪ ڇپري هينان لِڪڻ لاءِ ڊوڙ پاتي، اتي **ساون ڪپڙن** ۾ هڪ سوار پهريان کان ئي موجود هيو ان چيو، تو ئي **سورةُ الْفاتحه** جو ثواب وڪڻڻ کان انڪار ڪيو هيو؟ چيائين، جي ها. سوار ان کي ڏهه هزار درهمن جي ٿيلهي ڏني ۽ چيو، انهن کي خرچ ڪر. ختم ٿيڻ تي ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ ايترا ئي بيا بہ ڏيندس. **سائل** پُڇيو، توهان ڪير آهيو؟ سوار چيو، مان تنهنجو **يقين** آهيان اهو چئي ڪري سوار هليو ويو.

**(ملخص از تفسير سورهءِ يوسف للغزالي ص 17، 18)**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

هتي انهن ماڻهن کي عبرت حاصل ڪرڻ گهرجي جيڪي خيرات گهرڻ جي لاءِ تلاوت ڪندا آهن، پيسا ۽ کاڌو ملڻ جي لالچ ۾ ختمِ قرآن جون محفلون ۽ اجتماع ذڪر و نعت ۾ شرڪت ڪندا آهن ۽ رقم ملڻ جي شوق ۾ تراويح ۾ قرآن پاڪ ٻُڌائيندا آهن. **الله**عَزَّوَجَلَّ اسان کي **اخلاص ۽ يقين** جي لازوال دولت سان مالا مال فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مرا ہر عمل بس ترے واسطے ہو — کر اخلاص ایسا عطا یاالٰہی! عزوجل

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقيني طور تي اخلاص نهايت ئي

عظيم دولت آهي جنهن کي ملي وڃي ان جو ٻيڙو پار ٿي وڃي.
عاشقانِ رسول سان مدني قافلن ۾ سنّتن ڀريو سفر اختيار ڪريو
ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ عملن ۾ اخلاص پيدا ڪرڻ جي ”مدني سوچ“ ٺهجي
ويندي ۽ جڏهن عملن ۾ اخلاص پيدا ٿي ويندو ته ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ.

جلوے خود آئیں طالبِ دیدار کی طرف

## ڪيسٽ اجتماع ۾ ديدار مصطفيٰ صلی اللہ علیہ وسلم

دعوتِ اسلامي جي ٽن ڏينهن واري بين الاقوامي سنّتن ڀرئي اجتماع (صحراءِ مدينه، مدينة الاولياء ملتان) جي پڄاڻيءَ تي عاشقانِ رسول جا بيشمار مدني قافلا سنّتن جي تربيت حاصل ڪرڻ جي لاءِ شهر شهر ۽ ڳوٺ ڳوٺ روانا ٿيندا آهن، جيئن ته هڪ عاشقِ رسول جي بيان جو پنهنجي انداز ۾ خلاصو پيشِ خدمت آهي، سن ١٤٢٣ ھ جي بين الاقوامي ٽي روزه سنّتن ڀرئي اجتماع کان عاشقانِ رسول جو هڪ مدني قافلو 12 ڏينهن جي لاءِ ضلع لَيہّ (پنجاب پاڪستان) پهتو. جَدوَل جي مطابق هڪ ڏينهن جڏهن **ڪيسيٽ اجتماع** ٿيو ته ڪيسيٽ جو سنّتن ڀريو بيان ٻڌي ڪري هڪ عاشقِ رسول تي رِقت طاري ٿي ويئي ۽ هُو سڏڪا ڀري روئڻ لڳو ايتري تائين جو بيهوش به ٿي ويو، جڏهن هوش ۾ آيو ته ڏاڍو خوش هيو، ان ٻڌايو ته اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون گناهگار تي فيضانِ ڪرم ٿيو ۽ مون

ڪي مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ديدار جو شربت نصيب ٿيو، بئي ڏينهن وري **ڪيسيٽ اجتماع** ٿيو، ان سان اها ئي ڪيفيت ٿي، هن پيري خواب ۾ هو رسالت مآب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت کان هن طرح فيضياب ٿيو جو مدني قافلي جا سيئي مسافر به حاضر خدمت هئا.

آنکھیں جو بند ہوں تو مقدّر کھلیں حسنؔ
جلوے خود آئیں طالبِ دیدار کی طرف (ذوقِ نعت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**وسوسو:** ڪجهه ماڻهو خواب ٻُڌائي ٻڌائي ماڻهن کي پنهنجو چاهيندڙ بڻائيندا آهن، تنهنڪري جيڪو به خواب ۾ زيارت جي دعويٰ ڪري ان تي اکيون بند ڪري اعتماد نه ڪرڻ گهرجي گهٽ ۾ گهٽ ان کان قسم ته وٺڻ ئي گهرجي.

**وسوسي جو علاج:** صحيح بخاري شريف جي سڀ کان پهرين حديث آهي، اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّاتِ يعني عملن جو دارومدار نيّتن تي آهي. جيڪڏهن ڪو حُبِ جاهه (يعني شهرت حاصل ڪرڻ) جي ڪري پنهنجو خواب ٻُڌائي ٿو ۽ پنهنجي شُهرت ۽ واهه واهه چاهي ٿو ته واقعي گناهگار آهي، ۽ جيڪڏهن سٺي نيّت سان ٻُڌائي ٿو، مثلاً **دعوتِ اسلامي** جي سنّتن جي تربيت جي **مدني قافلي** ۾ خوش قسمتيءَ سان ڪنهن سٺو خواب ڏٺو، هاڻي هو

انهيءَ لاءِ ٻُڌائي رهيو آهي تہ جيئن هن نازڪ دؤر ۾ ماڻهن کي راهِ خُدا عَزَّوَجَلَّ ۾ سفر جي ترغيب ملي ۽ انهن کي اطمينان نصيب ٿئي تہ **دعوتِ اسلامي** اهلِ حق ۽ **عاشقانِ رسول** جي سنّتن پري تحريڪ آهي ۽ اهڙيءَ ريت ان سان وابستہ ٿي پنهنجي ايمان جي حفاظت جو انتظام ڪن. اها نيّت سٺي آهي ۽ ان نيّت سان خواب ٻُڌائڻ واري کي ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ ثواب ملندو، ۽ پڻ تحديثِ نعمت يعني نعمت جي تشهير ڪرڻ جي نيّت سان ٻُڌائي ٿو تڏهن بہ جائز آهي. ها جيڪڏهن رياڪاريءَ جو خوف هجي تہ پنهنجي نالو ظاهر نہ ڪري جو ان ۾ وڏيڪ عافيّت آهي. بهرحال دل جي نيّت جو حال **الله** عَزَّوَجَلَّ ڄاڻي ٿو، مسلمان جي باري ۾ بنا سبب جي بد گماني ڪرڻ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي، بد گمانيءَ جي قرآن پاڪ ۽ احاديثِ مبارڪ ۾ مذمت آئي آهي.

جيئن تہ سيپاري **26 سورة الحجرا ت** جي ٻارهين آيت ۾ ارشادِ رباني آهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اجْتَنِبُوْا كَثِيْرًا مِّنَ الظَّنِّ ۫ اِنَّ بَعْضَ الظَّنِّ اِثْمٌ

**ترجمو ڪنزالايمان:** اي ايمان وارؤ! گهڻن گمانن کان بچو بيشڪ ڪو گمان گناهہ ٿي ويندو آهي.

حديث پاڪ ۾ آهي، ”بدگماني کان بچو ڇو تہ بدگماني سڀ

کان وڌيڪ ڪوڙي ڳالهہ آهي. (صحيح بخاري شريف ج 6 ص 166 رقم الحديث5143)

منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فتاويٰ رضويہ شريف ۾ نقل ڪن ٿا، حضرتِ سيّدُنا عيسيٰ روح **الله** عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام هڪ شخص کي چوري ڪندي ڏسي ورتو تہ فرمايائون چا تو چوري نہ ڪئي؟ ان چيو، خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! مون چوري ناهي ڪئي، هي ٻُڌي ڪري پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام فرمايائون، واقعي تو چوري نہ ڪئي منهنجي اکين ڌوڪو کاڌو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت مان **احترامِ مسلم** جي اهميت جو بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو. جو شريعت جي دائري ۾ رهندي مسلمان جي پرده پوشي ڪئي وڃي ۽ ائين نہ ٿئي جو بي سبب ان تي بدگمانيءَ جو دروازو کولي ڪري ان کي ڪوڙو ۽ ٺڳ وغيره قرار ڏئي ڪري پنهنجي آخرت کي داءُ تي لڳائيندي پاڻ کي مَعاذَاللهعَزَّوَجَلَّ **جهنّم** جو حقدار بڻايو وڃي.

تُوْبُوْا اِلَى اللّٰه        اَسْتَغْفِرُ اللّٰه

## ڪوڙو خواب ٻڌائڻ جو عذاب

**بالفرض** ڪو ڪوڙو خواب ٺاهي ڪري ٻُڌائي بہ ٿو تہ ان جو هو پاڻ ئي ذميوار، سخت گناهگار ۽ جهنم جي عذابِ جو حقدار آهي. **الله** عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي. ”جيڪو ڪوڙو خواب بيان ڪندو ان کي قيامت جي ڏينهن جَوَن جي ٻن

داڙهن ۾ ڳنڍ لڳائڻ جي تڪليف ڏني ويندي ۽ اهو هرگز ڳنڍ نه لڳائي سگهندو.“ (صحيح بخاري ج 8 ص 106 رقم الحديث 7042)

## بنا سوچڻ سمجهڻ جي ڳالهائڻ وارؤ خبردار!

هڪ ٻي حديثِ پاڪ ۾ آهي هڪ شخص اهڙو ڳالهائي ٿو جنهن ۾ هو غور ۽ فڪر نه ٿو ڪري (حالانڪ هي گفتگو ڪوڙ، غيبت، عيب جوئي يا هٿ نوڪيا خواب ٻُڌائڻ وغيره حرام ڪمن تي مشتمل هوندي آهي) ته اهو هن ڳالهه جي سبب جهنم ۾ ايتري مقدار ڪان ٻه وڌيڪ ڪِرندو جيتريقدر اوير ۽ اولهه جي وچ ۾ فاصلو آهي. (صحيح بخاري ج7 ص 236 رقم الحديث 6477)

خواب ٻُڌائڻ واري ڪان قسم جو مطالبو شرعي طور تي واجب ناهي ۽ جيڪو مَعاذَاللهعَزَّوَجَلَّ ڪوڙو هوندو، تي سگهي ٿو اهو ڪوڙو قسم به کڻي.

**وسوسو:** ائين ئي مناسب ٿو لڳي ته ماڻهن ۾ بيان ڪرڻ بدران خواب کي راز ۾ رکيو وڃي.

**وسوسي جو علاج:** مناسب چا آهي ۽ ڪهڙو مناسب ناهي، هن کي بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِيْن اسان ڪان وڌيڪ بهتر سمجهندا هئا. سنو خواب بيان ڪرڻ ڪان شريعت منع ناهي فرمايو ته اسان ڪير آهيون روڪڻ وارا! قرآن مجيد، حديثن ۽ بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِيْن جي ڪتابن ۾ خوابن جو ڪثرت سان تذڪرو آهي. حضرتِ

سيّدُنا امام ابوالقاسم قشيري رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه "رسالهءِ قشيريه" ۾ "رؤيا القوم" نالي باب ۾ صفحي 368 کان 377 تائين اولياءِ ڪرام جا 66 خواب نقل ڪيا آهن، حجة الاسلام حضرتِ سيّدُنا امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي احياءُ العلوم جي چوٿين جلد جي صفحي 540 کان 543 تي "مَنَامَاتُ المَشائِخ" نالي باب ۾ 49 خواب نقل ڪيا آهن ۽ پڻ "حياتِ اعليٰ حضرت" (مطبوعه مڪتبه نبويه گنج بخش روڊ لاهور) جي صفحي نمبر 424 کان 432 تي **منهنجي آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، وليءِ نعمت، عظيم البرڪت، عظيم المرتبت، پروانءِ شمع رسالت، مجدد دين و ملت، حاميءِ سنت، ماحيءِ بدعت، عالم شريعت، پيرِ طريقت، باعثِ خير و برڪت، حضرت علامہ مولانا الحاج الحافظ القاري الشاهہ امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جا 14 خواب ڪائنڪ ئي زباني مروي آهن. انهن مان هڪ خواب جي سلسلي ۾ عرض آهي.

## اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو خواب

سرڪارِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ٻن هٿن سان مصافحو (يعني هٿ ملائڻ) جي جواز ۾ 40 صفحن جي رسالو "صفائح اللجين في ڪون تصافح بڪفي اليدين" (يعني چانديءَ جا ورق ٻنهي هٿن جي تِرين سان مصافحو ڪرڻ جي بيان ۾) تحرير فرمايو آهي، ان جي صفحي نمبر3 تي پنهنجو اهو خواب تفصيلي طور تي بيان فرمايو اٿن. جنهن ۾ پاڻ رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي حضرتِ سيّدُنا امام

قاضي خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْحَنَّان جي زيارت ٿي آهي. ۽ مسلمانن کي وسوسن کان بچڻ ۽ انهن جي معلومات ۾ اضافو فرمائڻ جي خاطر انهيءَ مبارڪ رسالي ۾ ماٺهن جي آڏو خواب بيان ڪرڻ جا دليل قائم ڪيا آهن. جيئن تہ چاٽايل رسالي ۾ فرمائن ٿا:

**اڄ ڪنهن خواب ڏٺو؟**

احاديثِ صحيحه مان ثابت آهي تہ حضور اقدس سيّد عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن کي (يعني خواب کي) امرِ عظيم ڄاڻيندا هئا ۽ هن جي ٻُڌڻ، پُڇڻ، ٻُڌائڻ، بيان فرمائڻ ۾ اعليٰ درجي جو اهتمام فرمائيندا هئا. صحيح بخاري وغيره ۾ حضرت سَمُره بن جُنْدَب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان مروي آهي. حضور پُرنُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فجر جي نماز پڙهي ڪري حاضرين کان پُڇڻ فرمائيندا هئا. "**اڄ رات ڪنهن ڪو خواب ڏٺو؟**" جيڪو بہ ڪو ڏسندو هو سو عرض ڪندو هو، حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تعبير فرمائيندا هئا.

(صحيح بخاري ج 2 ص 127 رقم الحديث 1386)

سرڪارِ اعليٰ حضرت وڌيڪ فرمائن ٿا، احمد ۽ بخاري ۽ ترمذي رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی حضرت ابو سعيد خُدري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت ڪئي آهي تہ حضور اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا، " جڏهن توهان مان ڪو اهڙو خواب ڏسي جيڪو ان کي پيارو معلوم ٿئي تہ اهو الله عَزَّوَجَلَّ جي طرف کان آهي، ان کي گهرجي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي واکاڻ ڪري ۽ ماڻهن جي آڏو بيان ڪري.

(مُسند امام احمد ج 2 ص 502 رقم الحديث 6223)

**بشارتون باقي آهن**

سرڪارِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه ذڪر ڪيل رسالي ۾ نقل فرمائن ٿا، حضور پُرنُور صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا تہ نُبُوَّت وئي، هاڻي مون کان پوءِ نُبُوَّت نہ ٿيندي پر بشارتون. اُهي ڇا آهن؟ ڀلا خواب! جيڪي ماڻهو پاڻ ڏسي يا ان جي لاءِ ڏنو وڃي. (طبراني المعجم الڪبير ج 3 ص 179 رقم الحديث 3051)

## پنهنجي باري ۾ سٺو خواب ڏسڻ واري کي انعام

سرڪارِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه وڌيڪ فرمائن ٿا، هي بہ سنّتِ صحابہ عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان مان ثابت آهي جيڪو خواب اهڙو ڏنو ويو جنهن ۾ سندن ڳالهہ جي تائيد نڪتي تہ ان تي خوش ٿيا ۽ ڏسڻ واري جي توقير (عزت ۽ اهميت) وڌايائون. صحيحين ۾ آهي، ” ابو جَمْرَہ ضَبَعِي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ تَمَتُّع حج ۾ خواب ڏٺو جنهن سان (فقهي مسئلن ۾) ابن عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا جي مذهب جي تائيد ٿي. ابن عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا (اهو مبارڪ خواب ٻڌي ڪري پنهنجي مال مان) سندن لاءِ وظيفو مقرر ڪيو ۽ ان ڏينهن کان ڪين پاڻ سان گڏ تخت تي ويهارڻ شروع ڪيائون.

(ملخصًا از صحيح بخاري ج 2 ص 186 رقم الحديث 1567)

**اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

**امام بخاريءَ جي والده جو خواب**

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ٻين کي خواب ٻڌائڻ جي سلسلي ۾ صحيح بخاري شريف

جي حوالي سان بہ بہ روايتون ملاحظہ فرمايائون. صحيح بخاري شريف جي مؤلف حضرتِ سيّدُنا شيخ ابو عبدالله محمد بن اسماعيل بخاري عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡبَارِی سخت محنت سان احاديثِ مبارڪ کي جمع فرمايو آهي، پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه پنهنجي زباني فرمائن ٿا، ”اَلۡحَمۡدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مان ”صحيح بخاري“ ۾تقريبًا ڇهہ هزار حديثون ذڪر ڪيون آهن، هر حديث ڪي لکڻ کان پهريان غسل ڪري بہ رڪعتون نماز ادا ڪندو هيس.“پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جا والد ماجد حضرتِ سيّدُنا شيخ اسماعيل رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه تمام نيڪ ماڻهو هئا ۽ سندن جي والده سڳوري نيڪ ۽ مُجَابَةُ الدُّعاء هيون (يعني اها عورت جنهن جي دعا قبول ٿيندي هجي) ننڍپڻ ۾حضرتِ سيّدُنا امام بخاري عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡبَارِی جي اکين جي روشني ختم ٿي وئي. والده ماجده رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عليها ان صدمي کان روئنديون رهنديون هيون ۽ ٻاڏائي دعا گهرنديون رهنديون هيون. هڪ رات ننڊ ۾ سندن قسمت جو ستارو چمڪي اٿيو، دل جون اکيون کلي ويون، خواب ۾ ڏٺو تہ حضرتِ سيّدُنا ابراهيم خليل الله عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تشريف کڻي آيا آهن ۽ فرمائي رهيا آهن،” توهان پنهنجي پٽ جي نظر جي واپسيءَ جي لاءِ دعائون گهرنديون رهيون آهيو مبارڪ هُجيوَ جو توهان جي دعا قبول ٿي چُڪي آهي، الله تبارڪ و تعاليٰ توهان جي پٽ جي نظر بحال فرمائي ڇڏي آهي.“ جڏهن صبح جو ڏٺائون تہ حضرتِ سيّدُنا امام بخاري عَلَيۡهِ

رَحْمَةُ اللّٰہِ البَارِی جون اکيون روشن تي چُکيون هيون.“

(ملخص از تفهيم البخاري ج اول ص 4 مؤلف شيخ الحديث علامہ غلام رسول رضوي)

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿2﴾ يهودي ۽ يهودياڻي جي دلچسپ حڪايت

**هڪ** يهودي مرد هڪ يهودياڻي تي عاشق ٿي پيو ۽ ان جي عشق ۾ مجنون جي مثل ٿي ويو جو ڪاڻ پيڻ تائين جو هوش بہ نہ رهيس. آخرڪار حضرتِ سيّدُنا عطاءُ الاڪبر عليہ رحمة الله الداور جي خدمت بابرڪت ۾ حاضر ٿي ڪري پنهنجو حال عرض ڪيائين، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪيس هڪ ڪاغذ جي ٽڪري تي بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم لکي ڪري ڏنو ۽ فرمايائون، هن کي ڳهي وڃو هن اميد تي جو الله عَزَّوَجَلَّ توهان کي هن جي معاملي ۾ تسلي عطا فرمائي ڇڏي يا توهان کي هن سان نوازي ڇڏي. جڏهن **يهودي** ان کي ڳهي ورتو، (بس ڳهندي ئي ان جي دل ۾ مدني انقلاب اچي ويو ۽ پوءِ ان) عرض ڪيو، ” اي عطاء! رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه مون ايمان جي مناڻ کي ماڻي ورتو ۽ منهنجي دل ۾ نور ظاهر ٿي چڪو آهي، مان ان عورت (جي عشق) کي وساري چُڪو آهيان، مون کي اسلام جي باري ۾ آگاهہ فرمايو. سيّدُنا عطاء رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه ان تي **اسلام** پيش ڪيو. ۽ هو بِسْمِ الله جي برڪت سان مسلمان

ٿي ويو. هوڏانهن ان يهودياڻي جڏهن ان جي اسلام قبول ڪرڻ جي خبر ٻُڌي تہ حضرتِ سيّدُنا عطاءُ الاڪبر عليه رحمة الله الداور جي بارگاهہِ عالي ۾ حاضر ٿي ڪري عرض گذار ٿي، ” اي امام المسلمين! مان ئي اها عورت آهيان جنهن جو تذڪرو اسلام قبول ڪرڻ واري يهوديءَ اوهان سان ڪيو ۽ مان گذريل رات خواب ڏٺو تہ هڪ اڇڻ وارو مون وٽ اچي چوڻ لڳو، ” جيڪڏهن تون جنّت ۾ پنهنجو ٺِڪاڻو ڏسڻ چاهين ٿي تہ سيّدُنا عطاءُ الاڪبر عليه رحمة الله الداور جي خدمت ۾ حاضر ٿي تہ اهو توکي تنهنجو ٺِڪاڻو ڏيکاريندو.“ تہ مان اوهان رحمة الله تعالى عليه جي بارگاهہ ۾حاضر ٿي آهيان. اوهان ٻُڌايو تہ ”جنّت ڪٿي آهي؟“ ارشاد فرمايائون.”جيڪڏهن جنّت جو ارادو اٿئي، تہ پهريان تو کي ان جو دروازو کولڻو پوندو هن کان بعد ئي تون ان (پنهنجي ٺِڪاڻي) جي طرف وڃي سگهندينءَ .“ عرض ڪيائين،”مان ان جو دروازو ڪهڙي طرح کولي سگهنديس؟“ ارشاد فرمايائون ” بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم “ پڙهہ. “ ان بِسۡمِ اللّٰه شريف پڙهي. (بس پڙهندي ئي ان جي دل ۾ مدني انقلاب برپا ٿي ويو پوءِ) چوڻ لڳي،”اي عطاء رحمة الله تعالى عليه مون پنهنجي دل ۾ نور حاصل ڪيوءِ الله عَزَّوَجَلَّ جي خدائيءَ کي ڏسي ورتو، مون کي اسلام کان آگاهہ فرمايو، پاڻ رحمة الله تعالى عليه ان تي **اسلام** پيش ڪيائون تہ بِسۡمِ اللّٰه شريف جي برڪت سان اها بہ مسلمان ٿي وئي، پوءِ پنهنجي گهر موٽي.

انهيءَ رات جڏهن سُتي تہ خواب جي عالم ۾ جنّت ۾ داخل ٿي ۽ ان جنّت جا محل ۽ گنبذ ڏٺا ۽ انهن مان هڪ گنبذ تي لکيل هو بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ مُحَمَّدٌرَّسُوۡلُ اللّٰهِ (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) اُن هِن کي (يعني هن عبارت کي) پڙهيو تہ هڪ مُنادي چئي رهيو هيو، " اي پڙهڻ واري! جيڪو تو پڙهيو، الله عَزَّوَجَلَّ اهڙيءَ ريت سڀ جو سڀ توکي عطا فرمائي ڇڏيو." عورت جاڳي پئي ۽ عرض ڪيائين، " يا الاهي عَزَّوَجَلَّ! مان جنّت ۾ داخل ٿي چُڪي هيس پوءِ تو مون کي ان مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. اي الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي قدرت ڪاملہ جي واسطي مون کي دنيا جي غم مان نجات عطا فرماءِ." جڏهن پنهنجي دعا کان فارغ ٿي تہ گهر جي ڇت ان تي ڪِري پئي ۽ هوءَ شهيد ٿي وئي. تہ الله عَزَّوَجَلَّ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم جي برڪت سان ان تي رحم فرمايو.

(قليوبي حڪايت 26 ص 22، 23)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

تُوۡبُوۡا اِلَی اللّٰه اَسۡتَغۡفِرُ اللّٰه

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

بسم اللہ کی بَرَکت ہے ہم نے پائی جنّت ہے
کتنی اچّھی قسمت ہے یہ سب ربّ کی رَحمت ہے

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت تمام وڏي آهي، اهو پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان پنهنجي ولين جي آستانن تي موڪلي وڏي کان وڏي بگڙيل جي بہ بگڙي بڻائي ڇڏيندو آهي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جو ٻچو ٻچو **اولياءُ الله** رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جي غلاميءَ تي فخر ڪري ٿو. اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جا غلام بہ جڏهن اخلاص سان عاشقانِ رسول جي مدني قافلن ۾ سفر ڪري نيڪيءَ جي دعوت ڏيندا آهن تہ ڪڏهن ڪڏهن ڪافر بہ اسلام جي دامن ۾ اچي ويندا آهن. اهڙيءَ ريت قافلي جي هڪ برڪت ملاحظہ فرمايو.

## هڪ عيسائيءَ جو اسلام قبول ڪرڻ

**خانپور**(پنجاب) جي هڪ مبلغ دعوتِ اسلامي جو بيان آهي تہ باب المدينہ ڪراچيءَ کان سنّتن جي تربيت حاصل ڪرڻ لاءِ تشريف ڪٺي آيل **مدني قافلي** سان گڏ مون کي بہ علائقائي دورو ڪرڻ جو شرف حاصل ٿيو، هڪ درزيءَ جي دڪان جي ٻاهران ماڻهن کي گڏ ڪري اسان"نيڪيءَ جي دعوت" ڏئي رهيا هئاسين. جڏهن بيان ختم ٿيو تہ انهيءَ دڪان جي نوجوان ملازم چيو،"مان **عيسائي** آهيان توهان جي نيڪيءَ جي دعوت منهنجي دل تي گهرو اثر ڪيو آهي، مهرباني فرمائي مون کي اسلام ۾ داخل ڪريو." اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اهو مسلمان ٿي ويو.

مقبول جہاں بھر میں ہو "دعوتِ اسلامی"
صَدقہ تجھے اے ربِّ غفار مدینے کا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿3﴾ بُزُرگ پهلوان

**هڪ** ڪافر ڌاڙيل ڪنهن شاندار محل ۾ داخل ٿيو، اتي هڪ پوڙهي بزرگ ۽ سندس نوجوان ڌيءُ ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ نہ هيو، ان ارادو ڪيو تہ ان **بزرگ** رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کي شهيد ڪري سندس ڌيءُ تي مال متاع سوڌو قبضو ڪري وٺان، اهو سوچي ان حملو ڪيو پر اهي **بزرگ** رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه تہ ڪي **پهلوان** نڪتا! انهن يڪدم ان نوجوان ڌاڙيل کي دَسي وڌو! ڌاڙيل ڪنهن بہ طرح آزاد ٿي وري حملہ آور ٿيو پر **بزرگ پهلوان** رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه ٻيهر سوڀارا ٿي ويا! ايئن ئي ملهہ هلندي رهي، هر ڀيري اهي پيرسن بزرگ رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه ئي ڪامياب ٿيندا رهيا، ڌاڙيل محسوس ڪيو تہ اهي بزرگ رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه آهستي آهستي ڪجهہ پڙهي رهيا آهن، ان پڇيو، ڇا ٿا پڙهو؟ بزرگ پنهنجي پهلوانيءَ جو راز کوليندي مُرڪي چيو، مان ڏاڍو ڪمزور شخص آهيان، بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهان ٿو تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ تو تي غلبو عطا فرمائي ٿو. جڏهن ان ڪافر ڌاڙيل هي ٻُڌو تہ ان جي دل ۾ مدني انقلاب برپا ٿي ويو، ۽ چوٽ لڳو، جنهن دين ۾ **فيضانِ**

**بسم الله** جو هي شان آهي تہ خود ان دين جو خبر ناهي ڇا مَانُ ۾ مرتبو هوندو؟ تنهنڪري هو بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم ٻُڌڻ جي برڪت سان مسلمان ٿي ويو. انهن جا پاڻ ۾ گهاٽا لاڳاپا ٿي ويا ايتري تائين جو ان بزرگ رَحۡمَةُاللّٰهِتَعَالٰیعَلَيۡه جي لاڏاڻي ڪان پوءِ اهو **شاندار محل** ۾ سڀ دولت ان نئين **مسلمان** کي ملي ويئي ۽ ان بزرگ رَحۡمَةُاللّٰهِتَعَالٰیعَلَيۡه جي ڌيءُ سان سندس شادي ٿي وئي.

**(ملخص از اسرار الفاتحه ص 165)**

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي۔**

حمد ہے اُس ذات کو جس نے مسلماں کردیا
عشقِ سلطانِ جہاں سینے میں پنہاں کردیا (قبالہ بخشش)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اهي بزرگ يقينًا وليُّ الله هئا ۽ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم جي برڪت سان هو ڪافر تي غلبو حاصل ڪري پيا وجن جيڪا سندن ڪرامت هئي ۽ آخرڪار بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم جي برڪت سان ڪافر ذاڙيل کي اسلام جي عظيم نعمت ملي وئي. هاڻي هڪ بِسۡمِ اللّٰه جي ديوانيءَ جي ايمان افروز حڪايت ٻُڌو ۽ جهومو:

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿4﴾ ڪوهہ مان ٿيلهي ڪيئن نڪتي؟

هڪ نيڪ عورت هئي جيڪا هرهر ڳالهہ تي بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهندي هئي، سندس مڙس جيڪو **منافق** هو اهو ان جي هن عادت کان ڏاڍو چڙندو هيو، آخرڪار ان هيءَ سوچ سوچي تہ مان پنهنجي گهر واريءَ کي اهڙو ذليل ڪندس جو ياد ڪندي. پوءِ ان گهر واريءَ کي هڪ ٿيلهي ڏيندي چيو تہ، ”سنڀالي رک“. عورت اها ٿيلهي حفاظت سان رکي ڇڏي. مڙس موقعو ڏسي اها ٿيلهي ڪڍي ۽ پنهنجي گهر جي ڪوهہ ۾ اڇلائي ڇڏي تہ جيئن ملڻ ممڪن ئي نہ رهي. ان کان پوءِ هن گهر واريءَ کان ٿيلهي گهري. هيءَ نيڪ ٻانهي ٿيلهيءَ واري جڳهہ تي آئي ۽ جيئن ئي بِسۡمِ اللّٰه پڙهيائين تہ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ **جبريل** عَلَيۡهِ السَّلَام کي حڪم ڏنو تہ تيزيءَ سان وڃ ۽ ٿيلهي ڪوهہ مان ڪڍي ڪري انهيءَ جڳهہ تي رکي اچ. اهڙي طرح سيّدُنا **جبرئيل** عَلَيۡهِ السَّلَام يڪدم اها ٿيلهي ڪوهہ مان ڪڍي ان جڳهہ تي رکي ڇڏي. جڏهن عورت ڪڍڻ جي لاءِ هٿ وڌايو تہ ٿيلهي ائين ئي پئي هئي جيئن ان رکي هئي. مڙس ٿيلهي ڏسي ڏاڍو حيران ٿيو ۽ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ سچيءَ دل سان توبهہ ڪئي. **(قليوبي حڪايت 11 ص11، 12)**

**اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هي سڀ بِسۡمِ اللّٰه جون بهارون آهن جو اٿندي ويهندي ۽ هر جائز ۽ شاندار، ننڍي توڙي وڏي ڪم کان پهريان جيڪو خوش نصيب بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهندو رهندو آهي مصيبت جي وقت ان جي غيب مان مدد ڪئي ويندي آهي.

محبّت میں ایسا گُما یا الٰہی نہ پاؤں پھر اپنا پتا یا الٰہی

## ﴿5﴾ فرعون جو محل

**فرعون** خدائيءَ جي دعويٰ کان پهريان محل ٺهرايو هيو ۽ ان جي ٻاهرئين دروازي تي بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم لکرايو هئائين، جڏهن ان خدائي جي دعويٰ ڪئي ۽ **حضرت سيّدُنا موسىٰ ڪليم الله** عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کيس الله عَزَّوَجَلَّ تي ايمان آڻڻ جي دعوت ڏني، تہ ان نافرماني ڪئي، حضرتِ سيّدُنا موسىٰ **ڪليم الله** عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو، يا الله! عَزَّوَجَلَّ مان هرهر ان کي تنهنجي طرف سڏيان ٿو پر هي نافرمانيءَ کان نہ ٿو مُڙي، مون کي تہ هن ۾ ڀلائيءَ جا آثار نظر ئي نہ ٿا اچن، الله عَزَّوَجَلَّ فرمايو، " **اي موسىٰ** عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تون ان کي ختم ڪرڻ گهرين ٿو، تون هن جي ڪفر کي ڏسي رهيو آهين ۽ مان پنهنجو نالو ڏسي رهيو آهيان جيڪو انهن پنهنجي دروازي تي لکي ڇڏيو آهي!

(تفسير ڪبير ج اول ص 152)

## گھر جي حفاظت جي لاءِ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي گھرجي تہ اسين پنھنجي گھر جي دروازي تي بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم لکي ڇڏيون، اِنشآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ھر قسم جي دنياوي آفتن کان حفاظت ٿيندي. حضرتِ سيّدُنا امام فخرالدين رازي رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا. ”جنھن پنھنجي گھر جي ٻاھرئين دروازي (MAIN GATE) تي بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم لکي ڇڏيو اھو (فقط دنيا ۾) تباھيءَ کان بي خوف ٿي ويو ڇاھي ڪافر ئي ڇو نہ ھجي، تہ ڀلا ان مسلمان جو ڇا حال ھوندو جيڪو سڄي زندگي پنھنجي دل جي آئيني تي ھن کي لکيل رکندو آھي.“ (تفسير ڪبير ج اول ص 152)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿6﴾ توھان انسان آھيو يا جن؟

**ڪتابُ النَّصَائِح** ۾ آھي، مشھور صحابي حضرت سيّدُنا ابو الدَّرداء رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي ٻانھيءَ کين ھڪ ڏينھن عرض ڪيو، ”سائين! سچ تہ ٻڌايو توھان انسان آھيو يا جنّ؟ فرمايائون، اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مان انسان ئي آھيان.“چوڻ لڳي، مون کي تہ انسان نہ ٿا لڳو ڇو تہ مان چاليھن ڏينھن کان لاڳيتو توھان کي زھر کارائي رھي آھيان پر توھان تي ان جو ڪو اثر ئي نہ ٿو ٿئي.“ فرمايائون، ڇا توکي معلوم ناھي جيڪي ماڻھو ھر حال ۾ الله

عَزَّوَجَلَّ جو ذڪر ڪندا رهندا آهن، انهن کي ڪا شيءِ نقصان نٿي پهچائي سگهي، ۽ مان اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **اسمِ اعظم** سان گڏ الله عَزَّوَجَلَّ جو ذڪر ڪندو آهيان. پُڇيائين ”اهو **اسمِ اعظم** ڪهڙو آهي؟“ فرمايائون، (مان هر پيري کائڻ پيئڻ کان پهريان هي پڙهي ڇڏيندو آهيان)

بِسْمِ اللّٰهِ الَّذِیْ لَایَضُرُّ مَعَ اسْمِهٖ شَیْءٌ فِی الْاَرْضِ وَلَا فِی السَّمَاءِ وَهُوَ السَّمِیْعُ الْعَلِیْم

(يعني الله عَزَّوَجَلَّ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جنهن جي نالي جي برڪت سان زمين ۽ آسمان جي ڪا شيءِ نقصان نٿي پهچائي سگهي ۽ اهو ٻُڌڻ ڄاڻڻ وارو آهي)

ان کان پوءِ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کانئس پُڇيائون تہ تو ڪهڙي سبب کان مون کي زهر ڏنو؟ عرض ڪيائين مون کي اوهان سان بغض هيو، هي جواب ٻُڌندي ئي پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمايائون، تون **لِوَجِہِ الله** (يعني الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ) آزاد آهين. ۽ تو مون سان جيڪو ڪجهہ ڪيو اهو بہ مون توکي مُعاف ڪيو.

(حياة الحيوٰنُ الڪُبريٰ جلد اول ص 391)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي۔**

مانندِ شمع تیری طرف لَو لگی رہے
دے لُطف میری جان کو سوز و گداز کا

سُبحٰن الله! صحابهءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَانۡ جي عظمتن جي تہ ڇا ڳالھ ڪجي! اهي سڳورا قرآني حڪم

اِدفَعۡ بِالَّتِی ھِیَ اَحۡسَنُ

ترجمو ڪنزالايمان: **اي ٻڌندڙ! برائيءَ کي ڀلائيءَ سان ٽار** (سيپارو 24 سورة حٰم السجدة 34) جي صحيح تفسير هئا، هرهر زهر پيئارڻ واري ٻانهيءَ کي سزا ڏيارڻ بدران آزاد فرمائي ڇڏيائون! هن حڪايت سان ملندڙ جُلندڙ هڪ ٻي حڪايت ملاحظ فرمايو.

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿7﴾ زهر مليل ڪاڏو

**حضرتِ سيّدُنا ابو مسلم خولاني** قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي جي هڪ ٻانهي ساڻن بغض رکندي هئي، هوءَ کين زهر ڏيندي هئي پر زهر اثر نہ ڪندو هيو. جڏهن ڪافي عرصي تائين اهو معاملو هلندو رهيو تہ چوڻ لڳي، ” مان ڪافي عرصي کان توهان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کي زهر ڏيندي پئي اچان پر توهان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه تي ان جو ڪو اثر ئي نہ ٿو ٿئي! ارشاد فرمايائون،”تو ائين ڇو ڪيو؟“چيائين،”ان جي لاءِ تہ توهان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه بلڪل ڪراڙا ٿي چُڪا آهيو.“ارشاد فرمايائون، ” اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مان ڪاڌڻ، پيئڻ کان اڳ بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي ڇڏيندو آهيان.“ (ان جي برڪت سان زهر کان حفاظت ٿيندي رهي) پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه پوءِ ان کي آزاد فرمائي ڇڏيائون.

(قليوبي حڪايت 64 ص 52)

بے نوا مفلس و محتاج گدا کون؟ کہ میں
صاحبِ جود و کرم وصف ہے کس کا؟ تیرا (ذوقِ نعت)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

سُبحٰنَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! بِسۡمِ اللّٰه شريف جون چا تہ خوب بهارون آهن.

**وسوسو:** روايتن ۾ حڪايتن مان اهو ئي ظاهر ٿئي ٿو تہ بِسۡمِ اللّٰه شريف پڙهي زهر بہ کائون تہ ڪوبہ اثر نہ ٿيندو پر اسان ايڏو وڏو خطرو پنهنجي جان تي ڪيئن کڻون! چو تہ اسان جو تجربو آهي تہ چاهي بِسۡمِ اللّٰه پڙهي ڪري بہ ڪو سٽيو ڪاڏو کائون تہ بہ پيٽ ۾ گڙ بڙ ٿي پوندي آهي!

**وسوسي جو علاج:** ”ڪارتوس“ شينهن کي بہ ماري سگهي ٿو جڏهن تہ بهترين بندوق سان چڱيءَ طرح فائر (FIRE) ڪيو وڃي، ان کي هيئن سمجهو تہ وِردَ ۽ وظيفا ۽ دعائون ”ڪارتوس“ وانگر آهن ۽ پڙهڻ واري جي زبان بندوق وانگر. تہ دعائون اهي ئي آهن پر اسان جون زبانون صحابين ۽ ولين سڳورن عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جهڙيون ناهن. جنهن زبان سان روزانو ڪوڙ، گلا، غيبت، چُغلي، گارگند، دل آزاري ۽ بد اخلاقي نڪرندي هجي ان ۾ تاثير ڪٿان ڪان اچي؟ اسان **دعا** تہ گهرندا ئي آهيون پر جڏهن مشڪل ايندي آهي تہ **بزرگن** وٽ حاضر ٿي ڪري بہ دعا جي درخواست ڪندا آهيون، چو؟ ان لاءِ تہ هر هڪ جو ذهن اهو ئي ٺهيل آهي تہ **پاڪ**

**زبان** مان نڪتل دعا وڏيڪ ڪارگر هوندي آهي. يقيناً بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي ڪري حضرتِ **خالد** بن وليد رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ بنا خوف جي زهر پي ڇڏيو، اَلۡحَمۡدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ سندن جي زبان پاڪ، سندن جي دل پاڪ ۽ انهن جو سڄو وجود گناهن کان پاڪ تنهن ڪري الله عَزَّوَجَلَّ جي پاڪ نالي جي برڪت سان **زهر** اثر نہ ڪيو، اهڙيءَ ريت حضرتِ سيّدُنا **ابُوالدرداء** ۽ سيّدُنا **ابو مسلم** خولاني رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا پنهنجي پاڪ زبان سان **الله** عَزَّوَجَلَّ جو پاڪ نالو وٺندا هئا تہ زهر بي اثر رهجي ويندو هو. نہ تہ زهر وري بہ زهر ئي هوندو آهي. انسان کي ڪٺان جو بہ نہ ڇڏيندو آهي. ان کي هن لڱ ڪانداريندڙ **حڪايت** مان سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو، ”**ڪتاب الاذڪياء** “ ۾ آهي، هڪ حج جو قافلو سفر جي دوران هڪ چشمي تي پهتو، معلوم ٿيو تہ هتي ماهر طبيبن جو گهر آهي، انهن وٽ وڃڻ جو انهن هي بهانو ٺاهيو تہ جهنگ جي هڪڙي ڪانيءَ سان پنهنجي هڪڙي ساٿيءَ جي (ٽنگ جي پنيءَ تي **رهڙ** ڏنائون جنهن سان ان مان رت وهڻ لڳو، پوءِ ان کي کڻي ان گهر جي دروازي تي پهچي ڪري آواز ڏنائون، ”ڇا **نانڳ** جي ڏنگ جو هتي علاج ممڪن آهي؟“ آواز ٻُڌي ڪري هڪ ننڍڙي ڇوڪري ٻاهر نڪري آئي، ان پنيءَ جي زخم کي غور سان ڏسي چيو، ”هن کي نانگ ناهي ڏنگيو بلڪ جنهن شيءِ سان هن کي رهڙ آئي آهي ان تي ڪو **نر نانگ** پيشاب

ڪري ويو هوندو، هاٿي هي شخص ڪونہ بچندو، جڏهن سج اڀرندو تہ هي مري ويندو!" ۽ پوءِ ائين ئي ٿيو سج اڀرندي ئي ان دم ڏئي ڇڏيو. (ملخص از حيات الحيوان الڪبريٰ جلد اول ص 391)

ہر شے سے عیاں مرے صانع کی صَنعتیں

عالم سب آئینوں میں ہے آئینہ ساز کا (ذوقِ نعت)

**يا ربِ مصطفيٰ** ! عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي هرهر بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهڻ جي سعادت عطا فرماءِ، گناهن کان نجات عطا ڪري، اسان جي بخشش فرماءِ. ياالله عَزَّوَجَلَّ ! اسان کي مدينهء منوره ۾ زيرِ گنبذِ خضرا جلوهء محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ شهادت ۽ **جنّت البقيع** ۾ مدفن ۽ **جنّت الفردوس** ۾ پنهنجي مدني حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو عطا فرماءِ. پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سڄي امت جي بخشش فرماءِ. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

تُوْبُوْا اِلَى اللّٰه اَسْتَغْفِرُ اللّٰه

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## همدرديءَ جو ثواب

**فرمانِ مصطفيٰ** : جيڪو شخص پنهنجي ڪنهن (مسلمان) ڀاءُ جي مصيبت ۾ تعزيت ڪندو (يعني تسلي ڏيندو) آهي، الله عَزَّوَجَلَّ قيامت جي ڏينهن ان کي عزّت جو لباس پهرائيندو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ؕ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ ؕ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

## محمود غزنوي جي بارگاهِ رسالت ۾ مقبوليت

حضرت سلطان محمود غزنوي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه [1] جي خدمت ۾ هڪ شخص حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين تہ مان گهڻي عرصي کان الله عَزَّوَجَلَّ جي حبيبِ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ديدار جو آرزو مند هيس قسمت سان گذريل رات سرورِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت جي سعادت ملي. محبوبِ ڪريم رؤف رحيم، شاهِ غَيُور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي خوش ڏسي ڪري عرض ڪيم، يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! آءٌ هڪ هزار درهمن جو مقروض آهيان، هن جي ادائيگيءَ کان عاجز آهيان ۽ ڊڄان ٿو تہ جيڪڏهن انهيءَ حالت ۾ مري ويس تہ قرض جو بار منهنجي مٿان هوندو. رحمتِ عالم، نُورِ مجسم، شاهِ بني آدم، رسولِ محتشم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايائون، محمود سُبُڪْتَگين وٽ وڃو. اهو توهان جو قرض لاهي ڇڏيندو. مون عرض ڪيو،

---

[1] محمود غزنوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی ڏهين صدي عيسوي ۾ غزني جا تمام وڏا بهادر ۽ عاشقِ رسول بادشاھ گذريا آهن انهن جو نالو سلطان ناصرالدين ابن سُبُڪْتَگين هيو، انهن ڪافي جنگيون فتح ڪيون. ايتري تائين جو هندوستان تي 22 ڀيرا حملا ڪيا ۽ زبردست ڪاميابيون حاصل ڪيون.

اهي ڪيئن اعتماد ڪندا؟ جيڪڏهن انهن جي لاءِ ڪا نشاني عنايت فرمائي وڃي تہ وڏو احسان ٿيندو. پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايائون، وڃي ڪري انکي چئو اي محمود! توهين رات جي اوّل حصي ۾ ٽيهہ هزار ڀيرا درود شريف پڙهندا آهيو ۽ وري سجاڳ ٿي ڪري رات جي آخري حصي ۾ وڌيڪ ٽيهہ هزار ڀيرا پڙهندا آهيو اها نشاني ٻڌائڻ سان (اِنۡشَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ) هو توهان جو قرض لاهي ڇڏيندو. سلطان محمود عليہ رحمۃ اللہ الودود جڏهن شاهِ خير الانام صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو رحمتن ڀريو پيغام ٻُڌو تہ روئڻ لڳا ۽ تصديق ڪندي ان جو قرض لاهي ڇڏيائون ۽ هڪ هزار درهم وڌيڪ پيش ڪيائون. وزير وغيره متعجب ٿي ڪري عرض گذار ٿيا! عاليجاه! هن شخص هڪ ناممڪن ڳالهہ ٻڌائي آهي ۽ توهان بہ ان جي تصديق فرمائي ڇڏي حالانڪہ اسان توهان جي خدمت ۾ حاضر ٿيندا آهيون توهان ڪڏهن ايتري تعداد ۾ درود شريف پڙهيو ئي ناهي ۽ نہ ئي ڪو ماڻهو سڄي رات ۾ سٺ هزار ڀيرا درود شريف پڙهي سگهي ٿو. سلطان محمود رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ فرمايو توهان سچ ٿا چئو پر مان علماءِ ڪرام کان ٻُڌو آهي تہ جيڪو شخص **ڏهہ هزاري درود شريف** هڪ ڀيرو پڙهي وٺي ان جڻ تہ ڏهہ هزار ڀيرا درود شريف پڙهيا مان ٽي ڀيرا رات جي اول ۾ ۽ ٽي ڀيرا رات جي آخر ۾ **ڏهہ هزاري درود شريف** پڙهي ڇڏيندو آهيان. اهڙيءَ طرح منهنجو

گمان هيو تہ مان هر رات سٺ هزار ڀيرا درود شريف پڙهندو آهيان. جڏهن ان خوشنصيب عاشقِ رسول، شاهِ خير الانام صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو رحمتن ڀريو پيغام پهچايو، مون کي ان **ڏهہ هزاري درود شريف** جي تصديق ٿي وئي، ۽ روئڻ ان خوشي مان هيو جو علماءِ ڪرام جو فرمان صحيح ثابت ٿيو تہ رسول غيب دان، رحمت عالميان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن تي گواهي ڏني آهي. **(ملخص از: تفسير روح البيان ج 7 ص234 مکتبه عثمانيه کوئٹه)**

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!     صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڏهہ هزاري درود شريف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ مَّااخْتَلَفَ الْمَلَوَانِ وَتَعَاقَبَ الْعَصْرَانِ وَكَرَّ الْجَدِيْدَانِ وَاسْتَقَلَّ الْفَرْ قَدَانِ وَبَلِّغْ رُوْ حَهٗ وَاَرْوَاحَ اَهْلِ بَيْتِهٖ مِنَّا التَّحِيَّةَ وَالسَّلَامَ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ عَلَيْهِ كَثِيْرًا.

**ترجمو:** اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي سردار محمد صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود موڪل جيستائين جو ڏينهن گردش ۾ رهن ۽ واري واري تي اچن صبح ۽ شام، واري واري تي اچن رات ڏينهن، ۽ جيسيتائين جو ٻہ ستارا بلند آهن. ۽ اسان جي طرف کان پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ۽ اهلبيت (رِضْوَانُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْن) جي ارواح کي سلام پهچاءِ ۽ برکت ڏي ۽ انهن تي تمام گهڻا سلام موڪل.

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ۠ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ ۠
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ۠ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۠

# چاليهه روحاني علاج

## درود شريف جي فضيلت

حضرتِ سيّدُنا شيخ احمد بن منصور عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡغَفُوۡر جڏهن وفات فرمائي تہ اهلِ شيراز مان ڪنهن خواب ۾ ڏٺو تہ اهي شيراز جي جامع مسجد جي محراب ۾ بيٺا آهن ۽ انهن کي بهترين حُلو (يعني جنّتي لباس) پهريل آهي ۽ مٿي تي موتين وارو تاج سجيل آهي. خواب ڏسڻ واري حال دريافت ڪيو تہ فرمايائون: الله تعاليٰ مون کي بخشيو، ڪرم فرمايو ۽ تاج پارائي جنّت ۾ داخل ڪيو. ”ڪانئن پُڇيو ويو، ڪهڙي سبب ڪان؟ فرمايائون: ”مان تاجدار مدينه صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ڪثرت سان درودِ پاڪ پڙهندو هئس اهو ئي عمل ڪم اچي ويو.

**الحمدللّٰه رب العٰلمين**

(القول البديع ص 254)

هر ورد جي شروع ۽ آخر ۾ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهو، فائدو ظاهر نہ ٿيڻ جي صورت ۾ شڪايت ڪرڻ بدران پنهنجي

ڪوتاهين جي نحوست تصور ڪيو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي مصلحت (يعني حڪمت) تي نظر رکو.

1 ”هُوَاللهُ الرَّحِيۡمُ“: جيڪو هر نماز کان پوءِ ست پيرا پڙهي تہ اِنۡ شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ شيطان جي شر کان محفوظ رهندو ۽ ان جو ايمان تي خاتمو ٿيندو.

2 ”يَامَلِكُ“: 90 پيرا جيڪو غريب ۽ مسڪين روزانو پڙهندو رهي تہ ان شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ غُربت کان ڇوٽڪارو ماڻي مالدار ٿي ويندو.

3 ”يَاقُدُّوۡسُ“: جيڪو بہ سفر جي دوران ورد ڪندو رهي تہ اِنۡ شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ ٿڪاوٽ کان محفوظ رهندو.

4 ”يَا سَلَامُ“: 111 پيرا پڙهي ڪري بيمار جي مٿان دم ڪرڻ سان اِنۡ شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ شفا حاصل ٿيندي .

5 ”يَامُهَيۡمِنُ“: 29 پيرا روزانو جيڪو بہ غمگين پڙهي وٺي تہ اِنۡ شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ ان جو غم دور ٿيندو.

6 ”يَامُهَيۡمِنُ“: 29 پيرا روزانو پڙهڻ وارو، اِنۡ شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ هر آفت ۽ بلا کان محفوظ رهندو.

www.dawateislami.net

7 ”يَا عَزِيْزُ“: 41 پيرا حاڪم يا آفيسر وغيره وٽ (جائز مقصد لاءِ) وڃڻ ڪان اڳ پڙهي وٺو تہ اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ اهو حاڪم يا آفيسر مهربان ٿي ويندو.

8 ”يَا مُتَكَبِّرُ“: 21 پيرا روزانو پڙهي وٺو، پوائتا خواب ايندا هجن تہ اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ خواب ۾ نہ ڊڄندؤ. (علاج جي مدت شفا حاصل ٿيڻ تائين)

9 ”يَا مُتَكَبِّرُ“: گهرواريءَ سان ”ميلاپ“ ڪان اڳ ۾ 10 پيرا پڙهڻ وارو اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ نيڪ پٽ جو پيءُ ٿيندو.

10 ”يَا بَارِىءُ“: ڏهہ پيرا جيڪو بہ هر جمعي تي پڙهي تہ اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان کي پٽ عطا ٿيندو.

11 ”يَا قَهَّارُ“: 100 پيرا جيڪڏهن ڪا مصيبت اچي وڃي تہ پڙهو اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ مشڪل آسان ٿيندي.

12 ”يَا وَهَّابُ“: ست پيرا جيڪو روزانو پڙهي تہ اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ مُسْتَجابُ الدَّعوَات ٿيندو. (يعني هر دعا قبول ٿيندي)

13 ”يَا فَتَّاحُ“: جيڪو 70 پيرا روزانو فجر جي نماز

www.dawateislami.net
I.T Majlis of Dawateislami

كان پوءِ ٻئي هٿ سيني تي رکي پڙهندو رهي ته اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي دل جو زنگ ۽ مير ختم ٿيندو.

مدينه 14 ”يَا فَتَّاحُ“: 7 ڀيرا، جيڪو روزانو (ڪنهن به وقت ڏينهن ۾ هڪ ڀيرو) پڙهي ته اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي دل روشن ٿيندي.

مدينه 15 ”يَا قَابِضُ، يَا بَاسِطُ“: 30 ڀيرا جيڪو هر روز پڙهي اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ دشمن تي فتح حاصل ڪندو.

مدينه 16 ”يَا رَافِعُ“: 20 ڀيرا روزانو جيڪو پڙهندو رهي اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي مُراد پوري ٿيندي.

مدينه 17 ”يَا بَصِيْرُ“: ست ڀيرا جيڪو روزانو ٽيپهريءَ جي وقت (يعني ٽيپهريءَ جو وقت شروع ٿيڻ کان سج لهڻ تائين ڪنهن به وقت) پڙهندو اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ اوچتي موت کان محفوظ رهندو.

مدينه 18 ”يَا سَمِيْعُ“: 100 ڀيرا روزانو جيڪو پڙهي ۽ ان دوران گفتگو نه ڪري ۽ پڙهي ڪري دعا گهري. اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ جيڪو ڪجهه گهرندو، سو ماڻيندو.

مدينہ 19 “يَا حَكِيْمُ”: 80 ڀيرا روزانو جيڪو پنجن ئي نمازن کان پوءِ پڙهندو رهي اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ڪنهن جو محتاج نہ ٿيندو.

مدينہ 20 “يَا جَلِيْلُ”: 10 ڀيرا پڙهي ڪري جيڪو پنهنجي مال، ملڪيت ۽ رقم وغيره تي دم ڪري تہ اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ اهي چوريءَ کان محفوظ رهندا.

مدينہ 21 “يَا شَهِيْدُ”: 21 ڀيرا صبح جو (سج ايرڻ کان پهرين پهرين) نافرمان ٻار (ڇوڪرو يا ڇوڪري) جي پيشانيءَ تي هٿ رکي آسمان جي طرف منهن ڪري جيڪو پڙهندو تہ اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي اها ڇوڪريءَ يا ڇوڪرو نيڪ ٿيندو.

مدينہ 22 “يَا وَكِيْلُ”: 7 ڀيرا جيڪو روزانو ٽيپهريءَ جي وقت پڙهي اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ آفتن کان پناهہ ۾ رهندو.

مدينہ 23 “يَا حَمِيْدُ”: 90 ڀيرا، جنهن جي خراب ڳالهائڻ جي عادت نہ وڃي اهو پڙهي ڪري ڪنهن خالي پيالي يا گلاس ۾ دم ڪري، ضرورت آهر ان ۾ پاڻي پيئي اِن شَآءَ الله

عَزَّوَجَلَّ خراب ڳالهين جي عادت نڪري ويندي . (هڪ پيرو دم ڪيل گلاس سالن تائين استعمال ڪري سگهجي ٿو)

24 "يا مُحْصِيُ": **1000** پيرا، جيڪو به هر جمعرات (يعني خميس ۽ جمعه جي وچين رات) پڙهندو رهي اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ قبر ۽ قيامت جي عذاب کان محفوظ رهندو.

25 "يَا مُحْيِيُ": **7** پيرا پڙهي ڪري پنهنجي مٿان دم ڪري ڇڏيو، گيس هجي يا پيٽ يا ڪنهن به جڳهه تي سور هجي يا ڪنهن عضوي جي ضايع ٿيڻ جو خوف هجي اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ فائدو ٿيندو. (علاج جي مدت شفاءَ حاصل ٿيڻ تائين آهي، روزانو گهٽ مان گهٽ هڪ پيرو)

26 "يَا مُحْيِيُ، يَا مُمِيْتُ": **7** پيرا روزانو پڙهي ڪري جيڪو پنهنجي مٿان دم ڪندو رهي ته اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ جادو اثر نه ڪندو.

27 "يَا وَاجِدُ": جيڪو به ماني کائڻ وقت هر گرهه تي پڙهندو رهندو اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ اهو ڪاڏو ان جي پيٽ ۾ نور ٿيندو ۽ بيماري ختم ٿيندي.

28 "يَا مَاجِدُ": **10** پيرا پڙهي ڪري شربت وغيره تي دم ڪري جيڪو پيئندو اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ بيمار نه ٿيندو.

مدينه 29 ”يَـاوَاحِـدُ“: هـڪ هـزار هـڪ پيـرو جـنهن کـي اڪيلائپ ۾ خوف ٿيندو هجي سو اڪـيلائيءَ ۾ پڙهـي تـہ اِنۡ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي دل مان خوف ختم ٿي ويندو.

مدينه 30 ”يَاقَادِرُ“: جيڪو وضوءَ جي دوران هر عضوي جي ڌوئڻ وقت پڙهڻ جو معمول بڻائي ڇڏي تہ اِنۡ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ دشمن ان کي اِغوا نہ ڪري سگهندو.

مدينه 31 ”يَاقَادِرُ“: 41 پيرا آفت (مشڪل) اچي وڃي تہ پڙهي اِنۡ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ آساني ٿيندي.

مدينه 32 ”يَامُقْتَدِرُ“: 20 پيرا جيڪـو روزانـو پڙهـندو رهي اِنۡ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ رحمتن جي ڇانو ۾ رهندو.

مدينه 33 ”يَامُقْتَدِرُ“: 20 پيرا جيڪو ننڊ کان سجاڳ ٿيڻ تي پڙهندو ان جي هر ڪم ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي مدد شامل رهندي.

مدينه 34 ”يَـااَوَّلُ“: 100 پيـرا روزانـو جيڪـو پڙهـنـدو اِنۡ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي زال ان سان محبت ڪندي.

مدينه 35 ”يَامَانِعُ، يَامُعْطِيْ“: 20 پيرا گهرواري ناراض هجي تہ

مڙس، جيڪڏهن مڙس ناراض هجي تہ گهرواري سمهڻ کان پهريان بستري تي ويهي پڙهي تہ اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ صلح ٿي ويندو. (مدت: مُراد حاصل ٿيڻ تائين)

مدينه 36 "يَا ظَاهِرُ": گهر جي ڀت تي لکي ڇڏيو، اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ڀت سلامت رهندي.

مدينه 37 "يَا رَءُوْفُ": 10 ڀيرا جيڪو ڪنهن مظلوم جي، ڪنهن ظالم کان جان ڇڏائڻ چاهي تہ پڙهي، پوءِ ان ظالم سان ڳالهائي، اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ظالم ان جي سفارش قبول ڪندو.

مدينه 38 "يَا غَنِيُّ": ڪرنگهي جي هڏي، گوڏن، جوڙن وغيره جسم ۾ ڪٿي بہ سور هجي تہ اُٿندي ويهندي پڙهندا رهو اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ سور ختم ٿي ويندو.

مدينه 39 "يَا مُغْنِيُ" : هڪ ڀيرو پڙهي هٿن تي دم ڪري سور جي جڳهہ تي گهمائڻ سان اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ سُڪون ملندو.

مدينه 40 "يَا نَافِعُ": 20 ڀيرا، جيڪو ڪنهن ڪم شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ پڙهي وٺي اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ اهو ڪم ان جي مرضيءَ جي مطابق پورو ٿيندو

www.dawateislami.net